ماھوار مئگزين

# ھمسري

حيدرآباد

آڪٽوبر 2019



## معصومن جون روڙي مُرڪون
## ٽولاش ٽنگي ھي نياڻين جا
## ھيءُ ڪھڙو ھٿ شيطاني آ؟



Our Services
For Women
◆ Hair Cuts ◆ Pedicure ◆Styling ◆Color
◆Treatments ◆Manicure ◆Texture
◆ Bridal Make-up
For Men
◆ Hair Cuts ◆Color ◆ Groom
◆Trim ◆Texture
RASHID
SALON
UNISEX
Shop #320 ,
Level-3 Park Towers, Karachi
0213-5876912, 5876913

# سٿاءُ


ايڊيٽوريل .......... 04

**راءِ ۽ تبصرا**

همسريءَ ۾ همسفر ٿي .......... 05

**ادب**

سنڌ جي دانشڪدي جا بت ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪندڙ حيدر علي لغاري...... شوڪت اجڻ 6

حڪيم عمر خيام جون رباعيون.......... يوسف سنڌي 9

سنڌي ادب جو دلير ليکڪ: طارق اشرف مرحوم.......... سليم چنا 11

نوبل انعام يافتہ اديب اوڪتا ويوپاز: زميني توانائين جو تخليقڪار.......... سرمد غني 13

معصوم موسيقار موزارٽ.......... مدهوش مير 16

زندگيءَ جا راز.......... احساس ميرل 18

**اکري سئو وکري**

شاهہ لطيف بيت، پهاڪو، مختصر ڪهاڻي، نظم.......... 20

**ٽريولاگ**

لوئر ميوزيم جو سير ۽ حمورابي جا آئيني نقطا.......... اعجاز منگي 21

**پئنل ڊسڪشن**

پئنل ڊسڪشن.......... (ماڊريٽر) زاهده ابڙو 23

**سماجيات**

سنڌ ۾ هن وقت غربت جي شام غريبان لڳل آهي!.......... شوڪت لوهار 30

مارڪسزم: فطرت ڪان سماج تائين.......... پروفيسر ساجد سومرو 32

نائلا رند کان نمرتا ڪماري تائين.......... حفيظ چانڊيو 33

**ڪهاڻيون**

انسانيت جو علمبردار.......... اصغر علي جمالي 35

جيجل ماءُ.......... ڊاڪٽر پائي خان "هالار" سولنگي 37

**سلسليوار ناول**

رنگ گرهڻ.......... ضراب حيدر 38

**پروفائل**

نور احمد جنجهي.......... امر رائيسنگهہ راجپوت 41

**ڪتابن تي تبصرو**

مونا طور سينا - ڪڪر منجهہ ڪپار.......... انور قاضي/اعظم پٽي 42

**قانون**

ايف. آءِ. آر درج نہ ٿيڻ جي صورت ۾ ڇا ڪجي؟.......... عامر درازي 43

**شاعري ۽ شعور** (نظم، غزل، گيت، نثري نظم).......... 44

**آرٽ ڪارنر**

آرٽ.......... صبا قيوم لغاري 46



Regd. No: 3160-A

ماهوار منگزين

همسري

حيدرآباد

A.B.C CERTIFIED

مئنيجنگ ايڊيٽر:
ڊاڪٽر شمس صديقي

ايڊيٽر:
زاهده ابڙو

جوائنٽ ايڊيٽر:
ارم محبوب

سب ايڊيٽر:
لطيف گاد

خصوصي عيوضي:
محمد راهب ڳاهو

سوشل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر:
علي ڪهاوڙ

مئنيجر مارڪيٽنگ:
غلام سرور (شيخ سنڌي)

سرڪيوليشن مئنيجر:
قمر ٽڳڙ

ڪمپوزنگ:
سليم سولنگي

ڊيزائن ۽ لي آئوٽ:
رابيل عزيز

سول ڊسٽريبيوٽرز:
راڇپر برادرز

آفيس ائڊريس:
بي -49 شريف اسڪوائر
حسين آباد حيدرآباد سنڌ.

فون: 022-3820363
فيڪس: 022-3820363
اِي ميل: humsari.sindh.pk@gmail.com
ويب سائيٽ: www.humsari.com

Volume: 05
Number: 10
October 2019
Regd. No: 3160-A Copr.

قيمت: =/100 رپيا

هي پرچو زاهده ابڙو
خوشبو پرنٽنگ پريس حيدرآباد تان
ڇپائي پڌرو ڪيو.

ايڊيٽوريل

# يونيورسٽين ۾ نياڻيون غير محفوظ ۽ سنڌن تعليم خطري ۾

16 سيپٽمبر تي لاڙڪاڻي جي بيبي آصفہ ڊينٽل ڪاليج ۾ هاسٽل نمبر 3 جي ڪمري نمبر 47 ۾ نمرتا نالي هڪ نياڻيءَ جو لاش هٿ آيو، جنهن جي لاش هٿ اچڻ ڪانپوءِ ترت ئي نہ وي. سي کي اطلاع ڏنو ويو ۽ نہ وري ڪاليج جي رجسٽرار کي. سندس ڪمري جو دروازو ڪنهن کوليو، ڪنهن پهڳو ان لاءِ بہ مختلف رايا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. ان ڪانسواءِ نمرتا جي ڳلي تي ڪنهن سنهي تار سان گهٽو ڏيڻ جي بہ شاهدي ملي ٿي، پر سندس ڳچيءَ ۾ رئو بہ ٻڌل هو جيڪو ڪجهہ شاگرداڻين ڦينچيءَ سان ڪٽي لاٿو هو. ڳالهہ ڪرڻ جو مقصد اهو آهي تہ ڪرائيم سين کي تباهہ ڪيو ويو ۽ اتان ملندڙ ثبوتن کي بہ برباد ڪيو ويو. اسان جي سماج ۾ قانون جي سمجهہ ۽ تعليم ڏيڻ کي بنهہ غير ضروري سمجهيو ٿو وڃي، جنهنڪري ملڪ جي ٻہ دفعا رهندڙ وزيراعظم بينظير ڀٽو کي جڏهن قتل ٿو ڪيو وڃي تہ جاءِ واردات تي خون جا سيئي نشان ۽ ثبوت جلد ئي ڌوئي ختم ڪيا ٿا وڃن، ساڳئي ريت نمرتا جي ڪيس ۾ بہ ڏسڻ ۾ آيو، پر ممڪن آهي تہ اهو جذبات ۾ اچي سندس گهٽگهرين ڪيس بچائڻ لاءِ ڪيو هجي، پر ائين ڪرڻ لاءِ اسان جي نوجوانن جي تربيت ٿيڻ گهرجي تہ اهڙي صورتحال ۾ هو ڪهڙو ردِ عمل ڏيکارين ۽ ثبوتن کي نقصان نہ رسائين. نمرتا جي موت واري واقعي سيني مائٽن جي دلين ۾ ڏهڪاءُ پيدا ڪري ڇڏيو آهي ڇو تہ هن وقت سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون تعليم ڏانهن وري سنجيدگيءَ سان مائل ٿي رهيا آهن اهي سرڪاري توڙي خانگي ڪاليجن يا يونيورسٽين ۾ داخلا وٺي هاسٽلن ۾ رهن ٿا ۽ پنهنجي مستقبل کي سنوارڻ لاءِ سپنا اکين ۾ سجائي تعليم حاصل ڪن ٿا. اهي سپنا صرف انهن شاگردن جي اکين ۾ اٽيل ناهن هوندا، پر سندن والدين بہ اهڙا سپنا پنهنجي اکين ۾ سينگارين ٿا. اهڙي صورت ۾ جڏهن نياڻين جا قتل ٿين ٿا يا توڙي خودڪشيون ئي ٿينديون هجن، انهن جو سبب ڳولهڻ سماج جي گڏيل ذميداري آهي. ٻہ سال پهرين جڏهن نائلا رند جو لاش سندس ڪمري مان هٿ آيو هو تہ هڪ پاسي سندس همدرد هئا تہ ٻئي پاسي مٿس تهمتون هڻندڙ. سماج ۾ نيڪي ۽ بدي گڏوگڏ هلن ٿا، پر هڪ نياڻي جي قتل ڪانپوءِ ان مٿان بهتان بازيءَ وارو رويو ان جي ڪيس کي ڪمزور ڪري ٿو ڇڏي، جنهن جو سنئون سڌو فائدو قاتل يا قاتلن کي رسي ٿو.

هن وقت اسان جا تعليمي ادارا پنهنجو اصل ڪردار ادا ڪرڻ بجاءِ مافيائن جو ڳڙهہ بڻيل آهن. تعليمي ادارن ۾ انتظامي ڪمزوريون عروج تي نظر اچن ٿيون. ڇو تہ جتي تعليمي ادارن جا سربراهہ ميرٽ جي لتاڙ ڪري رکيا ويندا هجن ۽ اهي وري ذاتي تنظيمون ناهي طاقتور مافيائن جو روپ ڌاري وڃن تہ تعليمي ادارن اندر سڌارا آڻڻ بدران پنهنجن آقائن کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل رهندا. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي تہ اسان جي يونيورسٽين جا بجيٽ ڪافي هجڻ باوجود ناڪافي آهن ۽ پوءِ اينٽري ٽيسٽن ۾ بہ ميرٽ کي چيپاڻڻ ۽ لتاڙڻ جي باقائده پلاننگ ڪئي وڃي ٿي تہ جيئن پئسي وارن جي ٻارن کي زوري زبردستي بہ يونيورسٽين تائين رسايو وڃي ۽ اهڙن نااهل شاگردن کي داخلائون ڏيڻ جو هڪ الڳ نظام جوڙيل آهي جنهن مان پئسو ڪمائڻ وارا پئسو ڪمائين ٿا. انتظاميہ اکيون ٻوٽي سنڌل رهي ٿي ۽ اها پئسا جوڙيندڙ مافيا جڏهن ڪنهن شاگرد يا شاگرداڻي کان خطرو محسوس ڪري ٿي تہ ان کي ڌمڪائي ۽ هيسائي ٿي ۽ نقصان پهچائڻ کان بہ باز نٿي اچي.

شاگرد ۽ شاگرداڻيون بہ ڪيتريون ئي ڳالهيون پنهنجن والدين يا دوستن کان لڪائين ٿا، جيڪو هڪ خطرناڪ عمل آهي. هن وقت سنڌ جي والدين جو اعتماد تعليمي ادارن ۽ انهن جي هاسٽلن جي انتظاميہ تان کڄي چڪو آهي. جتي ڪيترائي والدين پنهنجو ذهن تبديل ڪري نياڻين کي تعليم وٺرائڻ لاءِ تيار ٿيندا هوندا اتي اهڙا حادثا ڪين پنهنجي پراڻي فيصلي تي ٻيهڻ لاءِ همٿائيندا هوندا تہ سندن نياڻيون صرف گهرن ۾ ئي محفوظ رهي سگهن ٿيون. نياڻين جو هاسٽلن ۾ غير محفوظ هجڻ وارو احساس ۽ ادارن اندر مافيائن جو نياڻين سان غلط رويو ڇوڪرين جي مستقبل ۽ سندن تعليم تي يقينن منفي اثر وجهي رهيو آهي.

نمرتا جي والدين هيستائين سندن ڌيءَ جي قتل جي ايف. آءِ. آر بہ درج نہ ڪرائي آهي، جيڪو هڪ وڏو سواليہ نشان آهي تہ ڇا سندن والدين کي قانون تي ۽ تفتيشي ادارن تي اعتماد ناهي جو هنن ساڻن ٿيندڙ زيادتيءَ خلاف قانوني چاره جوئي نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جيڪڏهن سندس والدين ايف. آءِ. آر درج نٿا ڪرائين تہ رياست جي مدعيت ۾ بہ اهڙي ايف. آءِ. آر درج ٿي سگهي ٿي ۽ ڌوهارين تائين پهچي سگهجي ٿو. ان معاملي جي تفتيش ايمانداريءَ سان ٿيڻ گهرجي تہ نمرتا جو قتل ڪيئن ٿيو ۽ ان قتل ۾ ڪهڙيون ڌريون ملوث آهن ۽ سندس قتل جا سبب ڪهڙا هئا يا جيڪڏهن اها خودڪشي هئي تہ ان جا سبب ڪهڙا هئا جو هڪ هشاش بشاش نياڻيءَ کي پنهنجي زندگيءَ تان ئي هٿ کڻڻو پئجي ويو، ڪهڙين حالتن ڪيس ائين ڪرڻ تي مجبور ڪيو؟

يونيورسٽين جي انتظاميہ کي پنهنجن شاگردن جو خيال رکڻ گهرجي، پر نياڻين جي معاملي ۾ اڃان وڌيڪ حفاظتي قدم کڻڻ گهرجن، هاسٽلن جي سيڪيورٽيءَ کي سائنسي ۽ ٽيڪنيڪل بنيادن تي محفوظ بڻايو وڃي تہ هر ايندڙ ۽ ويندڙ جي ڊيٽا، ڊيٽابيس ۾ محفوظ رهي سگهي. ڇوڪرين کي پنهنجي تحفظ لاءِ سجاڳي ڏني وڃي ۽ هر مهيني يا پندرهن ڏينهن ڪانپوءِ ڪين ليڪچر ڏنا وڃن تہ هو پنهنجي تحفظ لاءِ ڇا ڪري سگهن ٿيون ۽ ڪنهن بہ خطري جي صورت ۾ هو ڪنهن کي ۽ ڪهڙيءَ ريت اطلاع ڪن، معمولي ۽ مشڪوڪ صورتحال ۾ بہ ان جو اطلاع درج ڪرائين. سماج جيئن نمرتا جي قتل تي ايڪتا جو مظاهرو ڪيو آهي اهو سڌريل سماجن جي اهڃاڻن مان هڪ اهڃاڻ آهي. اسان کي بهتان بازي ۽ اجاين شڪن شبهن کان پاسو ڪري پنهنجي آئيني ۽ قانوني ادارن تي اعتماد ڪرڻ گهرجي تہ جيئن اهي پنهنجو صاف ۽ شفاف ڪردار ادا ڪن ۽ خوف ۾ ورتل مائٽن ۽ هاسٽل ۾ رهندڙ نياڻين جي اعتماد کي بحال ڪرڻ لاءِ جوڳا قدم کنيا وڃن، جنهن ۾ ذميدار هاسٽل انتظاميہ جي تقرري اهم آهي. جيڪڏهن سنڌ حڪومت ان مسئلي تي سنجيدگيءَ سان ڌيان نہ ڏنو تہ سنڌ جي نياڻين جو روشن مستقبل وري اونداهي ۾ گم ٿي سگهي ٿو.



# همسري ۾ همسفر ٿي آءُ ونڊيون خيال دل جا

خط جي متن سان ايڊيٽر جو متفق هجڻ ضروري نہ آهي

## سانگي شبير ڪنير/سنڌڙي ميرپورخاص

گذريل مهيني وارو همسري جو پرچو مليو ايڊيٽوريل کي پڙهيم تہ امر جليل جو هڪ جملو ذهن ۾ تري آيو، امر چيو هو تہ ”انسان جي سيني کان وڏي شناخت ان جو شناختي ڪارڊ آهي“ ۽ اسان وٽ انهيءَ شناخت جو غلط استعمال ٿي رهيو آهي. جنهن کي ايڊيٽوريل ۾ سٺي نموني بيان ڪيو ويو آهي، سڄو مواد تعريف جوڳو آهي. خط پڙهيم تہ اسان واري پياري دوست پيار علي جتوئي سان پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ ٿيل ناانصافي جي باري ۾ ڏک محسوس ڪيم. درياءَ تہ وهي آيو پر نہ آيو پرين علي بابا جي سار، سنڌ ۽ غربت، افتخار حسين عارف جو انٽرويو ۽ شيخ سنڌي جو سرور سخيراڻي تي پروفائل پسند آيا. منظور علي سولنگي هڪ بهترين آرٽسٽ آهي. ڪهاڻي بيقصور ۽ بيگناهہ ۽ انهيءَ سان گڏ امر ڪلا علي جي ڪهاڻي پڻ وڻي. هجڻ ۽ نہ هجڻ جي ٽياس ۾ لفظن کي پلوڙ انداز ۾ بيان ڪيو اٿس. امر رائيسنگهہ راجپوت سنڌ جي خوبصورت ۽ احساسن جي وڏي ۽ نفيس شخص شاعر سومجي مل ڏاراڻي جي زندگي بابت لکي اسان پڙهندڙن تي وڏو احسان ڪيو آهي، پر حليم باغي جي مذهب طرف موٽ، آئون سمجهان ٿو تہ دوست پروفيسر ساجد سومري تذليل ئي ڪئي آهي جنهن کي هو تذليل نٿو مڃي. توهان جيڪر انهيءَ جاءِ تي غريبن ۽ مسڪينن لاءِ ڪجهہ خيال همسري ۾ بيان ڪريو ها تہ اهو عاليشان ڪم هو. چيٽ ۽ ويساک همسري جي سونهن لڳو.

***

## ڪرم فقير ”ڪافي“/ماتلي (درگاهہ اوٽ شريف)

سيپٽمبر 2019 ماهوار همسري رسالو پڙهيوسين، ادي زاهده ابڙو جي ڳالهہ ٻولهہ افتخار حسين عارف سان بيحد پياري لڳي. حميرا نور جي بيقصور بيگناهہ ڪهاڻي بہ ڏاڍي دلچسپ ۽ پيچيده ڪهاڻي محسوس ٿي. هن کان پهرين بہ حميرا نور جي ڪهاڻي هلون، گمهون، ڪاٺون، سمهون ۽ بس، واهہ تمام اتساهيندڙ روح ۾ رچي ويندڙ ڪهاڻي لڳي. شاعري ۾ ڊاڪٽر مقبول مارو، مسافر هاليپوٽو ۽ مخدوم آسيہ قريشي وڻيا.

***

## اقبال بلوچ/حيدرآباد

همسري مئگزين جو سيپٽمبر 2019 جو پرچو پڙهيم. هميشہ جيان جاندار ۽ ساهہ ۾ سانديڻ جهڙو هي مئگزين اڳي کان اڳتي نظر آيو. مواد جي حساب سان منهنجو پسند جو پهريون مواد انٽرويو جو سلسلو آهي، جنهن کي آئون پهرين پهرين پڙهندو آهيان. هن دفعي پاڪستان جي ادبي دنيا جي مهان شخصيت افتخار حسين عارف جو جاندار انٽرويو ڪيترين يادگيريون تازه ڪري ويو. يقينن نئين ٽهي جي پڙهندڙن کي افتخار عارف جي شخصيت ۽ علمي، ادبي پورهئي بابت معلومات حاصل ٿي هوندي. اميد تہ ايندڙ پرچي ۾ ميڊم نور الهديٰ شاهہ جو انٽرويو پڙهڻ لاءِ ملي سگهندو. هن دفعي حميرا نور جي ڪهاڻي بيقصور ۽ بيگناهہ ٻين ڪهاڻين کي ملهہ ماريو بيٺي هئي، شاعري بہ سڀ سٺي لڳي.

***

## اصغر علي جمالي/دادو

ماهوار همسري مئگزين سيپٽمبر هٿن ۾ آهي، ايڊيٽوريل ۾ ڏارين جي آبادڪاري ۽ سنڌ جي وسيلن تي ڌاڙ، سا تہ حقيقت آهي تہ ڌاريا هميشہ سنڌ جي معيشيت تي بار رهيا ئي رهيا آهن ۽ ايم ڪيو ايم ئي نہ پر ڪوڙ اهڙا ماڻهو آهن جن سنڌ جو کاڌو پيتو پر پوءِ بہ سنڌ سان وفا بجاءِ غدارين تي لهي آيا آهن. علي بابا بابت ديدرا شام تمام بهترين لکيو آهي، پر حقيقت ۾ علي بابا تمام گهڻا رخ رکندڙ صفت انسان هو هن جي ڪهڙن ڪهڙن پهلوئن تي لکجي يا ڳالهائجي، پر ديدار شام سٺو نڀايو آهي. مظفر علي ڏوتيو تعليمي ادارن جي ترقي ۽ اسان جا رويا، حقيقت ڪري سچ تي ٻڌل مضمون هو اها بہ ڪيڏي نہ زبردست ڳالهہ آهي تہ هڪ جهڙي تعليمي نصاب ۽ تعليمي ادارن ۾ بهترين ماحول قومن ۽ ملڪن کي ترقي ڏياريندا آهن، پر اسان جو تہ خاص ڪري سنڌ ۾ تعليم جو تہ ٻيڙو ئي غرق آهي. پروفيسر ساجد سومري جو مضمون منهنجي ننڍڙي سوچ کان شايد مٿانهون لکيل هو سو مان سمجهي نہ سگهيس تہ هي چوڻ ڇا ٿو چاهي پروفيسر ماڻهو آهي ان جا پنهنجا خيال آهن. سومجي مل ڏاراڻي شخصيت تي لکيل بهترين لفظن جي پيٽا هئي. افتخار حسين عارف سان ڳالهہ ٻولهہ تمام بهترين هئي، اسان کي تہ علم بہ نہ هو تہ ڪو اهڙيون عظيم شخصيتون بہ اسان سان گڏ آهن. ڪهاڻين ۾ بيقصور ۽ بي گناهہ ادي حميرا نور جي لکيل ڪهاڻي پسند آئي جنهن ڪهاڻي سان پرپور نياءُ ڪيو آهي ڪل وقتي اديب بہ ماحول جي نسبت سان بهترين لکيل آهي، اسان جي پياري دوست سرور سخيراڻي تي شيخ سنڌي جو لکيل پروفائل تمام وڻندڙ هو. شاعري ۾ اصغر باغي، مسافر هاليپوٽو، مقبول مارو، فياض چنڊ ڪليري، زين ڪوسو جي شاعري بهترين هئي.

***

## زين ڪوسو/جوهي

همسري جو تازو سيپٽمبر وارو پرچو حسب روايت دادو مان ناچاڪائي سبب دير 12 تاريخ تي خريد ڪري پاڻ بہ پڙهيم ۽ جوهي جي ٻين اديب دوستن کي پڙهڻ لاءِ ڏنم. افتخار حسين عارف کان ورتل اوهان جو انٽرويو ڏاڍو وڻيو. اردو ادب جي مشهور شخصيتن کان ورتل انٽرويو سنڌي ۽ اردو اديبن کي هڪٻئي جي ويجهو آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. توهان جي محنت قابل ديد آهي. ٻيا سلسلا بہ پنهنجي پنهنجي اعتبار کان سٺا هئا. هڪ تجويز آهي تہ هڪ سلسلو شروع ڪيو سنڌي اديب جي هڪ تخليق اردو جي مشهور اديب کان اردو ۾ ترجمو ڪري شايع ڪندا ڪريو. جنهن سان سنڌي ادب کي وسعت بہ ملندي ۽ بين الاقوامي ٻولي ۾ ان جي اهميت بہ اجاگر ٿيندي.

# سنڌ جي دانشڪدي جا بت ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪندڙ حيدر علي لغاري

شوڪت اڄڻ

**عالم آئون ساڻ، پريو تو پير ڪري،**
**پاڻ نہ آهي ڄاڻ، مانڊي منڊ پڪيڙيو.**

دنيا جهان جي ڪابہ قوم، انسان ذات جو ڪوبہ سماجي گروهہ يا ڪل انسانيت ايستائين ترقي ۽ روشن خيالي جو معراج ماڻي ئي نٿي سگهي جيستائين ان جو دانشڪدو انسان ذات جي اڪين ۾ اونداهي جو سرمو پارائيندڙ نظرين، خيالن ۽ شخصيتن جي بتن کان بيزار ۽ آجو نٿو ٿئي.

حيرت جي ڳالهہ تہ ناهي رهي، پر وري بہ حيرت جي ڳالهہ آهي جو قومي طور تي انسان جي اکين ڪي سرمو پارائيندڙ بہ پنهنجا ۽ پراوا نام نهاد دانشور، شاعر، اديب، تاريخدان ۽ سياستدانن جا نهيل ۽ ٺاهيل بت ئي آهن جيڪي صدين تائين ويچارن ماڻهن کان پنهنجي بت جي پوڄا ڪرائيندا اچن. اسان جي لوڪ ڏاهپ ۾ تہ اهڙن اڌ پڙهيل ۽ اڻ ڪڙهيل عالمن ۽ حڪيمن لاءِ عام چوڻي بہ آهي تہ: ”نيم حڪيم خطره جان، نيم ملا خطره ايمان“، پر پوءِ بہ اسان صدين کان انهن اڌ پڙهيلن ۽ اڻ ڪڙهيلن جي بتن کان ۽ انهن جي نظرين ۽ خيالن جي بتن کان ڦرجندا پيا اچون. نتيجي طور سنڌ جي دانشڪدي ۾ صدين کان انهن جا بت انهن جي نظرين ۽ خيالن جا بت ۽ انهن جي غير صالح عملن جا بت اوچي ڳاٽ کڙا آهن ۽ اسان بنا ڪنهن سوال، شڪ ۽ للڪار جي انهن جي پوڄا ڪندا اچون يا ائين ڪٿي چئجي تہ اهي اسان کان پوڄا ڪرائيندا اچن. بس ڪڏهن ڪو ابراهيم صفت انسان، پنهنجي ريشمي پين سان يا گلن جهڙي گفتگو سان انهن بتن تي، سنڌ جي دانشڪدي ۾ وار ڪندو رهيو آهي، پر اهو وار گهٽي قدر بي اثر ويو آهي، اقبال جي شعر وانگر:

**پهول ڪي پتي سي ڪٽ سڪتا هي هيري ڪا جگر،**
**مرد نادان پي ڪلام نرم و نازڪ بي اثر.**

حيدر علي لغاري بہ سنڌ جي دانشڪدي ۾ اهڙن ابراهيم صفت انسانن مان هو، جيڪو مسلسل پنهنجي پشم جهڙي پين ۽ گل زبان گفتگو سان انهن بتن کي ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.

دانشڪدي جا اهڙا اڻ پڙهيل ۽ اڻ ڪڙهيل عالمن جا بت جهان جي هر قوم ۾ هر دور ۾ موجود هوندا هئا يا هوندا آهن، پر اتي موجود اعليٰ صفت انسانن انهن کي ڊاهي پٽ ڪيو. يونان جي دانشڪدي ۾ بہ اهڙا بت پنهنجي پوڄا ڪرائيندا هئا، پر اتي سقراط، افلاطون ۽ ارسطو جهڙا بت شڪن موجود هئا، جن نيم دانشورن، غلط خيالن ۽ اڻ ڇٽيل نظرين جي بتن کي ڊاهي پٽ ڪيو. اهڙن دانشورن لاءِ سقراط تہ چٽي ڏنو هو تہ، ”مون کي اها تہ خبر آهي تہ آئون ڪجهہ نٿو ڄاڻان، پر انهن دانشورن کي تہ اها بہ خبر نہ آهي تہ هو ڪجهہ نٿا ڄاڻن“، پر افسوس جو سنڌ جي دانشڪدي جو بت تہ غير مفتوح انا جو بت آهي جيڪو پاڻمرادو اعلان ڪندو ٿو رهي تہ ”آئون سڀ ڪجهہ ڄاڻان ٿو، ٻيا ڪجهہ نٿا ڄاڻن، آئون چاليهہ پنجاهہ ڪتابن جو ليکڪ آهيان، منهنجا هيترا ڳرا ڪتاب آهن، آخر قوم منهنجي پوڄا ڇو نٿي ڪري، جيڪڏهن قوم منهنجي ڪتابن جي پيروي ڪري تہ ستين آسمان تي پهچي وڃي.“ جڏهن عالمن سڳورن جي اهڙي گونا گون ماحول ۾ حيدر علي لغاري پنهنجي لڪيل ۽ ڇپيل هڪ يا ٻن ڪتابن لاءِ بہ چوندو هو تہ، ”جيڪڏهن منهنجي ڪتاب ڇهہ مهينا بہ زندگي ماڻي تہ اها مون لاءِ وڏي ڳالهہ آهي.“ يعني هن کي علم جي سدا حيات نواڻ ۽ دانش جي بت شڪني تي پڪو ويساهہ هو، پر هو اها دانشڪدي جي بت شڪني دل ۽ دماغ جي پاڪائي سان چاهيندو هو ۽ هن سنڌ جي دانشڪدي جي اڻ ڳڻين بتن جي پنهنجي لکڻين جي هٿيار سان بت شڪني جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. سندس لڳ ڀڳ سيني مضمونن، خطن ۽ تاثرن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن بت کي ڊاهڻ جي ڀرپور ڪوشش آهي. هو پنهنجي لکڻين ۽ گفتگو ذريعي مسلسل بت شڪني ڪندو رهيو، پر اسان ايڏا تہ اڏول بت پرست آهيون جو حيدر علي اسان جو ڪجهہ بہ بگاڙي نہ سگهيو.

ادب، شاعري، نظم، نثر، ناول، ڊرامو، مضمون، تاثر، ڪٿا، آتم ڪٿا، نظريا، خيال، ادبي ۽ سياسي تنقيد، تاريخ جو جامع مطالعو تحقيق ۽ تخليق براءِ ازلي حقيقت کان آشنا ٿيڻ ۽ ٻين ماڻهن کي بہ ايمانداريءَ سان آشنا رکڻ، سچي سٽ تلاش ڪري ان تي سچائي سان عمل ڪرڻ ٻين کي بہ سچائي سان عمل پيرا ٿيڻ لاءِ مسلسل اتساهيندو رهڻ ۽ سچائي تي ثابت قدم بيهڻ ئي هڪ قوم جي دانشڪدي جا سدا حيات ۽ حسين شاهڪار آهن. جڏهن تہ اهڙي دانشڪدي ۾ ڪوڙ، منافقت، دوکو ۽ فريب، انا ۽ خود پسندي، اجتماعي مفاد کان آجو، انفرادي مفاد جي فوقيت، پيٽ گذر ۽ ڏنڌي لاءِ بت کڙا ٿي ويندا آهن تہ پوءِ اهو دانشڪدو بتن ۽ بت پرستي جي جاءِ ٿي ويندو آهي. اهڙي دانشڪدي مان سونهن، سچ، حسن، حق، محبت، محنت ۽ نواڻ يعني نئين تحقيق ۽ تخليق، عقل ۽ ڏاهپ جي اميد ئي ختم ٿي ويندي آهي. سنڌ جي دانشڪدي کي بہ جيڪڏهن ٺيڏي اک سان ڏسبو تہ سونهن ۽ سچ جو وکر ٿورو نظر ايندو، پر مڪروهہ بتَ جيئن جو تيئن کڙا آهن. سنڌ جي دانشڪدي جا انيڪ بت آهن جن جي پوڄا ڪندي يا جن جي اونداهي سائي هيٺ اسان مسلسل زندگيون گذاريندا پيا اچون. هتي آئون انهن انيڪ بتن مان ڪجهہ وڏن بتن جو ذڪر ڪريان ٿو.

### 1. رسمي دانشوري ۽ انا جو بت:

جڏهن رسمي دانشوري ۽ انا جو بت فردن ۾ نروار ٿيندو آهي تہ قومي ۽ اجتماعي مفاد زوال جي اونهي کوهہ جي تري ۾ ڪري پوندا آهن ۽ لاتعداد گروهہ ۽ پارٽيون وجود وٺنديون آهن جيڪي سڪٽن نعرن ۽ بي نتيجا ڳالهين تي وجود رکنديون آهن. هر اڌ پڙهيل، اڻ ڪڙهيل دانشور، سياسي اڳواڻ، شاعر ۽ اديب انا ۽ خود پسندي ۾ ڦاسي پنهنجي ذاتي مفاد کي نظر ۾ رکي پنهنجي الڳ جماعت قائم ڪندو آهي ۽ قومي وحدت کي نقصان

رسائيندو آهي. سنڌ جي دانشڪدي ۾ بہ سياسي، سماجي ۽ ادبي تنظيمن جيان اڻ ڳڻيا بت ڪڙا ٿي پيا آهن ۽ روشن خيالي مٿان ڪارو سايو ٿيو بيٺا آهن. ڏسندي ئي ڏسندي NGOs ڪان وٺي سياسي ۽ ادبي تنظيمن جا اڳواڻ امير ٿيو وڃن، پر سنڌ ويچاري اها ئي سورن ۾، انهن انا جي بتن جا اختلاف نہ تہ اصولي موقف تي هوندا آهن ۽ نہ وري ڏاهپ واري شرح تي هوندا آهن. سائين حيدر انهن بتن جي شڪني ڪجهہ هن طرح ڪئي آهي تہ: "اصولي موقف ۽ ان جي شرح تي اختلاف خير ڪو مگر پنهنجي اهليت ۽ صلاحيت تي گهمنڊ ۽ پنهنجي بصيرت تي پاڻ ڇڪن جو اظهار نمايان ٿيندي نظر اچي ٿو." اسان پنهنجي زيرڪ ذهين ۽ سڄاڻ دانشورن ۽ رهنمائن ڪان اها درد مندانہ تقاضا ٿا ڪريون تہ اهي اختلافن ڪي ايتري وائڙي ۽ هلڪي سطح تي نہ ڪٽي اچن. پٽائي بہ اهڙي انا جي بت ڪي ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو آهي تہ: "اول شرڪ اِيءُ، جو بي شرڪ پانئين پاڻ ڪي"

## 2. لفاظي يا لفظي ليکي جو بت، تعداد ۾ گهڻا ڪتاب ۽ وزن ۾ ڳرا ڪتاب لکڻ جو بت:

اسان وٽ ڪتاب گهڻي قدر لفظن جي ڳٽپ، صفحن جي گهڻائي ۽ وزن جي ڳرائي جي بنياد تي لکيا ۽ ڇپرايا وڃن ٿا، انهن ۾ صاحب ڪتاب ٿيڻ جو شوق ۽ نيت بہ اوس آهي ۽ پوءِ صاحب ڪتاب ٿي، انفرادي فائدا حاصل ڪرڻ ۽ دانشڪدي ۾ پنهنجو بت بيهارڻ جي بہ "نيڪ" خواهش آهي، جنهن ۾ گهڻي قدر ليڪڪ ڪامياب آهن. لاتعداد اخبارون ۽ ماهوار ميگزين بہ عام جام آهن، پر قومي طور تي مثبت تبديلي جا اهڃاڻ اڻ ڏٺا آهن. تنقيد بہ ان بنياد تي آهي تہ "تون مون ڪي حاجي چئو، مان توکي غازي چوندس" تمام گهڻ ڪوبہ ليک يا ڪتاب ان بنياد تي ڇپجي ٿو تہ، هيءُ ڪتاب لکڻ سماجي تبديلي لاءِ اٽڙ آهي. حيدر علي اهڙي بت ڪان بہ دردمند حد تائين آشنا هو. پاڻ مولانا غلام محمد گرامي تي لکيل هڪ مضمون ۾ چئي ٿو تہ: "لفظي ليکي جو رواج مرض جي حد تائين وڌي ويو آهي. ماڻهو سکڻا سينا ۽ ويران ذهن کنيو جبن ۽ ڪتابن ۾ پنهنجي ويراني ويڙهيو وتن. مثبت عملي تحقيق ۽ جستجو جو نالو نشان ئي ڪونهي. شاگرد ۽ استاد ٻنهي جي شخصيت مفني رويي ۽ مبهم زاويي جو شڪار آهي." "علم جو بہ ماڻهو ائين ٿا ڪَسب ڪن جيئن ڪا مل جي مزدوري." ٻئي هنڌ چئي ٿو تہ: "اڄ ڪلهہ اسان وٽ ڪتاب جو ٻائيتال وڌي ويو آهي. شعوري ۽ قلبي رشتا ڪٽجي ۽ گهٽجي ويا آهن."

## 3. منافقت جو بت:

پنهنجي ئي لکيل ۽ چيل لفظن تي پورو نہ لهڻ جو بت، ڳالهہ ڪي ٿوڙي مروڙي پيش ڪرڻ جو بت، زبان دراز ۽ عمل ٻڙي جو بت، حقيقت ڪي لڪائڻ يا پيش نہ ڪري سگهڻ جو بت.

هن بت جي شناخت ڀٽائي بہ پنهنجي دور ۾ ڪئي هئي ۽ ان ڪي ٽوڙڻ جي ڪوشش بہ ڪئي هئي. دانشڪدي جي هن بت ۽ سماج جي هن بدبودار بيماري لاءِ ڀٽائي چيو هو تہ:

**ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر مَ ڪوٺاءِ،**
**هندو هڏِ مَ آهيين، جٽيو تو نہ ڄڳاءِ،**
**تلڪ تنين ڪي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.**

دانشڪدي جو هي بت، بلي شاهہ جي پيٽن ۽ پاڇائين وانگر ۽ ڀٽائي جي سر سسئي ۽ سسئي جي ماءُ وانگر بي انتها ليڪچر ۽ سمجهاڻيون ڏيندڙ آهي. هن جي قول ۽ فعل ۾ زمين آسمان جو فرق هوندو آهي. چوندو هڪ آهي ۽ ڪندو ڪجهہ ٻيو آهي. هن جي هر ليڪچر ۽ ليک ۾ اها ڳالهہ چٽي ۽ واضح هوندي آهي تہ، "اڃان عمل جي مهل نہ آئي آهي" ۽ هي بت ائين چوندي ڪئين مندون ٽاري چڏيندو آهي. ڀٽائي هن بت لاءِ ئي چيو آهي تہ "حيف منهنجي حال جو مند ساريو نہ مران" هي بت نہ تہ پاڻ سونهن ۽ سچ جي راهہ تي هلندو آهي ۽ نہ وري ٻين ڪي هلڻ ڏيندو آهي ۽ حقيقت ڪي دليل سان اهڙو تہ ٿوڙي مروڙي پيش ڪندو آهي جو ڪوڙ بہ سچ محسوس ٿيڻ لڳندو آهي. هي بت ڏاڍو چالاڪ ٿيندو آهي. حيدر علي لغاري پنهنجي ڪوڙ سارن مضمونن ۾ هن بت ڪي چٽو ڪيو آهي ۽ ان ڪي ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پاڻ چئي ٿو تہ: "اهي دانشور ڏاڍين چالاڪين، هيرا ڦيرين ۽ سازشن سان پنهنجي پسند جا پاسا جرڪائي پيش ڪرڻ جا وڏا ماهر آهن. اڌ سچ ڳالهائڻ، وڌاءُ ڪرڻ، حقيقتن ڪي ٽوڙڻ مروڙڻ ۽ ماڻهن ڪي گمراهہ ڪرڻ جا هنن وٽ وڏا گر آهن." جڏهن تہ حيدر علي، پنهنجي مضمون "سرد جنگ جي خاتمي ڪانپوءِ اديب جون ذميواريون" ۾ دانشور جو هڪ قسم هي ٻڌائي ٿو تہ: "اسان جي



دانشورن جو اصل ڪم بہ هڪڙي ليکي اهو آهي تہ ان نہ ڏسڻ ۾ ايندڙ (Invisible) ترڪيبي جزن کي ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي قابل بڻائي هڪڙي ڏسڻ لائق ۽ سمجهہ لائق ترڪيب جي صورت ڏئي، اسان پارن لاءِ آسان ڪن ۽ اسان جي رهنمائي ڪن.“

### 4. تاريخ کان گمراهہ رکڻ جو بت:

واقعن ۽ حالتن جي تسلسل، قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي تقابلي جائزي ۽ ٺڙ نتيجن تي مبني، انصاف تي اڏيل تاريخ ئي ڪنهن قوم لاءِ رهنمائي جو ذريعو هوندي آهي. اسان جيڪڏهن پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجي دانشڪدي تي سرسري نظر وجهنداسين تہ اسان کي اهڙي وسيع نظر تاريخ تہ ڇڏيو، پر ننڍو تسلسل ۾ تاريخي واقعن جو بہ ذڪر نٿو ملي. ماضي ڏور جا واقعا، حالتون ۽ شخصيتون تہ ڇڏيو، پر ويجهڙ ماضي يعني 1947ع وقت ۽ ان کان اڳ 50 سال جي تاريخ، واقعا، حالتون ۽ شخصيتون بہ مرتب نہ ڪري سگهيا آهيون. ان وقت جون الائي ڪيتريون سياسي ۽ سماجي تحريڪون بہ هي بت لڪايو ويٺو آهي. جڏهن اهڙي گڏيل تاريخ ئي اسان وٽ جڙي راس نہ ٿي سگهي تہ پوءِ باقي هڪ مضموني تاريخون جيئن ادبي تاريخ، ترقي پسندي جي تاريخ يا روشن خياليءَ جي تاريخ وغيره بہ هڪ جزوي معنيٰ کان مٿي نہ آهن. انهن تاريخن ۾ بہ پنهنجي ذاتي پسند ۽ نا پسند ۽ يارن دوستن جو ذڪر ئي ملندو جنهن جي افاديت مڙئي جزوي آهي. هتي تہ يونيورسٽين جي اهم شعبن جا چيئرمين بہ چون ٿا تہ علامہ آءِ. آءِ قاضي ۽ حيدر علي لغاري جو پاڻ ۾ فلسفياڻو ڪهڙو تعلق!

دنيا جا تاريخدان تہ اونداهي دور (dark ages) تي بہ منطقي ۽ سائنسي انداز سان تحقيق ڪندا پيا اچن، پر اسان وٽ ڪو تاريخدان ئي خير ڪو آهي جيڪو بعد از تاريخ (post historic age) کان وٺي اڄ ڏينهن تائين سنڌ جي ڪا مستند تاريخ جوڙي سگهي. اسان جو دانشور تہ دودي سومري، عمر مارئي، نوري ڄام تماچي ۽ سسئي پنهون جي حقيقتن کي بہ افسانوي قصا لکندو اچي ۽ تاريخ تي گمراهيءَ جا پردا وجهندو اچي. جڏهن تہ انهن سڀني حقيقتن جا قديم آثار سائنسي شاهدي طور اڄ بہ موجود آهن. سنڌي دانشڪدي جو تاريخ کان گمراهہ رکڻ جو بت، سائنسي انداز سان تاريخ ڏانهن ايمانداريءَ سان رجوع پاڻ ڪيو ڪونہ سگهي ۽ پوءِ انهن کي افسانوي چئي اوندهہ پکيڙيو ڇڏي تاريخ ۽ تاريخي ماڳن تي ۽ شخصيتن تي پردا وجهڻ انسانيت سان وڏي ويساهہ گهاتي آهي. حيدر علي لغاري اهڙي بت سان ٽڪراءُ ڪائيندي چئي ٿو تہ:

”حقيقت کي لڪائڻ، سو بہ تاريخ ساز شخصيت جي اهڙي انسان سوز پهلو کي درگذر ڪرڻ پوري انسانيت سان ڏاڍائي جي برابر آهي.“

منهنجي راءِ آهي تہ جڏهن تاريخدان ۽ دانشور پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ کان لنوايو تہ ڀٽائي پنهنجي شاعري ۾ تاريخ کي چٽيو جنهن کي اڄ جو دانشور افسانوي قصا ٿو چئي.

### 5. تقليدي، روايتي ۽ فرسوده نصاب واري تعليم جو بت:

تعليم تہ بنيادي طور تي روشن ضميري، روشن خيالي، خود شناسي ۽ ڪائنات شناسي، مثبت عقل ۽ دليل تي ٻڌل انصاف جو اعليٰ ظرف ذريعو هئي، پر هاڻي تہ تعليم منڊيءَ جي جنس ۽ وڪامڻ جو وکر بڻجي وئي آهي. ماڻهو ماڻهو نہ پر مارڪيٽ ۾ وڪامڻ جو وکر بڻجي رهيو آهي. نصاب جو بت اهڙو تہ فرسوده ۽ مدي خارج آهي جو ماڻهو سوچ سمجهہ ۾ پاڻ پرو نہ پر پوئلڳ ۽ پرزو ٿيندو پيو وڃي اهڙي بت جي ڪار گذاري جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ ماحول تي سائين حيدر چئي ٿو تہ:

”اهڙي طرح هر گهر، مڪتب ۽ مسجد ۾ فقط هڪ ڊمي آهي“ هو اهڙي بت کان نجات ڪجهہ هن طرح ٻڌائي ٿو تہ: ”جيستائين اسان جي تعليم ۽ تبليغ جي نظام ۾ بنيادي مقصدي تبديليون نہ ٿينديون تيستائين ماڻهو پنهنجي ذات ۽ ذات جي تعصبن مان ان جي غير منصفاڻي ترجيحن مان پنهنجي مزاج کي ڇوٽڪارو ڏياري نہ سگهندو.“ تنقيدي شعور ڪانسواءِ ڪوبہ تحقيقي ۽ تخليقي عمل سرجي ئي ڪونہ ٿو سگهي.

### 6. پڙهڻ لکڻ، سوچڻ ۽ لوچڻ کان آجي استاد جو بت:

سنڌ جي دانشڪدي جي استاد جو بت بہ ڏاڍو عجيب ۽ غريب آهي. هي بت گهٽ ئي حصن ۾ ورهايل آهي هڪڙا جعلي ۽ جڳاڙي ڊگري وارا بت، ٻيا باقائده سند يافتہ بت، پر سَندَ سنڌي سونهن ۽ حل پرچن جي سهاري حاصل ڪئي تہ وري ڪتاب کي هٿ بہ نہ لاتو ۽ ٽيان ڊاڪٽريٽ بت آهن جن جي ڊاڪٽريٽ جي هڪ بہ Thesis يا ريسرچ پيپر قومي يا بين الاقوامي سطح تي ڪا جڳهہ ناهي والاري سگهيو. بس مالياتي فائدي لاءِ حاصل ڪيل ڊگري ۽ لکيل پيپر بہ جڳاڙي ئي رهجي ويو، جنهن اسان جي سوچ ۽ عمل ۾ ڪا تبديلي ئي محسوس نہ ڪرائي. اهڙي صورتحال ۽ اهڙي بت لاءِ حيدر علي کي سخت بيزاري هئي پاڻ لکيو اٿس تہ:

”پڙهڻ لکڻ، سوچڻ ۽ لوچڻ جيڪي هڪڙي استاد جون ذميداريون آهن گهٽو ٽٽو اڄڪلهہ جو استاد پنهنجي ان منصبي فرض کان وانجهيل ۽ غافل آهي جنهنڪري هن جو نقطءِ نظر بنهہ محدود ۽ فڪر جمود جو شڪار آهي. هن وٽ ڪائنات، سماج ۽ انساني مزاج متعلق پنهنجي ڪابہ سنجيده مستند علمي راءِ ڪانهي ڏاڍي عبرتناڪ صورتحال آهي! سنڌ جي دانشڪدي جا اڃان بہ انيڪ بت آهن مثال طور، ”دير آهي انڌير ناهي جو بت“ ”لوڪ سان لهنوارو هلڻ جو بت“ ”فرد جي ذاتي غرض جو بت“ ۽ ”نام نهاد غيرت جو بيغرت بت“ وغيره جنهن تي تفصيلي طور لکبو ۽ ڳالهائبو، پر هن وقت هن ڳالهہ جي اڻ جهل ضرورت آهي تہ هنن بتن مان بيزاري ڏيکاري سنڌي دانشڪدي کي انهن کان پاڪ ڪجي ۽ انهن جو ڏنل ڏاج واپس ڪجي ڀٽائي جي لفظن ۾ تہ:

**ماءُ وهاڻو وار، ڪڻ پتراڻي پنهنجي،**
**ڏنئي جو ڏيج ۾، سو سيوئي سار،**
**آئون وڃان ٿي وٽڪار، مون ڏنو پير پنهون جو.**



# حڪيم عمر خيام جون رباعيون

**يوسف سنڌي**

حڪيم عمر خيام جون رباعيون پنهنجي جوهر ۾ حيرت ۾ وجهندڙ اثر رکن ٿيون، جيتوڻيڪ عمر خيام ڪو باقاعده شاعر نہ هو، هو هڪ وڏو سائنسدان هو، ڪيس علم نجوم ۽ فلڪيات ڪانسواءِ قرآن، حديث، تاريخ ۽ لسانيات ۾ پڻ وڏي مهارت حاصل هئي، پر سندس مشهوري هڪ شاعر جي حيثيت سان ٿي. شيخ اياز چواڻي شاعري ۾ انهن رباعين جو مقام ايترو بلند آهي ۽ هن کي شاعر جي حيثيت ۾ اهڙي لازوال شهرت حاصل آهي، جو شعر ۽ ادب جي محفل ۾ جيڪڏهن عمر خيام جو ذڪر هڪ سائنسدان طور ڪيو ويندو آهي تہ ٻڌندڙن کي حيرت وٺي ويندي آهي، عمر خيام نيشاپور ۾ پيدا ٿيو، سندس پيءُ جو نالو ابراهيم هو، خيام سندس قبيلي خيامي پنيان سڏجڻ لڳو، جيڪو خيمن سبڻ جو ڪم ڪندو هو. عمر خيام جو سچو نالو غياث الدين ابو الفتح عمر بن ابراهيم خيام آهي، سندس جنم 18 مئي 1048ع تي ٿيو. عمر خيام زندگي جو شروعاتي حصو بلخ ۾ گذاريو، ارڙهن سالن جي عمر ۾ پيءُ گذاري ويس، جنهن سبب هن نہ رڳو گهڻيون تڪليفون سنيون، پر تعليم جو سلسلو بہ رڪجي ويس، انهن ڏينهن ۾ عمر خيام رسالہ الجبرا لکيو ۽ رياضي جي علم تي پڻ تحقيق ڪئي. بخارا جي حاڪم خاقان شمس الملڪ سان واقفيت ٿيڻ ڪانپوءِ، سندس ئي وسيلي ملڪ شاهہ سلجوق جي دربار ۾ سندس بازيابي ٿي ۽ ڪيس ملڪ شاهہ سلجوق 1074ع ۾ شاهي نجومي جي حيثيت سان اصفهان ۾ شاهي رصد گاهہ جو سربراهہ مقرر ڪيو. ان وقت خيام جي عمر 26 سال هئي، عمر خيام پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا، پر ڪيس مشهوري رباعين جي ڪري ملي، جيڪي هو واندڪائي جي وقت ۾ وقت گذارڻ لاءِ لکندو هو. عمر خيام جي رباعين جو انگريزي ترجمو فٽز جيرالڊ ڪيو آهي، خبر ناهي تہ ڇو عمر خيام پنهنجي ملڪ ۾ ڪڏهن بہ مشهور نہ رهيو، ان ڪري هن جو سچو علم ٻين ملڪن ڏانهن منتقل ٿي ويو، سندس شعرن سان مشرق جي ٻي ادب ڪان وڏيڪ جڻ ٿي. اهي ايترا تہ ناياب ٿي چڪا هئا، جو اولهہ جي انهن ملڪن تائين پهچ سڄي سائنسي وٺ پڪڙ جي باوجود ڏاڍي ڏکي هئي. عمر خيام جي انهن رباعين اوپر جي پيٽ ۾ اولهہ ۾ وڏي مقبوليت ماڻي ۽ شايد ئي ڪا اهڙي مغربي ٻولي هجي جنهن ۾ انهن جو ترجمو نہ ٿيو هجي، انگريزي ۾ جڏهن اوڻيهين صديءَ ۾ فٽز جيرالڊ (Fitz Gerald) انهن رباعين جو ترجمو ڪيو تہ اولهہ ۾ سندس هاڪ مچي وئي. عمر خيام جي انهن رباعين اولهہ وارن کي ايترو تہ متاثر ڪيو جو انگلينڊ ۽ آمريڪا ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي خيام جي نالي سان ڪلب قائم ٿي ويا، رباعين جا ڪيترائي رنگين ڇاپا ڇپيا، هڪ ايڊيشن جنهن تي مشهور آمريڪي آرٽسٽ "ايلهويڊز" مصوري ڪئي هئي، ان جو وزن اڻ سير هو، رباعيات جو هڪ ايڊيشن اهڙو بہ ڇپيو، جنهن جي ڊيگهہ هڪ پاڱي چار انچ ۽ ويڪر ڇوڏهن انچ آهي، هڪ ٻي ايڊيشن جي نسخي تي هيرن ۽ جواهرن سان جڙت ٿيل هئي، ان جي



قيمت هڪ لک رپيا هئي، اهو ڪتاب 1912ع ۾ ٽائيٽينڪ جهاز سان گڏ ٻڏي ويو. 1920ع ۾ جڏهن آمريڪا ۾ شراب تي پابندي وجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته ان جي مخالفت ۾ زور شور سان عمر خيام جون شراب جي ساراهه ۾ چيل رباعيون دليل طور پيش ڪيون ويون. خيام جي هڪ مغربي پرستار جو چوڻ آهي ته "عمر خيام جون رباعيون ثابت ڪن ٿيون ته انساني پڪار قوميت جي بندش کان مٿانهين آهي"، رباعين جو انگريزي ترجمو ڪندڙ فٽز جيرالڊ لکي ٿو، "هي رباعيون هڪ عجيب لفظن جي موسيقي ۾ جڙيل آهن."

عمر خيام جو هڪ ڪارنامو "جلالي ڪئلينڊر" ناهڻ به هو، عمر خيام ۽ سندس ساٿين وڏي محنت ۽ تحقيق سان هڪ ڪئلينڊر جوڙيو، جيڪو 1079ع ۾ سلطان ملڪ شاهه سلجوق، ايران جي سرڪاري ڪئلينڊر طور لاڳو ڪيو ۽ پنهنجي نالي پنيان ان جو نالو "جلالي ڪئلينڊر" رکيو، جيڪو ان وقت جو "جيولين ڪئلينڊر" کان تمام گهڻو Accurate ۽ اڄ جي گريگورين ڪئلينڊر سان ملندڙ جلندڙ هو، عمر خيام جي زندگي ۽ فڪر تي ڪيترائي ڪتاب اولهه توڙي اوڀر ۾ لکيا ويا آهن، انهن ۾ آمريڪي ليکڪ هيرلڊليم جو افسانوي انداز ۾ "عمر خيام" جي نالي سان لکيل ناول ڏاڍو دلچسپ آهي. عمر خيام جي رباعين جا دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجما ٿي چڪا آهن، انهن ۾ سنڌي ٻولي به شامل آهي، رباعيات جو پهريون پيرو نظم ۾ ترجمو شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ "موتين جي دٻلي" جي نالي سان ڪيو، جيڪو 1904ع ۾ ڪتابي صورت ۾ ڇپيو، ان جو مهاڳ "ديوان ڏيا رام گدو مل شاهاڻي" لکيو ۽ اهو ڪتاب ڇپرايو به ديوان ڏيا رام گدو مل ئي هو، مرزا قليچ بيگ جي ترجمو ڪيل هڪ رباعي هن ريت آهي.

**تا چون اڳيان بهشت آهي ۽ حور،**
**ماکي اتي، کير ۽ شراب آهي طهور،**
**معشوق ۽ مئي پرست ٿيا سين جي هتي،**
**جائز آهي جو نيٺ اٿين ٿيو ماءِ مور.**

خيام جي رباعين جو نثري ترجمو مرحوم بشير سيتائي جو ڪيل آهي، جيڪو "رباعيون عمر خيام جون" جي نالي سان 2007ع ۾ ڇپيو. سيتائي صاحب ڪتاب ۾ سنڌي سان گڏ سندس پاران ڪيل انهن رباعين جو انگريزي ترجمو به گڏ ڇپيو آهي، خيام جي رباعين جو هڪ ترجمو "ٻه ٽي جام پيئڻ ڪانپوءِ" جي نالي سان انجنيئر شفقت حسين وڏو ڪيو، جيڪو 2004ع ۾ ڪتابي صورت ۾ ڇپيو. ان ڪانسواءِ سنڌي ٻولي جي مشهور مزاح نگار، حليم بروهي 2003ع ۾ رباعيات جو رومن اسڪرپٽ سنڌي ۾ ترجمو ڪيو، ان جا ٻه چاپا ڇپرائي دوستن يارن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيا. ان ڪانسواءِ مرحوم عطاءُ الله ابڙي پاران ڪيل رباعيات جو ترجمو ۽ استاد عطا محمد حامي جو رباعيات جا ڪيل ترجما پڻ ڪتابي صورت ۾ ڇپيل آهن. مٿين ترجمن ڪانسواءِ محترم رسول بخش پليجي به ڪجهه رباعين جو نثري ترجمو ڪيو، جيڪي سندس ڪتاب "اوهان جي پڇاڻان" ۾ ڏنل آهن، عمر خيام جي رباعين جو هڪ ٻيو منظوم ترجمو مرحوم حڪيم غلام محمد "عرشي" سومري پرين واري جو به ڪيل آهي، جنهن "مثنوي بو علي قلندر" جو به سنڌي ترجمو ڪيو، جيڪو سنڌ الاجي پاران ڇپرايو ويو. عرشي جو رباعيات جو ڪيل منظوم سنڌي ترجمو اڃا قلمي صورت ۾ سندس پونئرن وٽ محفوظ آهي. عمر خيام جون رباعيون پڙهڻ سان هڪ عجيب ڪيفيت طاري ٿي وڃي ٿي، هونئن به انهن رباعين هڪ دنيا کي مست ڪري ڇڏيو.

**برخيز بتا بيار بهر دل ما**
**حل کن بجمال خويشتن مشکل ما**
**يک کوزه شراب تابهم نوش کنيم**
**زان پيش که کوزه ها کننده ازگل ما.**

(اي مِنا! اٿ اسان جي لاءِ مئه جو پيالو آڻ، اسان جي مشڪل پنهنجي سونهن سان حل ڪر، شراب جي هڪ گهگهي ڪٽي آ ته گڏجي پيئون، ان کان اڳ جو ماڻهو اسان جي مٽيءَ مان گهگيون جوڙين) عمر خيام 1131ع ۾ وفات ڪئي ۽ ڪيس نيشاپور ۾ دفنايو ويو.



# سنڌي ادب جو دلير ليکڪ: طارق اشرف مرحوم

**سليم چنا**

طارق اشرف پيپلز پارٽيءَ جي اقتدار واري دور ۾ حڪومتي ڏاڍ ۽ ڏمر جي خلاف "سهڻي" ۾ زوردار ايڊيٽوريل لکيا، جنهن ۾ هن ذوالفقار علي ڀٽو جي ذات کي به زبردست تنقيد جو نشانو بڻايو. جڏهن ته طارق ذاتي طور تي تن ڏينهن ۾ ڀٽو صاحب جو شيدائي هو ۽ پيپلز پارٽي جي منشور ۽ پروگرام جو حمائتي به هو، پر ان هوندي به هن پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي کٽي ايندڙ اسيمبلي ميمبرن ۽ وزيرن خلاف سندن، سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ماڻهن سان ڪيل زيادتين جي ڪري سهڻي رسالي جي پليٽ فارم تان زبردست احتجاج جو مظاهرو ڪيو. اهي سمورا ايڊيٽوريل اهو ثابت ڪن ٿا ته "ڪپهه جيان هلڪو، مکڻ جيان ملائم، طبيعت ۾ نازڪ نفيس، ظاهري طور تي هڪ عام رواجي جسم رکندڙ شائسته لهجي ۾ ڳالهائيندڙ طارق اشرف پنهنجي ذهن ۾ اهڙو ته زوردار طوفان رکندڙ هو جيڪو اٿاهه سمنڊ ۾ اٿل پٿل آڻي سگهيو پئي. هن جي دل جهنگ جي بادشاهه شينهن جهڙي هئي. جنهن جي بهادري، جرئت ۽ گجگوڙ ميلن تائين پنهنجا اثر ڇڏي ٿي. سهڻي جا ايڊيٽوريل ان ڀيلائي ببر شينهن جي گجگوڙ هئا، جن حڪومتي ايوانن کي لوڏي رکيو. اها گجگوڙ طارق اشرف جي قلم مان نڪتي هئي. ٻئي پاسي طارق اشرف سهڻي ۾ سنڌ ۽ هند جو معياري سنڌي ادب ڪهاڻين، شاعري، مضمونن ۽ ترجمن جي صورت ۾ ڏيندو رهيو. طارق اشرف سنڌي ادب ۾ ايم. اي هو. سنڌي اديبن جو گهڻگهرو هو حيدرآباد جي سنڌي ادبي سنگت، روح رهاڻ جا جشن، ترقي پسند اديبن جا ميڙاڪا انهن سيني ۾ هو اڳتي هو. جڏهن سهڻيءَ تي پابندي پئي ته هن ڪتابي سلسلا شروع ڪري سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب کي اڳتي وڌايو. جيل ۾ هن لاتعداد سياسي قيدين سان ڪيل پنهنجين ملاقاتن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ هنن جا نظريا، بحث، اختلاف، سياسي خيال ۽ سياسي عمل منظر عام تي آندا آهن. هن جيل ۾ عام قيدين سان ٿيندڙ زيادتين جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. سائين طارق اشرف پاڻ به هڪ تجربيڪار ڪهاڻيڪار، مضمون نگار، مقالا نگار ۽ سٺو ڪالم نگار هو. سندس پهرين ڪهاڻي "دري" 1960ع ۾ ڇپي هئي. سندس ڪهاڻين جو مجموعو "سونهن پٽر ۽ پيار" آهي، ٻيو ڪهاڻين جو مجموعو "درد جا ڏينهن، درد جون راتيون"، ٽيون ڪهاڻين جو مجموعو "زندگي جو تنها مسافر" آهي. سندس ڪهاڻيون هن سماج جي ريتن رسمن ۽ ڏاڍ ڏمر جي چڪين ۾ پيڻل مظلوم ماڻهن جون حالتون آهن. بحيثيت هڪ ڪهاڻيڪار جي هن جي نظر پختي ۽ قلم ۾ قوت هئي. طارق تجربي، مشاهدي ۽ وسيع مطالعي سان سماج ۾ ٿيندڙ نا انصافين خلاف پنهنجي قلم کي قوت ڏني ته ٻئي پاسي هن لطيف انساني جذبن جي اپٽار ڪندي محبتن، ناڪامين ۽ ڪاميابين جا جيڪي عڪس چٽيا آهن سي ادب ۾ هڪ پائيدار ۽ مستحڪم حيثيت رکن ٿا.

طارق اشرف پنهنجن ڪتابن جنهن کي مان سنڌي ٻوليءَ جا اهم دستاويز سمجهان ٿو. جهڙوڪ: "جيل ۾ 22 مهينا"، "جيل گهاريم جن سين"، "هٿين هٿ ڪڙول"، "اڌ ملاقات"، "ميرو ڏاڙيل"، "انٽرويو"، "سچو سچ چوان"، "جيئڻ ڏٺو اٿم"، شخصيتن تي خاڪا جهڙا ناياب ڪتاب شامل آهن.

جيل ۾ 22 مهينا جي پهرين ڀاڱي ۾ طارق اشرف جي قلم پنهنجي پوري قوت ۽ سگهه سان جن موضوئن تي لکيو آهي، اهي آهن سنڌي رسالن ۽ ڪتابن تي پابندي، پريس ڪميشن ۾ سهڻي مخزن تي ڪيس، پوليس جا سنڌي اديبن ۽ شاگردن جي گهرن تي ڇاپا ۽ پوءِ گرفتاريون. حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ انهن سنڌي اديبن ۽ شاگردن سان ڇا وهيو واپريو. ٻئي ڀاڱي ۾ شنوائين لاءِ ڪورٽن جا چڪر، ٿاڻي جو لاڪ اپ اتي ٿيندڙ ناانصافيون، شاگرد اڳواڻن، شاهه محمد شاهه، قمر راڄپر، ابوبڪر زرداري، علي حيدر شاهه، غلام رسول زرداري، صفت رند، موليڏنو راڄپر ۽ ڪيترائي ٻيا. ٻئي پاسي وري شير محمد مري، اسلم ڪرد، رزاق بگٽي، سردار عبدالصمد، ڊاڪٽر ارباب ۽ ٻين ڪيترن بلوچ ۽ پٺاڻ سياسي قيدين جا احوال ۽ قصا آهن ته عام قيدين جا مختصر حوالا به. جيل جي ماڙي، اي ڪلاس، بي ڪلاس ۽ سي ڪلاس جا قيدي ۽ سندن احوال، دوستن احبابن مان فيروز ميمڻ، غلام نبي مغل، ظفر حسن، مقصود ۽ دانيال جو اهڙين حالتن کي همت ۽ جرئت سان منهن ڏيڻ، طارق کي همٿائڻ ۽ ڪيس اڪيلو نه هجڻ جو احساس ڏيارڻ جا واقعا شامل آهن. شيخ اياز جهڙي مهان شاعر جا بدلجندڙ اهڃاڻ، ڀٽي صاحب سان سندس اڪيلائي ۾ ملاقات، سندس وائيس چانسلر ٿيڻ، سنڌي قومپرست شاگردن کي اليڪشن کان پري رکڻ لاءِ کين گرفتار ڪرائي جيل اماڻڻ ۽ پوءِ يونيورسٽي مان رسٽيڪٽ ڪرڻ. ذوالفقار علي ڀٽي جا گڻ ڳائڻ ۽ سائين جي ايم سيد جي فڪري پهلوئن کي نظر انداز ڪندي، سنڌ ۽ سنڌين جو حڪيم ۽ همدرد صرف ۽ صرف ڀٽو کي سمجهڻ ۽ طارق کي اها صلاح ڏيڻ ته معافي وٺي ٻاهر نڪر جهڙا اهم واقعا ڏنل آهن.



طارق اشرف پنهنجي هڪ ٻئي ڪتاب "جيل گهاريم جن سين" ۾ پڻ وڏي بي باڪيءَ سان جيل جي اندر جنرل شيروف سان ڪيل ڳالهه ٻولهه جنهن ۾ هن جي سنڌين متعلق راءِ شامل هئي. جنرل نيازي رٽائرڊ هٿيار ڪيئن ڦٽا ڪيا ۽ مشرقي پاڪستان بنگلاديش ڪيئن ٿيو؟ سردار شير باز مزاري جا جيل اندر قومي اتحاد ۽ اصغر خان متلق رايا، شاهنواز خان جوڻيجي جا دلچسپ فيصلا ۽ ڳالهيون، رسول بخش پليجو سنڌ لاءِ ڇا سوچي رهيو آهي. جيل ۾ چوڌري ظهور الاهي به سياسي پيشن گويون ڪندو هو، رسول بخش ٽالپر ڀٽي صاحب تي ڪيئن ۽ ڪهڙي تنقيد ڪندو هو، شاهه محمد شاهه اڳتي لاءِ ڇا سوچي رهيو هو، پروفيسر غفور احمد قوميتن متعلق ڪهڙا خيال

رکندو هو، روشن جوڻيجو، نذير عباسي ۽ قمر راڄپر ۽ جيل جا ٻيا ساٿي ڪيئن جيل اندر رهندا هئا. طارق اشرف پنهنجي مصورانہ قلم سان انهن سياسي، ادبي ۽ عام قيدين تي مختصر پر جامع خاڪا بہ لکيا آهن تہ انهن سان ڪيل ملاقاتن ۽ ڳالهين کي تحرير ۾ آڻي ماضي قريب ۾ سنڌ جي هلچل واري تاريخ لکي آهي. جنهن ۾ پنهنجي ئي دور اقتدار ۾ جمهوريت ۽ اسلامي سوشلزم جي نالي ۾ سنڌ جي مسئلن سنڌي ٻولي جي بقا لاءِ آواز بلند ڪرڻ وارن سان جيل اندر ڪهڙيون ڪهڙيون حالتون پيش آيون. مان ذاتي طور تي انهيءَ سڄي مواد کي طارق اشرف پاران گڏ ڪيل هڪ اهم دستاويز سمجهان ٿو ۽ سندس سچائي ۽ دليري کي سنڌ لاءِ باعث فخر سمجهان ٿو. سندس ڪتاب "هٿين هٿ ڪڙول" ۾ هن پنهنجون سڀ جيل جون ساروڻيون خطن جي صورت ۾ پنهنجي جيون ساٿي ڏانهن لکيون آهن. سندس باهمت گهرواري بہ ڪيس طويل خط لکي نہ فقط پنهنجي وفاداري جو يقين ڏياريو آهي، پر انهن حالتن جو بہ تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي جيڪي طارق اشرف جي ٻاهر هجڻ جي صورت ۾ ڪيس پيش ايندڙيون رهنديون هيون. طارق اشرف خطن ذريعي انهن کان با خبر رهي پنهنجو پاڻ کي تازو توانو ۽ نوبنو سمجهندو هو. طارق اشرف خط ۾ پنهنجي ونيءَ ڏانهن جمع خان قصو تفصيل سان لکيو آهي سرحد ۽ بلوچستان جا نعپ جا ليڊر، سنڌ جا سوشلسٽ ساٿس وقت بوقت جيڪي سياسي ڳالهيون ۽ بحث ڪندا هئا، طارق انهن کي رڪارڊ ۾ آڻڻ لاءِ خطن ۾ گهرواري ڏانهن لکي موڪليندو هو ۽ سندس گهرواري جي خطن مان ڪيس پتو پوندو هو تہ سندس ڪيترائي گهڻگهرا، مائٽ، عزيز، ادبي ۽ سياسي دوستن مان ڪهڙا ڪهڙا سندس ڏکئي وقت ۾ پرگهور لهڻ اچن ٿا ۽ همدرديون ڏيکارين ٿا. هن ڪتاب ۾ جيل ۾ پيش روز مره جا واقعا آهن جيڪي عام قيدين کان وٺي وڏن ڏوهارين، سياسي قيدين ۽ انتقامي ڪارروائين تحت گرفتار ٿي ايندڙ بي ڏوهي جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن ڪوڙي ڪيس ۾ سزا طور جيل ۾ پهچندا هئا طارق اشرف اهي سڀ لکيا، فردوسيءَ جيان جڻ تہ "شاهنامہ جيل" لکيو آهي، پر بنا ڪنهن آءِ جي جيل يا حاڪم وقت جي فرمائش تي.

"اڌ ملاقات" ڪتاب ۾ هن جيل مان لکيل ۽ جيل ۾ وٽس آيل ٻن پٽن هڪ ماءُ ۽ هڪ ٻي هستيءَ جا جذبات ڀريل خط موجود آهن. مرحوم طارق اشرف پنهنجي ذات ۾ هڪ انجمن هو، هڪ ادارو هو، جنهن سنڌ جي نون توڙي پراڻن ليکڪن جي تربيت بہ ڪئي ۽ کين نمايان حيثيت ۾ ڇاپي سندن خيالن کي وڏ ۾ وڏ پڙهندڙ مهيا ڪري ڏنا. جيئرن اديبن جا نمبر ڪڍي سندن ادبي لکڻين جو ۽ سندن مان مڃتا کيو آهي ۽ اها روايت قائم ڪئي آهي تہ ليکڪ کي جيڪو مان مرتبو يا مڃتا سندس ذات جي حوالي سان تنقيد ۽ تعريف جيئري ئي هئڻ گهرجي، جيئن هو پنهنجي اصلاح بہ ڪري سگهي ۽ پنهنجو مان بہ پنهنجي جيئري ئي ڏسي سگهي.

طارق اشرف سدائين زندگي جي ارادن، حوصلن ۽ تجويزن سان ٽمٽار هو. سدائين سنڌي ادب ۾ اڳتي وڌڻ نيون منزلون سر ڪرڻ ۽ "سهڻي" ۾ سونهن، سوڀيا، سُرت ۽ سڃاڻ پائيءَ جون مالهائون پوئيندو هو. طارق سچ پچ تہ سنڌي ٻوليءَ جي بچاءُ واري جنگ جو جوڌو جوان هو. هن سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت لاءِ پاڻ ارپڻ واري جذبي سان قلم کي هلايو، هن کي ڇيو ويو هو تہ بہ ٻول معافي جا لکي ڏي، آزاد ٿي ويندين، پر ڇپائين تاحيات جيل ۾ رهڻ پسند ڪندس پر معافي وٺي ٻاهر ڪونہ نڪرندس.

طارق سنڌي ادب جو بي لوث خدمتگار ۽ ڏاهو اديب هو. هو ادب جو هڪ وڏو سرمايو بہ هو تہ پنهنجي ذات ۾ "سهڻي" جي حوالي سان هڪ ادبي تحريڪ بہ هو. طارق ذاتي طور تي ڏاڍو نفيس پر ادب جي ميدان ۾ هڪ اڏول انسان هو. ون يونٽ واري دور ۾ روح رهاڻ ۾ سنڌي ادبي سنگت هڪ وڏو محاذ ڪڙو ڪيو هو. بعد ۾ ستر جي ڏهاڪي ۾ "سهڻي" رسالو هڪ نئين جذبي سان نروار ٿيو ۽ آخر تائين پنهنجو معيار برقرار رکندو آيو. هن جون سنڌي ادب لاءِ ڪيل خدمتون، لاثون ٻڌجي سنڌي ادب ۾ چمڪنديون رهنديون. هن سنڌي ادب ۾ نہ فقط معياري ادب ڏنو، پر هندستان لڏي ويل سنڌي اديبن جون لکڻيون شايع ڪري، سندن پيڙائن کان اسان کي واقف ڪيو. بين الاقوامي ادب جون ڪهاڻيون ترجمي جي صورت ۾ هلايون بين الاقوامي سياست، گليمر، فلم فن ۽ فنڪار جهڙا موضوع هن پوئين دور ۾ سهڻي ۾ پيش ڪيا. سهڻي رسالو ستر جي ڏهاڪي ۾ سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن کان وٺي عام پڙهندڙن تائين ايڏو تہ مشهور ٿيو جو پڙهندڙن کي بادل رسالي، روح رهاڻ ۽ الوحيد جي ڪمي پوري ٿيندي نظر آئي طارق اشرف انتهائي دور نظر رکندڙ، ڏاهو ۽ ارڏو اديب هو. هن پنهنجي لکڻين ۾ هڪ ڀيرو ڀٽي صاحب کي مخاطب ٿيندي لکيو:

"خود غرض ۽ مطلبي ماڻهن کي راضي رکڻ لاءِ تون کين سنڌ وڪڻي رهيو آهين، پر ڀٽا صاحب! ياد رک اهي ئي ماڻهو هڪ ڏينهن توکي دوکو ڏيئي اجلائي ڇڏيندا. اهي توکي اڻ ڪيل گناهن ۾ اڙائيندا ۽ آخرڪار توکي پنجاب جي جيلن ۾ رکي هڪ ڏينهن ڦاسيءَ جي ڦندي تائين پهچائيندا."

سيد خاندان جي وچولي طبقي جي جسماني طور نحيف ڪمزور ۽ يتيم ٻار محروميون ۽ مجبوريون ڏٺيون ۽ پنهنجي قوت ارادي سان پنهنجن پيرن تي بيهي پنهنجي تعليم مڪمل ڪئي. عملي طور ادب ۾ اچڻ ڪانپوءِ لڳاتار ٽيهہ سال مرڻ گهڙي تائين هن جابرن ۽ آمرن سان مردانہ وار مقابلو ڪيو. هن نہ زمين جو ٽڪرو، نہ پلاٽ، نہ پرمٽ، نہ ڪا ٻي سهولت "سهڻي" لاءِ يا پنهنجي ذات لاءِ قبول ڪئي. هميشہ هن حڪمرانن جا ڏنل ڏنڀ قبول ڪيا ۽ موٽ ۾ سندن منهن تي اهو ڪجهہ چئي ويو جيڪو هر ليکڪ، هر ڏاهو نٽو چئي سگهي. هن خالص معياري تخليقي ادب سان گڏوگڏ جديد سياسي ادب کي "سهڻي" ۾ ڀرپور انداز سان پيش ڪيو. آخري دور ۾ بہ هو سچ لکڻ کان ڪونہ مڙيو عوامي آواز ۾ سندس ڪالم "سچو سچ چوان" وزيرن ۽ مشيرن جي خلاف هو. هو سنڌ ڊيمو ڪريٽ گروپ جو سيڪريٽري انفارميشن چونڊيو ويو ۽ مرڻ گهڙي تائين انهيءَ ذميواري کي نڀائيندو رهيو، هن ڪڏهن بہ حاڪمن سان سمجهوتو ڪرڻ نہ سکيو هو.

## جيسين هئي جيئري، ورچي نہ ويني
## وڃي پونءِ پيئي، سارينديءَ کي سڄڻين ـ (شاهہ)

هو سهڻي کي معياري بنائڻ لاءِ حيدرآباد ۽ ڪراچي جا لڳاتار چڪر ڪاٽيندو رهندو هو ۽ پنهنجي قلمي ڏانءُ سان سنڌ جي فڪري شعوري اوسر کي جنم ڏيندي هن ادب ۽ سياست جي سنگم کي سهڻو ڪري پيش ڪيو. وقت جي هر آقا هن کي خريد ڪرڻ چاهيو، هن جيل ڪاٽيا، ڏک سور ۽ پيڙائون پوڳيون. طارق اشرف جڏهن بہ ٻاهر نڪتو هڪ نئين عزم ۽ ولولي سان، هو سچ لکندو هو، ظلم ۽ ڏاڍ خلاف آواز اٿاريندو رهيو.



Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين همسري حيدرآباد

روشنيءَ ۾ هلندي
تون پنهنجو ڪٻو پير اڳتي ڪندي آن،
تہ ڏينهن بيهجي ويندو آ ۽ ڪلندو آ.
۽ هلڪا هلڪا قدم ڪڍڻ لڳندو آ.
جڏهن تہ سج بہ چڻ پنهنجي جاءِ تي ڄمي ويندو آ.
تون پنهنجو سڄو پير اڳتي ڪندي آن،
تہ سج ان ڏينهن ڪان، جيڪو وٽن ۾ بيٺل آ،
آهستگيءَ سان ڇهل قدمي ڪندي، نڪري ويندو آ!!
پنهنجيون ڇاتيون مٿي ڪندي، تون جڏهن گهمندي آن،
تہ وڻ هلڻ لڳندا آهن ۽ سج تاڙ ڪري چڻ،
پويان پوندو آهي.
ڏينهن توسان ملڻ لاءِ ايندو آ..!
۽ آسمان اوچانڪ ڪارا بادل
ايجاد ڪندو آ.!!!

# نوبل انعام يافتہ اديب اوڪتا ويوپاز: زميني توانائين جو تخليقڪار

**سرمد غني**

اوڪتا ويوپاز لوزانو 31 مارچ 1914 ۾ ميڪسيڪو شهر ۾ پيدا ٿيو. پنهنجي پيءُ طرفان هن جو تعلق metizo خاندان سان هو. هن جو پيءُ Octaviopaz Solorzano هڪ مشهور وڪيل جرنلسٽ ۽ ان وقت جي مشهور انقلابي ۽ 1910ع واري انقلاب جي ليڊر Emilia no Zapata جيڪو هاري انقلاب جو سرواڻ ليڊر هو، ان جي انقلابي ڪائونسل جو هڪ اهم ميمبر هو. جنهن ميڪسيڪو جي انقلاب ۾ نمايان حصو ورتو ۽ گڏيل آمريڪا ۾ زپاٽا تحريڪ جي نمائندگي ڪئي. ان ڪانسواءِ ميڪسيڪو جي زرعي نظام ۾ سڌارا آڻڻ وارو هي پهريون شخص هو. هن جي ماءُ جو نالو Josphina Lozano هو. جيڪا اُندلس سان تعلق رکڻ واري هڪ مهاجر هئي. 1915ع ۾ مشهور ليڊر زپاٽا جي قتل ڪانپوءِ هن جو سڄو خاندان لاس اينجلس ۾ وڃي رهيو، جتي ٻہ سال رهڻ ڪانپوءِ 1922ع ۾ وري واپس ميڪسيڪو موٽي آيو ۽ پنهنجي ڏاڏي سان رهڻ لڳو. جيئن تہ هن جي ڏاڏي جي گهر ۾ شاندار لائبريري هئي، جتي نوجوان پاز کي ميڪسيڪو ۽ يورپ جي ادب سان شناسائي ٿي. سترهن سالن جي عمر ۾ اوڪتا ويوپاز جي شاعري جي ابتدا 1931ع ۾ ٿي. ٺيڪ ٻن سالن ڪانپوءِ هن پنهنجي شاعري جي پهرين مجموعي Luna silivster, wild Moon ۽ Savage Moonکي شايع ڪرايو ۽ گڏو گڏ هڪ ادبي رسالي Note Book of the Vally of Maxico جو آغاز بہ ڪيو. لڳ ڀڳ، انهيءَ دور ۾ ئي پاز پنهنجو ڪجهہ ادبي پورهيو چليءَ جي مشهور شاعر پيبلونرودا کي موڪليو، نرودا نہ رڳو هن جي لکڻين جي پذيرائي ڪئي، پر ليفٽسٽ رائٽرز جي اسپين ۾ ٿيندڙ گڏجاڻي تي بہ اُتساهيو. نتيجي طور پاز سياسي سرگرمين ۽ لکڻ پڙهڻ ۾ ايترو مصروف ٿي ويو جو هو پنهنجي وڏيڪ تعليم کي جاري رکي نہ سگهيو ۽ مارچ 1937 تائين پنهنجي تعليم کي خيرآباد ڪرڻو پيس. ساڳئي سال 1937ع ۾ پاز اينٽي فاشسٽ اديبن جي ٻي بين الاقوامي ڪانگريس ۾ شرڪت لاءِ اسپين هليو ويو، جتي هن جون ملاقاتون، اسپين جي مشهور شاعرن Cernuda, Machado, Albert ڪانسواءِ لاطيني آمريڪا جي ٻين مشهور شاعرن Huidobro Valego, Pablo Narudaسان ٿيون. سال 1937 ۾ ئي پاز جي شادي، ميڪسيڪو جي مشهور اديب Elena Garro سان ٿي، ٻئي پاڻ ۾ 1935ع ۾ مليا هئا انهن ٻنهي جو اهو ميلاپ سڄا سارا 23 سال هليو ۽ پوءِ ڪجهہ سببن جي ڪري 1959ع ۾ ڌار ٿي ويا. پاز کي هن مان هڪ ڌيءُ Helena پيدا ٿي. پاز ڪجهہ عرصو اسپين ۾ رهيو، پوءِ 1938ع ۾ ميڪسيڪو واپس موٽي آيو، جتي هن روزاني اخبار Elpopular ۾ سياسي حالتن تي ڪالم نگار جي حيثيت سان لکڻ شروع ڪيو. ان دوران وڏندڙ جنگ سان گڏ ميڪسيڪو ۾ ٻاهران ايندڙ مهاجرن جي انگ ۾ اضافو ٿيندو ويو ۽ گاديءَ وارو هنڌ وڏندي، هڪ ڪوسمو پوليٽن شهر ۾ تبديل ٿي ويو. اهڙيءَ طرح پاز جي دوستيءَ ۾ ڪوڙ اهڙا جلاوطن اديب جهڙوڪ victor serge ۽ Benjamin peret وغيره شامل ٿي ويا. انهن دوستن سان ملي، هن هڪ ادبي رسالو(The Prodigal Son) شايع ڪيو. جنهن ۾ متضاد ادبي حيثيت وارن وڏن شاعرن ۽ فنڪارن تي اسپينش زبان ۾ تبصرا شايع ٿيا. معاشي بدحالي واري زماني ۾ پاز کي ڪوڙ اهڙيون اٽوٽندڙ نوڪريون بہ ڪرڻيون پيون، جن ۾ شايد سڀ کان عجيب و غريب نوڪري، سينٽرل بينڪ آف ميڪسيڪو جي هئي، جتي هن کي پراڻن ۽ بوسيده نوٽن کي بنيءَ ۾ ساڙڻ کان پهرين، انهن نوٽن جي ڳڻپ ڪرڻي پوندي هئي. 1944ع ۾ پاز هڪ فيلو شپ جي تحت آمريڪا هليو ويو جتي هن کي نيو پارڪ، سان فراسسڪو ۾ رهندي اوڀر آمريڪي شاعريءَ جي مطالعي جو موقعو مليو. ان دوران هن جي مضمونن جو پهريون ڪتاب The labyrinth Solitude 1950ع ۾ شايع ٿيو. هن



جو اهو مضمونن جو ڪتاب 9 حصن تي ٻڌل آهي: جيڪي هينيان آهن:

1. The pachco and other extrems. 2. The Maxican marks.
3. The day the dead. 4. Songs of La Malinche
5. The conquest and colonialism. 6. From Indepcndence to the Revolution. 7. The Maxican intelligence. 8. The present day.
9. And the dialectic of Solitude.

1945ع هن ڪي پيرس وڃڻو پيو، جتي Andre Breton سان، هن جا تعلق جڙيا ۽ ائين پاز ڪي سرئلسٽڪ Surrealistic سرگرمين ۾ شرڪت ڪرڻ جا موقعا مليا. سُريلزم Surrealism دراصل هڪ ثقافتي موومينٽ هئي جيڪا 1920 کان 1930 تائين تمام گهڻي مقبول ٿي.

1946ع ۾ اوڪتا ويوپاز فارن سروسز Foreign Services ۾ شامل ٿيو ۽ زندگيءَ جا سڄا سارا 22 سال هن پيرس نيو يارڪ، سان فرانسسڪو، جنيوا ۽ نئين دهلي ۾ گذاريا. 1957ع تائين پاز 26 سال شاعري ڪرڻ ۽ ڇپائڻ ۾ گذاري چڪو هو. اِتي هن جي اوائلي عمر واري شاعريءَ جو دور ختم ٿو ٿئي ۽ بعد ۾ اچڻ واري شاعريءَ جي شروعات Sun Stone جهڙي نظم سان ٿئي ٿي. هن جي نظمن ڪانسواءِ هن جي مضمونن جو ڪتاب The labyrinth of Solitude پاز جي بين القوامي ساک کي مظبوط ڪيو. ۽ ڪجهہ ئي وقت ۾ هن جي اَهم ڪتابن جو دنيا جي مختلف ٻولين ۾ ترجمو بہ ٿيو. سال 1962ع ۾ پاز کي ميڪسيڪو جي حڪومت انڊيا ۾ سفير ڪري موڪليو، جتي هن جي ملاقات ميري جوس ٽراميني سان ٿي ۽ پاز هن خاتون سان شادي ڪئي، خود پاز جي لفظن ۾ تہ: "پنهنجي پيدا ٿيڻ کانپوءِ، سڀ کان اهم ڳالهہ جيڪا منهنجي زندگيءَ ۾ ٿي." ان دوران ئي هن انڊين آرٽ ۽ فلسفي جو مطالعو ڪيو. پاز دهلي ۾ 1962ع کان 1968ع تائين، پنهنجي ملڪ لاءِ سفير طور خدمتون سر انجام ڏنيون. اِن عرصي ۾ پاز جي شاعريءَ جي 8 ڪتابن ڪانسواءِ فن مصوري، ادب فلسفي ۽ سياست تي مضمونن جا 6 مجموعا منظر عام تي آيا. ايندڙ سالن ۾ پاز، ڪيمبرج يونيورسٽي، ٽيڪساس يونيورسٽي ۽ هارورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيندو رهيو. 1971ع ۾ پاز ميڪسيڪو موٽي آيو، جتي هن هڪ ماهوار ثقافتي رسالي Plural جو آغاز ڪيو. 1976ع ۾ جڏهن حڪومت ان رسالي کي ضبط ڪيو تہ پاز هڪ ٻيو ماهوار vuelta يعني Return کي پنهنجي نگرانيءَ ۾ شروع ڪيو. ان رسالي جي اشاعت اڄ بہ جاري آهي ۽ اڄ بہ لاطيني آمريڪا ۾ هڪ معتبر ادبي رسالي جي حيثيت سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو.

اهڙيءَ طرح پاز 1980ع جي ڏهاڪي ۾ بہ دنيا جي گهڻن ئي ملڪن ۾ پنهنجا ليڪچر ڏيندو رهيو، انهن مُلڪن ۾ انڊيا، جاپان، ڏکڻ آمريڪا جا ملڪ، اسپين، جرمني ۽ ليٽن آمريڪا شامل آهن.

تنهن ڪانسواءِ هن اُن دور جي سياست تي هڪ مشهور ڪتاب one Earth, four or five world لکيو. سال 1987ع ۾ پاز جي شاعريءَ جو هڪ ٻيو مجموعو A Tree with in منظر عام تي آيو. اهڙي طرح پاز، هڪ فلسفي، ماهر علم الانسان، ادب ۽ فن مصوري جي نقاد جي حيثيت سان نمايان مقام حاصل ڪيو، پر بطور شاعر هو ڪمال جي بلندين تي پهتو ۽ نيٺ 1990ع ۾ هن کي دنيا جي وڏي انعام، نوبيل انعام جو حقدار مڃيو ويو. حقيقت ۾ پاز جي شاعريءَ جون پاڙون لاطيني آمريڪا ۽ خود هن جي پنهنجي وطن ميڪسيڪو ۾ تمام گهڻيون گهريون رهيون، پوءِ بہ هي هم عصر Contemporary دنيا جي مصيبتن ۽ مسئلن کي محسوس ڪندي، انهن جي قُربَ ۽ درد جو اظهار پنهنجي شاعريءَ ۾ بي پناهہ شدت سان ڪندو رهيو. اهڙي طرح هو لاطيني آمريڪا ۽ ميڪسيڪو جو شاعر هوندي بہ هڪ آزاد انسان هئڻ جي ناتي، تمام جاگرافيائي ۽ معاشرتي زنجيرن کي ٽوڙيندو، بين الاقوامي شهرت جو مالڪ بڻجي ٿو وڃي.

۽ پنهنجي مشهور نظم Sun Stone ۾ چئي ٿو:

**"هر شيءِ پنهنجي هيئيت بدلائي ٿي ۽، مقدس آ.**
**۽ هر ڪمرو هاڻي دنيا جو مرڪز آ.**
**اڄ جي رات آوَلين رات آ،**
**اڄ جو ڏينهن روز آوَل..!**
**جنهن وقت بہ ٻہ انسان هڪ ٻئي کي**
**چمندا آهن تہ، دنيا...،**
**مُعرض وجود ۾ ايندي آ.**

اهڙيءَ طرح، پاز پنهنجي شاعريءَ ۾ جتي هڪ طرف انڊين قبائلي زندگي ۽ آمريڪي طرز معاشرت مان توانائي حاصل ڪري ٿو، اتي ئي ٻئي پاسي، يورپ جي حيراني ۽ تعجب کي ان توانائيءَ ۾ شامل ڪندي هڪ ٻي نظم one Reading john cage ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪجهہ هن طرح ٿو ڪري:

**"موسيقي، خاموشي ايجاد ڪندي آ.**
**فن تعمير خلا ايجاد ڪندو آ.**
**هوا جون فيڪٽريون...،**
**خاموشي، موسيقيءَ جو خلا آهي.**
**خلا... گهڻو وسيع نہ آهي،**
**خاموشي ڪٿي بہ ناهي،**
**سواءِ ذهن جي.**
**خاموشي هڪ خيال آهي.**
**موسيقي خيال نہ آهي.**
**اِهو آواز آهي.**
**جيڪو خاموشيءَ، مٿان هلندي،**
**ٻُڌڻ ۾ ايندو آ.!!!"**

اهڙيءَ طرح جڏهن هو افغانستان جي شهر هرات ٿو وڃي تہ هن کي روحاني خوشي نصيب ٿيندي آهي ۽ هڪ نظرياتي انسان هئڻ جي باوجود، هو شاعري جي غير نظرياتي فطرت ۾ يقين ٿو رکي

۽ پنهنجي نظم Happiness in herat ۾، هڪ صوفي شاعرحضرت عبدالله النصر جي مزار تي وجي ٿو، اِن مزار جي باغ ۾ هڪ خشڪ وڻ آهي، جتي زائرين، وڻ جي سڪل ڪاٺيءَ ۾ لوهي ڪوڪن کي ٺوڪي، پاڻ کي ڏندن جي سور ۽ بد اثرات کان محفوظ ڪندا آهن، پر اوڪتا ويوپاز، انهيءَ خشڪ سڪل وڻ ۾ هڪ ڪوڪو پنهنجي ذات جي خلاف ٿو ٺوڪي ۽ چئي ٿو:

**"صوفيءَ جي مزار تي،**
**بي جان سڪل وڻ ۾**
**هڪ ڪوڪو ٿو ٺوڪيان،**
**ٻين وانگر اِهو ڪوڪو،**
**ڪنهن بُري اثر جي خلاف نه ....،**
**پر...، خود پنهنجي ذات جي خلاف آهي. !!_"**

ڏنو وڃي ته، جتي هڪ طرف هن کي پنهنجي ديس کان پري رهي زندگي جي مختلف مظهرن ۽ مشاهدن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ سمائي، روشناس ڪرائڻ جو موقعو مليو، اتي ئي وطن جي دوري نه رڳو هن جي شاعريءَ کي بلنديون عطا ڪيون، پر زندگيءَ جا نوان گس به ڏنا. بهرحال، ائين چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه آهي ته، روبن ڊاريو لُورڪا ۽ پيبلو نرودا ڪانپوءِ بي پناهه شهرت حاصل ڪرڻ واري شاعري، اوڪتا ويوپاز جي ئي آهي. جنهن جا نظم نه رڳو ميڪسيڪو جي ماڻهن جي زبانن تي، پر گهڻي ڀاڱي سڄي لاطيني آمريڪا ۾ جوش ۽ خروش سان ڳايا ويندا آهن. پنهنجي هڪ ٻي نظمThe Broken Jar ۾ پاز چئي ٿو:

**"اسان کي چَشمي تائين، وڃڻ جي لاءِ...،**
**اضافي خواب ڏسڻا پوندا. !**
**صدين جي لاءِ اسان کي پاڻي جي ڌارائن ۾،**
**مختلف دشائن ۾ رهڻو پوندو.**
**ننڊپڻ کان گهڻو اڳتي، ابتدا کان به اڳتي،**
**پاڪ ڪري ڇڏڻ واري پاڻي کان به گهڻو اڳتي...،**
**ماڻهن جي وچ ۾، ديوارون ڪيرائڻ جي لاءِ...،**
**۽ اُن کي حاصل ڪرڻ جي خاطر**
**جو مسلسل وهي ٿو ۽ اسان کان جدا آهي !**
**زندگي ۽ موت به متضاد لفظ ناهن.**
**اِهي اصل ۾ هڪ ئي شاخ تي، ٻه جاڙا گل آهن.**
**اسان کي گمشده دنيا کي ڪوٺي ڪڍڻو آ،**
**ته جيئن رات تي لکيل تحرير کي**
**پڙهي سگهون ۽ سومهڻيءَ**
**جي اکين ۾ اکيون وجهي، ڏسي سگهون.**
**۽ ان جو نقاب ڦاڙي ڦٽي ڪيون. !!"**

اِها نظم، ميڪسيڪو جي شاگردن جي دلين جي ڌَڙڪن بڻيل رهي ۽ ماڻهو ميڪسيڪو جي انهن چانهه جي هوٽلن ۽ ريسٽورينٽس ۾ هڪٻئي کان پڇندا رهيا:
ڇا پاز واپس اچي رهيو آهي!!؟

1968ع جي خزان ۾ ميڪسيڪو جي شاگردن جي هڪ وڏي جلوس کي منتشر ڪرڻ جي لاءِ اقتداري ڌرين، هيليڪاپٽر، ٽينڪون ۽ فوجي دستن جو بنا ڪنهن سوچ جي استعمال ڪيو. ان سفاق ۽ ظالمانه ڪارروائي ۾ شاگردن جو هڪ وڏو انگ مارجي ويو، لڳ ڀڳ 400 شاگردن کي گولين جو نشانو بڻايو ويو، سوين زخمي ٿيا ۽ هزارين شاگردن کي گرفتار ڪري جيلن ۾ واڙي، انهن تي تشدد ڪيو ويو. ميڪسيڪو جي ماڻهن جي زبان تي اِها ڳالهه عام هئي ته مرڻ وارن شاگردن جي لاشن کي ساڙيو ويو، پر اُن جو ذڪر نه اخبارن ۾ شايع ٿيو ۽ نه ئي مرڻ وارن جي مالڪن کي حڪومت جي طرفان ڪو اطلاع ڏنو ويو. ان وحشيانه بربريت جي خلاف اوڪتا ويوپاز احتجاجن پنهنجي سفارتي منصب تان استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي ۽ اُن سال ميڪسيڪو شهر ۾ ٿيڻ وارين اولمپڪ راندين واري ثقافتي ڪميٽيءَ کي پنهنجي نظم Lali Mpidiz(جنهن جو مطلب "صفائي،" آهي) موڪلي ڏني. ان نظم ۾ پاز زبردست احتجاج ڪري حڪومت سان پنهنجي ڏک ۽ ڪاوڙ جو اظهار ٿو ڪري:

**"ممڪن آ اِها ان قابل هجي،**
**ان ڌوتل چادر جي صفائيءَ مٿان لکڻ جي قابل...،**
**اِها ڌوتل آهي.**
**اِها غضب ناڪ آهي.**
**زرد ۽ ڪاري،**
**صفحي جي ٻئي پاسي ويندي، شرم ۽ ڪاوڙ ڇا لاءِ آ. !**
**خود پنهنجي ذات جي خلاف ! ؟**
**جيڪڏهن سڄي قوم شرم سار ٿي وڃي ته،**
**اِها شينهن جي هڪ وڏي اُڇل جي برابر آهي.**
**جان قربان ڪري ڇڏڻ واري چوڪ ۾..،**
**ميونسپل جا ملازم، خون ڌوئي رهيا آهن.**
**ڪجهه چوڻ کان پهريون، ان چوڪ کي ڏسو!**
**اِهو رت ۾ وهنجاريل آ.**
**صحيح معنيٰ ۾ پاڪ ڪرڻ**
**۽ ڌوئڻ جي قابل. !!!."**

اوڪتا ويوپاز جي لفظن ۾، "شاعري هڪ ٻيو آواز آ، جيڪو تاريخ يا قيد تاريخ جو آواز ناهي، پر اُهو آواز آ، جيڪو تاريخ ۾ هميشه کان مختلف ڳالهه ڪندو رهيو آهي ۽ اِها نظم اُهو آواز هئي، جنهن ميڪسيڪو جي عوام جون دليون کٽي ورتيون ۽ اوڪتا ويوپاز جي شاعريءَ همعصر تاريخ ۾ هڪ اهم مقام حاصل ڪري ورتو.

بهرحال 19 اپريل 1998ع جي تاريخ تي هي اَمر ۽ اڏول انسان هن فاني دنيا مان موڪلائي ويو.



**"اڪيلائي انساني زندگيءَ جي هڪ گهري حقيقت آهي. انسان هڪ اُها هستي آهي، جيڪو ڄاڻي ٿو ته هو اڪيلو آهي."**

# معصوم موسيقار موزارٽ

مدهوش مير

ڌرتي جي گولي تي آيل انسان ڪيترائي دور طئي ڪندي اڄ هن شاندار حال ۾ بيٺل آهي. انساني تاريخ ڏسڻ سان عقل ضرور دنگ رهجيو وڃي ته ڪيئن انسان ڌرتي تي پنهنجا وڻج واپار ۽ هٿ جي هنرن کي اڳتي وڌائيندي پنهنجي راحت ۽ فرحت لاءِ ڇا ڇا نه ايجاد ڪندو اچي ٿو. جڏهن ڪان انساني ايجاد ساز ۽ موسيقيءَ جي ڳالهه ڪنداسين ته ڪيترا سال پوئتي نظر ڪرڻي پوندي جنهن ۾ موهن جي دڙي جي ناچڻي سمبارا کي ڪراس ڪري سميرين جهڙين تهذيبن کي ڏسڻ جي ضرورت پوندي، جيتري قدر موسيقي جو سماج ۽ قومن ۾ ڪردار ۽ تاريخ جي ڳالهه ڪجي ته هن آرٽ جا پير ڌرتي تي رهندڙ تهذيبن ۾ ڪتل آهن، تنهنڪري ٻولي ۽ تهذيب جي شناخت لاءِ موسيقي جهڙي زيور کي گهوري ڏسڻ ۾ ڪو عيب ناهي. موسيقي سُر ساز ۽ سنگيت جي عمر تمام گهڻي پراڻي آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته ڪيترين ئي صدين کان موسيقي کي اوائلي دور ۾ مختلف قسم جي ذهني ۽ جسماني بيمارين جي علاج طور به استعمال ڪيو ويو آهي. موسيقي ڪيترين ئي ڪفيتن جو مجموعو آهي. موسيقيءَ جو تسلسل اڄ کان نه پر صدين کان هلندو پيو اچي، اڄ به اسان محفلن، ميڙاڪن، شادين مرادين، ڪچهرين ۾ موسيقي کي اوليت ان ڪري ڏيندا آهيون ڇو ته ان ساز جو تعلق اسان جي روح سان آهي يا ڪٿي ائين چئجي ته تنهائي جي ويرانين ۾ وڃايل وجود کي به اسان موسيقيءَ ۾ ڳوليندا آهيون. دنيا جي مختلفن قومن قبيلن ۾ موسيقيءَ جا مختلف پهلو آهن، جيئن ڪرسٽين جو پراڻو قبيلو جيبارڪ جنهن ۾ ماڻهو جي مرڻ کانپوءِ ان مٿان ڏک جون ڌنون وڄايون وينديو هيون، خوشي ۾ موسيقي کان ويندي موت ۾ موسيقي جي آلاپن کي ڇيڙيو وڃي ٿو. اڄ کان 300 سال اڳ جي هڪ موسيقار جنهن پنهنجي سرن ۽ سازن سان روحاني رشتو جوڙي سڄي زندگي موسيقي کي ارپي ڇڏي ۽ اڄ جي جديد ٽيڪنالاجي واري دور ۾ ان موسيقار کي ڌنن، سازن ۽ سُرن جو اڻ ڏٺو امام تسليم ڪيو وڃي ٿو.

George Frederic Handel هڪ باوقار موسيقار هو، جنهن جي فن جا چرچا جرمني توڙي اٽلي ۾ هئا. هن جو تعلق هڪ خوشحال خاندان سان هو، تنهنڪري هو پئسي جي خرچ کان نه ڪيٻائيندي ڪٿي ۽ ڪنهن به جڳهه تي رٿيل موسيقيءَ جي پروگرام ۾ آساني سان شرڪت ڪندو هو. ان دوران هڪ موسيقيءَ جي ميلي ۾ هن جي ملاقات هڪ مفلس موسيقار "ليو پولڊ" سان ٿي جنهن جو تعلق آسٽريا جي شهر مالزبرگ سان هو. ملاقات دوران دوستي تي وئي جنهن ڪانپوءِ هو ڪافي گڏجاڻين ۾ ملندا رهندا هئا. ڪافي عرصي بعد پاڻ ۾ مليا ته جارج فريڊيرڪ هينڊل بنا ڪنهن رک رکاءُ جي "ليو پولڊ" کي ياڪر پاتو پوءِ حال احوال ڪجهه هن ريت ونڊيا: "زندگي ۾ هر آيل ڏکي گهڙي کي آجيان ڪندي وقت پيا گذاريون، پُٽڙو به ڄائو آهي، جنهن جي راند روند لاءِ منهنجي گهر ۾ موسيقيءَ جي اوزارن کانسواءِ ڪجهه به ناهي." جارج فريڊيرڪ هينڊل وراڻيندي چيو، "ليو پولڊ، گهٻرائي نه اهي ڏينهن پري ناهن جو اوهان جي شَهَزَادَي جي نانءُ کي دنيا سڃاڻندي، اوهان جو ننڍڙو اوهان جي خوشحالي جو سبب هوندو، اوهان جي ڏکي زندگي جا ڏينهن هاڻي ٿورا آهن." اهڙا دسالا ڏيڻ وارو جارج فريڊيرڪ هينڊل گهڻو ٽائيم زنده نه رهيو ٽن سالن کانپوءِ 74 سالن جي ڄمار ۾ 1759ع تي دنيا ڇڏي ويو. موسيقار ليو پولڊ جي گهر ۾ 1756ع تي جنم وٺندڙ ٻارڙو "رولف گينگ ايمي ڊئس موزارٽ" هو، جنهن جي مٿي ڳالهه پئي هلي. ان دور جي پيٽ ۾ ليو پولڊ هرهڪ غريب ۽ هيٺئين ڪلاس جو موسيقار هو، ان موسيقي جي فن مان مليل معاوضي مان گهر جو گاڏو هلائيندو هو، جنهن ۾ هو پنهنجي ڌيءَ ۽ هن ننڍڙي پٽ موزارٽ کي پاڻ سان گڏ محفلن ۾ وٺي وڃڻ کانسواءِ ٻيو ڪو چارو نه هئس. ٽن سالن جي عمر وارو موزارٽ پيءُ سان گڏجاڻين ۽ ڪچهرين ۾ موسيقيءَ جي اوزارن سان حرڪت ڪرڻ وارو شرارتي ٻار اڳتي هلي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ پهريون دفعو 1761ع ۾ 5 سالن جي عمر ۾ هو "وائلن" کڻي عوام جي وچ ۾ ڪيڏڻ لڳو. ننڍي عمر ۾ فن سان لڳاءُ رکندڙ موزارٽ ڏسندي ئي ڏسندي 1765 ۾ آرگن وڄائي عوام کي ڏنڊين آڱريون ڏئي ڇڏيون. پنهنجي فن سان بي انتها محبت ڪندڙ موزارٽ لاءِ وڏو مسئلو پئسي جو هو جنهن ڪري هو اڪثر پريشاني جي حالت ۾ رهندي گوڏن مٿان هٿ رکي آڱريون پيو اڳتي پوئتي، هيٺ مٿي ڪري ڌنون ترتيب ڏيندو هو. تنگدستي جي باوجود 20 سالن جي عمر ۾ هو بهترين ڌنن کي ترتيب ڏيڻ سان گڏ اوپيرائن جو پڻ ماهر ٿي چڪو هو، روزگار سانگي اٽلي جرمن کان ويندي ٻين ملڪن ۾ وڃي پنهنجي ذات جا ڏيئا ٻاريا، موزارٽ جيڪو اڳتي هلي بهترين فنڪارن ۽ موسيقارن جي زبانن تي گردش ڪرڻ لڳو، پر بدقسمتي سان جارج فريڊيرڪ هينڊل جا ليو پولڊ کي چيل لفظ ته، اوهان جو ننڍڙو اوهان جي خوشحالي جو سبب بڻبو اهو وقت هنن جي زندگي

۾ نہ آيو ۽ موزارٽ بہ دربدري جي زندگي گذارڻ لڳو سڄي عمر پئسي جي ڪوٽ رهيس، محفلن ۾ ڳائڻ وڄائڻ ۽ پنهنجي فن جا جوهر ڏيکاريندڙ موزارٽ کي امير ترين گهراڻن جا ماڻهو پنهنجي جُتن جا عاليشان قيمتي بڪل هيرا پٽي ڏيندا هئا جن کي هو وڪڻي پنهنجو پيٽ پاليندو هو. زندگي کي اڳتي وڌائيندي غربت سبب پيار ۾ ناڪامي ڪانپوءِ موزارٽ ”سٽينزي ويبر“ نالي عورت سان شادي ڪئي جيڪا پڻ هن کي ڳچي ۾ پئجي وئي، همراهہ جي ڪمائي پوري ساري ۽ مائي جا عياش پرستي وارا خيال پيا موزارٽ کي جنجهوڙيندا هئا. غربت سبب ويم ۾ هن جا ٻار بہ اڪثر پيا مرندا هئا. جنهن ڪانپوءِ زال مڙس کي روئڻ ئي راس ٿيندو هو. ايتري ۾ موزارٽ عمر جي آخري سرحدن تي بيمار ٿي پيو جنهن ڪانپوءِ هو 5 ڊسمبر 1791 ۾ 35 سالن جي عمر ۾ فوت ٿي ويو. هن جي 35 سالن واري مفلس زندگي ۽ موت واري گهڙي بہ ڏاڍي دل ڏڪائيندڙ ثابت ٿي. جڏهن هن وفات ڪئي تہ هن جون آخري رسمون ڪنهن فرنچ انقلاب جي امام والٽيئر جيان نہ هيون جنهن لاءِ لکين ماڻهو هن جي تابوت جي آجيان ڪن، پر هن جي مرڻ ڪانپوءِ بہ چار دوست ئي هئا، جيڪي لاش ڪٽائي قبرستان ڏانهن وڌيا تہ قدرت بہ ڪڙڪي پئي برسات ۽ مينهن وسڻ لڳو، جنهن بعد اهي دوست بہ موزارٽ جي تابوت کي گاڏي ۾ وينل گورکن حوالي ڪري قبرستان جي هڪ لکيل قبر ۾ عظيم موسيقار موزارٽ جي تابوت کي ڦٽو ڪري وڃي پڳا. موزارٽ سان حياتي ۾ اڪثر ائين بہ ٿيندو هو تہ جوزف هيڊن Joseph Haydn جهڙا شاتر دماغ موسيقار هن جون ڌنون چورائڻ ۾ وسان نہ گهٽائيندا هئا، اتي موزارٽ کي لُڊ وگوين بيٿون Ludwig van Beethoven جهڙا شاگرد بہ مليا ” لڊ وگوين بيٿون“ جي زندگي تہ ساڳي پنهنجي استاد موزارٽ جيان ڏکن سان پُريل هئي، پر پوءِ بہ لڊ وگوين بيٿون جي ڳالهہ نهايت احترام سان بيان ڪجي ٿي تہ هو فن جو متوالو غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاريندڙ ڪلاڪار هو، فن جي تربيت وٺڻ لاءِ ويانا اچي موزارٽ کان موسيقيءَ جي سکيا وٺندو هو. سندس زندگي ايتري ڏکي هئي جو موت بہ هن کي ان وقت پنهنجو نہ پيو ڪري بدقسمتي سان خودڪشي ڪيائين، پر بچي ويو. حياتي کي موت جي هنج ۾ سمهارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪانپوءِ هو حادثي جو شڪار ٿي ويو جنهن



۾ ٻڌڻ جي صلاحيت هن کان کسجي وئي ۽ تڪليفن اجان وڌيڪ گهيرو تنگ ڪيس، پر هن جي قسمت ۾ اجان وڌيڪ پيڙاءُ هئي مٿان ماءُ گذاري ويس پويان شراب جي نشي ۾ ڌت رهندڙ پيءُ ۽ ٻن ننڍن ڀائرن جي ذميواري بہ ”لڊ وگوين بيٿون“ مٿان اچي وئي ايترن اهنجن ڪانپوءِ ” لڊ وگوين بيٿون“ موسيقيءَ تان هٿ نہ ڪنيو. 1792 ۾ وري جڏهن موزارٽ جي شهر جو رخ ڪيائين تہ اتي پهچي هن کي خبر پئي تہ موزارٽ بہ دنيا ڇڏي ويو. دل ئي دل ۾ هنجون هاريندڙ ” لڊ وگوين بيٿون“ پاڻ کي زمين تي ڪريل ۽ قسمت جو ماريل ماڻهو سمجهڻ لڳو، پر هن جا حوصلا وري بہ آسمان جي اوچائين تي پهتل هئا. هڪ دفعو بيماري جي حالت ۽ عمر جي آخري ڏهاڪن ۾ هن پنهنجي شاگردن ”ليٽيون“ ۽ ” گيراڊلون“ کي چيو تہ اڄ منهنجي پرسان ويهي موزارٽ جي اها ڌن وڄايو جيڪا هُن پنهنجي آخري ٽائيم ۾ نوحي نما ٺاهي هئي، جنهن کي ٻڌڻ سان اکين جا بند پڇي پوندا آهن ۽ اکيون روئڻ تي مجبور ٿي پونديون آهن. آخرڪار موسيقيءَ جو يگانو عاشق ”لڊ وگوين بيٿون“ 1827ع ۾ دنيا ڇڏي ويو، موزارٽ کان سکيا وٺندڙ هڪ ٻيو موسيقار ”مسٽر ايڊمليز“ نالي موزارٽ جو شاگرد هو جيڪو ايلسا قاضي جو پيءُ ۽ علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب جو سهرو هو. موزارٽ اها عظيم شخصيت آهي جنهن سڄي عمر بک، بدحالي، بيروزگاري ۽ بيمارين، سان وڙهندي گذاري، هن جي حياتي ۾ هن جو قدر نہ ٿيو، هن کي اها موت مجتا نہ ملي جيڪا هن کي ملڻ گهرجي ها. هن جي مداحن ۾ واگنر رچرڊ جهڙي نالي واري موسيقار چيو تہ، ”جيڪو موزارٽ کان واقف بہ هجي ۽ ان جي ڪنن تي سُر ساز جا پڙلاءُ پون ۽ موزارٽ کي ياد نہ ڪري تہ ان کي موسيقيءَ جو اهو سُرور حاصل ٿي نٿو سگهي.“ زندگي ۾ مجبور موزارٽ پنهنجي هر تڪليف کي موسيقيءَ جي سرن سان جواب ڏنو ۽ مرڻ ڪانپوءِ موسيقيءَ ذريعي زنده رهندڙ موزارٽ جا چوٽي جا مداح البرٽ آئينسٽائين، واگنر رچرڊ، شوپنهار سميت جهڙا نالا شامل آهن.




حوالا: رسول ميمڻ- ماڻهو مور نہ مرڻا آهن.
موسيقي سدا حيات اردو ميگزين- بشارت
موسيقي جي تاريخ- هزار داستان 2010.

# زندگيءَ جا راز

**احساس ميرل**

ڪنهن ڏاهي جو چوڻ آهي تہ پنهنجي سوچ ڪي تبديل ڪرڻ ۽ نوان نوان گس پرکڻ لاءِ سفر مفيد ثابت ٿئي ٿو سنڌ جيجل جا سفر دل جي صندوق ۾ قيمتي زيوَر محسوس ٿين ٿا. 27 آگسٽ اڱاري ڏينهن صبح جو نائين وڳي ٽر گهمڻ لاءِ نڪتاسين، ادا عبدالغفور چنو، سائين منظور عمراڻي، شاد عبدالشڪور چنو، حاجي غلام حيدر خاصخيلي، آئون پنجن پيارن جو قافلو اڏيرو لال اسٽيشن ڪان ٽر جي واريءَ ۾ ٽر واسين ڪي سامهون ڏسڻ لاءِ پيار جي پيچرن تي هلڻ لڳو، هونئن تہ اسان ٽنڊي الهيار ڪان ئي ٽر ويندا آهيون، پر هن ڀيري ادا عبدالغفور چيو تہ ٽنڊي آدم فوجي موڙ ڪان ميرپور وارو رستو بهتر آهي اتان ٽا هلون. اهو صرف ان ڪري جو اڏيرو لال اسٽيشن ڪان نصرپور تائين جيڪو روڊ آهي سو توبهہ ڪرايو ڇڏي، منهنجي خيال ۾ هِن روڊ ڪي ڏهہ سال ڪن ٿي ويا آهن، پر اڃا تائين نهڻ جو نالو ئي ناهي صفا ڀڳل ٽٽل روڊ گوڏي جيڏا کڏا ٻڌو اٿئون تہ اهو روڊ بہ ٺي پيرا ٺهيو آهي پر ڪاغذن ۾، حقيقت اها آهي تہ جي ڪنهن سان دشمني هجي تہ ان ڪي ان روڊ تان چڪر ڏيارجن خبر ناهي اسان جي اڳواڻن جون ڪڏهن اکيون کلنديون. خير اسان ٽنڊو آدم ڪان ٿيندا اڇي فوجي موڙ ڪان سڌا ٿياسين روڊ سٺو هو ڪچهري ڪندي اڇي ميرپور خاص ڪان ٿورو اڳتي نئون ڪوٽ روڊ، مکڻ سمون، ۾ وٽجارا هوٽل تي بريڪ هنئيسين ان هوٽل تي ڪجهہ مهينا پهرين اسان ڪي سائين مٺل جسڪاڻي وٺي آيو هو تڏهن اسان سائين محمود مغل سان گڏ سنڌ جي اربيلي شاعر محترم وفا پلي جي تعزيت لاءِ سندس ڳوٺ شادي پلي ويا هئاسين، سو مون ڳالهہ پئي ڪئي تہ وٽجارا هوٽل ڪا وي. آءِ. پي ناهي، پر عام هوٽلن ڪان بلڪل مختلف آهي، پهرين ڳالهہ تہ اتي ڪجهہ ثقافتي شيون رکيل آهن ۽ ڪافي ڪتاب بہ رکيل آهن، هڪ بہ چونرا آهن ڪڙ تي ڇپرو نهيل آهي ڪوهہ نهيل آهي ڪافي ٻيون بہ ثقافتي شيون آهن خير اسان اتي چانهہ پيتي ۽ اڳتي سفر جاري ٿيو سفر ۾ ڪل پوڳ ۽ موسم جو مزو پئي آيو، اسان جا ڀاڳ ڀلا هئا جو آسمان تي ڪڪرن جي بادشاهي هئي جهڙالو جهان هو، پياري آڪاش چانڊئي سان رابطو هو تقريبن هڪ وڳي منجهند جو اڇي نئون ڪوٽ لڳ ڳوٺ عيسن چانڊيو ۾ پهتاسين جتي ادا آڪاش علي نواز چانڊيو انتظار ۾ بيٺو هو ڀاڪر پائي ملياسين انهن ڀاڪرن ۾ خوشي سان گڏ ڏک جو بہ احساس ٿيو اهو ان ڪري جو انهي ڳوٺ جو پيارو دوست جنهن اسان ڪي پهريون دفعو گهرايو هو اهو اسان ڪان جلد وڇڙي ويو، پر سچي ڳالهہ اها آهي تہ ان ڳوٺ وارن سان جڏهن ڪچهري ٿيندي آهي تہ مون ڪي سيني جي چهرن ۾ پياري ناز بلوچ جا عڪس نظر ايندا آهن ادا ناز بلوچ اسان ڪان جسماني طور ڀلي وڇڙي ويو آهي، پر سندس لکٽيون سندس پيار اسان ڪان ڪڏهن بہ ڪونہ وسرندو، ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ دنيا بہ عجيب آهي ڪلهہ اسان سان جيڪي پيارا گڏ هئا اهي اڄ اسان جي وچ ۾ ناهن ۽ سڀاڻ اسين بہ ڏور هليا وينداسين بس پوءِ اداسيءَ جي ان لمحي ۾ پنهنجي شعر جو سهارو وٺندو آهيان.

**هر ڪنهن جو اسٽاپ الڳ آ**
**دنيا آهي لاريءَ وانگي!!**

ڀاءُ علي نواز آڪاش ۽ سندس سئوٽ اصغر سنڌيءَ سان سٺي ڪچهري ٿي ادا آڪاش سان سندس چاچي جي وفات تي دعاءِ مغفرت گهريسين. ماني ڪائي ڪجهہ دير ڪانپوءِ اتان نڪري اڇي مير ڪرم ٽالپر جو تاريخي قلعو گهميوسين ۽ پوءِ مٺي شهر ڏانهن روانا ٿياسين، مٺي وارو خوبصورت روڊ مينهوڳي موسم ۾ ٽر جي واريءَ تي ساوڪ جي چادر ڇڻ سونهن سربراهي ڪري رهي هئي نيٺ اڇي گڏي ڀٽ تي پهتاسين جتي محبتي ماڻهو يارن جو يار پيارو شاعر سانگي صحرائي اسان ڪان پهرين موجود هو جنهن سان رابطي ۾ هئاسين گڏي ڀٽ تان مٺي شهر جو دلڪش نظارو ڏسڻ وٽان آهي تمام خوبصورت شهر ۽ پياري سانگي صحرائي جي ميزباني جا جوهر سنڌ جي مهمان نوازي جا ٽڪ لاهي رهيا هئا ان سان گڏ ادا عبدالله آس هنگورجو جو ڀائيٽو آفتاب هنگورجو بہ گهٽ نہ هو پياري سانگي صحرائي گهٽوئي چيو تہ رات هتي رهو ڪچهري ڪيون، پر مون ڪيس عرض ڪيو تہ سائين رات رهڻ جي زبان ادا غلام رسول نهڙيو سان ٿيل آهي. تڏهن چيائين تہ نيڪ ڀلا واپسيءَ ۾ مون وٽان ٿيو وڃجو خير اسان جڏهن اتان نڪتاسين پئي تہ ادا سانگي صحرائي چيو احساس اوهان غلام رسول نهڙيو سان پهرين مليا آهيو چيم نہ پيارا فون تي ڳالهہ ٻول ٿيندي آهي، تڏهن چيائين ادا غلام رسول نهڙيو معذور آهي سندس ٽنگون ڪم ناهن ڪنديون، سچ پچ تڏهن تمام گهڻي حيرانگي ٿي سوچيم يار مون سان تي ڪافي ڀيرا فون تي ڳالهايو اٿس پر اهڙي تہ ڪا بہ ڳالهہ نہ ڪئي اٿس بس پوءِ اسان ڪي مٺيءَ مان نڪرندي نڪرندي سج لهي ويو هو هلڪي هلڪي برسات شروع ٿي چڪي هئي خبر پئي تہ ڇيلهار مٺيءَ ڪان ٺيهہ ڪلو ميٽر پَري آهي خير اسان اڇي پيٽرول پمپ تي پيٽرول ڀرايوسين. سفر جي امير يعني ادا سائين منظور رستي جي ڀچا ڪئي ۽ پوءِ مٺيءَ ڇڏي ڇيلهار روانا ٿياسين رات جو سفر مينهن جي ڦڙ

قڙ اونداهہ تمام گهٽي هئي، رستو چڻ تہ سنسان لڳي رهيو هو ڇو تہ گاڏين جي اچ وڃ تمام گهٽ هئي ٻيو تہ رستي سان ڪي ڳوٺ وغيره بہ گهٽ هئا اوچتو هڪ مينهن رستي تان گذري ڏاڍو عجيب لڳو خير هڪ شهر آيو خبر پئي تہ اهو ڇيلهار آهي ادا غلام رسول سان رابطو ٿيو جنهن همراهہ کي موڪليو جيڪو اسان کي هڪ پيٽ تي وٺي آيو، جتي ادا غلام رسول ۽ ٻاءُ محمد خان، هڪ بہ ٻيا دوست مليا واري جي دڙي تي سندن اوطاق هئي کٽن تي رليون وڇايون پيون هيون، پر سچي مون کي ائين محسوس ٿيو تہ اسان لاءِ ٻاءُ غلام رسول پنهنجون اکيون وڇايو ويٺو هو سندس پيار ۽ خوشي ڏسي اکيون پرجي آيون، منهنجي ساڻس پهرين ملاقات هئي، پر لڳو پئي تہ اسان هڪ ئي گهر جا ڀاتي هجون پاڻ تہ معذور هو، پر سندس حوصلو ڏسي زندگي جو فلسلفو سمجهہ ۾ آيو پئي. رات جو خوب ڪچهري ٿي، ادا غفور ڏانهن نهاريم تي ڪليو پئي، چيم خير تہ آهي، چيائين اڄ وري دادو وارو ڪم ٿيندو اهو ائين ٿيو هو تہ اسان ڪجهہ وقت اڳ دادو ويا هئاسين استاد بخاري جي ياد ۾ مشاعرو ٿيو هو جڏهن رات جو خادم فقير جي ميزبانيءَ ۾ سندس ڳوٺ پهتاسين، ابا اتي مڇرن اسان سان اهڙو ڪم ڪيو جو وڃي ٿيا ويهہ. خير ادا غفور کي چيم ادا هتي اها گرمي ناهي اسان بہ تمام ڀلي ننڊ ڪئي صبح ٿيو تہ ادا غلام رسول پاڻ سان گڏ چانهہ بہ کڻائي آيو ناشتو ڪري اسان وري راڻاسر ۽ ترائي گهمڻ وياسين ۽ واپس اچي راما پير جو مندر گهميوسين جتي نند لال بہ گڏيو آخر ۾ دوستن کان موڪلائي اسان ڪارونجهر ڏانهن رخ ڪيو ڀٽن جي سير سان گڏ رستي جو سفر انتهائي خوبصورت منظر هو تازوئي برسات ڪانپوءِ فصل جي پوکي جاري هئي، ڪجهہ فصل ظاهر ٿي چڪا هئا جن ۾ ٻاجهر، گوار، ميها، جوئر ۽ ٻيا فصل شامل هئا. رستي ويندي هڪ ڳالهہ جو احساس ٿيو تہ ٿر ۾ اسان جي هندو ڀائرن جي نالن سان ماڳ مقام وڏيڪ هئا لڳ ڀڳ ڏهين وڳي اسلام ڪوٽ پهتاسين جتي ڪجلا سر ريسٽورينٽ تي چانهہ پيتيسين ۽ پوءِ سفر روان دوان ٿيو. تمام خوبصورت منظر ڏسندا نيٺ وڃي پوڏيسر پهتاسين، جتي پٿر سان ٺهيل تاريخي مسجد ۽ جين مت جو مندر ڏسي اڳتي ڪارونجهر طرف روانا ٿياسين، ڪارونجهر واقعي بہ انتهائي خوبصورت آهي. وڏا وڏا جبل ۽ پٿرن جو شڪلون چڻ تہ ماڻهن جون مورتيون هجن. مون سان هونئن بہ ائين ٿيندو آهي تہ مون کي وڻن ٽڻن رستن توڙي ديوارن ۾ عجيب ۽ غريب تصويرون نظر اينديون آهن. ڪارونجهر جي ڪڇ ۾ ننگر پارڪر جو شهر دل لاءِ وڻندڙ منظر پيش ڪري ٿو. ننگر ۾ هڪ هوٽل تي ماني ڪاڌي سين پيندين جو ڀوڙ، پڪوڙا ۽ دهي سادي ماني يادگار رهجي وئي خاص ڪري لسي تمام ڀلي هئي. هاڻ سنگت صلاح ڪئي تہ واپسي ڪجي سو اچي ڀالوا مارئي جي کوهہ تي پهتاسين، جتي ماڻهن جا ميڙ هئا مارئي جي کوهہ جي ڀر ۾ هڪ پراڻي چنئوري ۾ راڳ هليو پئي جيڪو دل کي سڪون بخشي رهيو هو ۽ ڪجهہ دير ۾ اتان نڪري آياسين آسمان ڏي ڏٺم تہ مينهن بہ پريو بيٺو هو. اسان بہ هاڻ ڪٿي بريڪ نہ هڻڻ جو سوچي ڇڏيو هو مٺي ڪراس ڪئي سين شام جا پنج ٿي چڪا هئا نيٺ برسات بہ ٽڪ اچي ڪيو، نئون ڪوٽ پهتاسين تہ ادا غفور چيو احساس هاڻ تون گاڏي هلائي مون کان ڪم گهڻو آهي، سچ بہ لهي ويو هو برسات ۾ بہ واڏارو ٿي رهيو هو، پر گاڏي جي اسپيڊ صفا گهٽ هئي ڇو تہ برسات جي گهم ۾ ڊرائيونگ ڏاڍي ڏکي هئي. ميرپور پهچڻ تي برسات تمام تيز ٿي وئي هئي. بس اسان بہ الله الله ڪندي ڏهين ڏاري اچي ٽنڊوالهيار دربار هوٽل تي پهتاسين جتي ماني کائي نصرپور پهتاسين، جڏهن اڏيرو ٽيشڻ روڊ تي پهتاسين تہ ڄڻ ڪچي جو روڊ هجي صفا ڀڳل روڊ پاڻي جا وڏا وڏا ڏٻا آخر ساڍي ٻارهين وڳي گهر پهتاسين...!!!





# اکري سئو وکري

## بيت _ شاهہ لطيف

همسري

**آگمَرَ1 اِيَ نہ اَنگَ2، جَھڙو پَسَڻَ، پرينءِ جو،**
**سيڻن3 رءِ سَيَد، چئي، روُحَ نہ رچَن4 رَنگ،**
**سَهَسين ٿيا سارَنگ5، جاني آيو جوُءِ6 ۾.**

**ڏکين اکرن جي معنيٰ:**

1. آگمَرَ- جُھڙ. 2. انگ- رنگ. 3. سيڻن- محبوبن. 4. رچَن- دل کي وڻن (راحت ڏين). 5. سارَنگ- وسڪارا. 6. جوُءِ- ماڳ مڪان.

****

پهاڪو

همسري

**اڌ تي بيهي رهڻ:**

ٿوري ڪم ۾ منجهي پوڻ، بي همت ٿيڻ "يا تہ تري درياءَ يا تہ اڌ تي بيهي رهي."

****

وائي

مسرور پيرزادو

بابا بُلهي شاهہ چيو آ،
"منهنجو رانجهڻ مڪو"
عشق عبادت آهہ اسان جي!
درس نہ ڏيو ڪي دين ڌرم جا،
ڪا بڪواس نہ بڪو!
عشق عبادت آهہ اسان جي!
ٺُڪ ٺُڪ ٺُڪ عقل ڪري ٿو
عشق هٽي تو چڪو!
عشق عبادت آهہ اسان جي!
دلبر! دل جي آڌو دنيا،
ڪين لهي ڪو ٽڪو،
عشق عبادت آهہ اسان جي!
ڪابہ ڪچائي ڪين رهي آ،
پيار ڪيو آ پڪو،
عشق عبادت آهہ اسان جي!

****

مختصر ڪهاڻي

هٿيار

ساقي ابڙو

ڪجهہ ڏينهن کان وٺي دهشتگرديءَ جي واقعن ۽ ڌوهن جي وارداتن ۾ گهٽتائي اچي چڪي هئي، جيڪو شهر هڪ عرصي کان وٺي دهشتگردي ۽ بدامني جي ور چڙهيل رهيو ۽ دهشتگردن، ڌوهارين ۽ شرپسند عناصرن شهر جون رونقون ختم ڪري ڇڏيون هيون حڪومت ۽ سيڪيورٽي فورسز پاران ان شهر جون ڪسيل رونقون واپس آڻڻ لاءِ نهن چوٽيءَ جو زور جاري هو، شهر جي هر روڊ ۽ رستي تي قانون لاڳو ڪندڙ اداري جا جوان گشت ڪري رهيا هئا، هر چوڪ تي پهريدار چوڪس بيٺل هئا، پر پوءِ بہ رات ٿيندي ئي شهر ۾ غضب جي خاموشي ڇانئجي ويندي هئي. ان رات بہ شهر ۾ هڪ عجيب ۽ هانءُ ڏاريندڙ خاموشي هئي سامهون واري گهر ۾ تہ ڄڻ قبر جهڙي سانت لڳي پئي هئي جنهن ۾ هڪ جُهور پوڙهو شخص، سندس ڪراڙي زال، هڪ پٽ، ننهن ۽ هڪ معصوم پر ذهين پوٽو رهندا هئا. ان رات شهر ۾ واقعي بہ عجيب قسم جي خاموشي هئي جيڪڏهن ڪو رڪشا يا ڪا ٽيڪسي بہ پئي گذري تہ فضا ۾ ارتعاش پيدا پئي ٿيو ۽ پوءِ وري ساڳي خاموشي. رات جو لڳ ڀڳ ٻين وڳي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جون گاڏيون ان گهر جي در وٽ اچي بيٺيون ۽ جوانن سڄي گهر جو گهيراءُ ڪيو. ان ايڏي خاموشيءَ ۾ گهر جي گهنٽي وڳي تہ ان جي گونج سڄي ماحول ۾ پکڙجي وئي گهنٽيءَ جو آواز ٻڌي ڪجهہ دير بعد اهو جُهور پوڙهو شخص ٻاهر نڪري آيو، ڇاپو هڻندڙ ٽيم جي سربراهہ پنهنجي مخصوص پر شريفاڻي لهجي ۾ ان جُهوني شخص کي چيو، "اسان اوهان جي گهر جي تلاشي وٺنداسين، اسان کي هڪ نوجوان جي ڳولا آهي ۽ هٿيار بہ هٿ ڪرڻا آهن." اڃان اهي ڳالهيون هلي رهيون هيون تہ سڄو گهر بہ جاڳي پيو ۽ ان پوڙهي جو پوٽو بہ پنهنجون اکيون مهٽيندو اچي انهن وٽ پڳو ۽ اچڻ سان ٽيم جي سربراهہ کي سلام ڪيو ۽ ساڻس هٿ ملايو اها ان گهر جي تهذيب هئي، ٿوري دير ڪانپوءِ گهر جا سمورا ڀاتي پڻ گڏ ٿي ويا ۽ ڇاپو هڻندڙ ٽيم گهر جي تلاشي وٺڻ شروع ڪئي ڪجهہ وقت خاموشي رهي ۽ پوءِ معصوم پوٽو ڏاڏي سان مخاطب ٿيو ۽ ڪيس ياد ڏياريندي چيو تہ ڏاڏا اوهان ٻڌايو هو تہ اسان جي گهر جي اهڙي قسم جي تلاشي هڪ دفعو پهرين بہ ورتي وئي هئي، ان تي ٽيم جي سربراهہ هڪدم پڇيو، ڪڏهن!!؟ پوڙهي شخص جواب وراڻيو، "جناب اها پاڪستان ٺهڻ کان پهرين جي ڳالهہ آهي اها دراصل تلاشي نہ هئي اهو تہ بهانو هو اسان جي جذبن کي ڇيپاڻڻ جو، اسان جي آواز کي دٻائڻ جو ۽ اسان کي خوفزده ڪري آزاديءَ جي راهہ تان هٽائڻ جو" ڏاڏا سائين پوءِ هي ڇا آهي!!؟ معصوم پوٽي پنهنجي معصوميت جو تير هلائيندي پنهنجي ڏاڏي کان پڇيو، ٽيم جي سربراهہ غضب ناڪ نظرن سان ٻار ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ پوڙهي سان مخاطب ٿيندي چيو، "هي ٻار تہ ڏاڍو ذهين آهي." تلاشي وٺندڙ ٽيم ڪمري ۾ اچي سربراهہ کي ٻڌايو، جناب ڪجهہ بہ نہ مليو... ڪجهہ نہ مليو...!!؟ ٻار حيرت انگيز لهجي ۾ چيو ۽ پوءِ ڪجهہ سوچيندي چيو، ڏاڏا اوهان وٽ بہ تہ هڪ "هٿيار" آهي اوهان ان هٿيار جي تمام گهڻي تعريف ڪندا آهيو، ٽيم جي سربراهہ وڏي بي تابيءَ سان پڇيو، ڪهڙو "هٿيار"، ڪٿي آهي "هٿيار"!!؟؟ ٻار ڊوڙندو ڏاڏي جي ڪمري ۾ ويو ۽ ڏاڏي جو "هٿيار" کڻي آيو. دراصل اهو هٿيار هڪ "قلم" هو جنهن کي استعمال ڪندي سندس ڏاڏي مني صدي گذاري هئي. ان قلم سان هن وڏا وڏا ڪتاب لکيا هئا. ان قلم جي "هٿيار" سان هن وطن دشمنن سان جنگ جوٽي هئي ۽ ان قلم جي "هٿيار" ۾ هن لفظن جو بارود ڀري ڌرتيءَ جي دنگن جي حفاظت ڪئي هئي. ٽيم جي سربراهہ جي چهري تي سنجيدگي ڇانئجي وئي. هن قلم کي غور سان ڏٺو ۽ ٻار کي واپس ڏيندي چيو، هي "هٿيار" هاڻي تنهنجو آهي.

حصو چوويهون

# لوئر ميوزيم جو سير ۽ حمورابي جا آئيني نقطا

اعجاز منگي

سامهون شيشي جو خوبصورت پيرامڊ نهيل هو جيڪو عجائب گهر ۾ اندر وڃڻ لاءِ گيٽ هو. 1983ع ۾ فرانس جي صدر Francois Mitterrand هن عجائب گهر کي وڌائڻ لاءِ سوچيو ۽ ان پراجيڪٽ کي گرينڊ لوئر جو نالو ڏنو. هتي خزاني جي منسٽري هئي جنهن کي لوئر مان منتقل ڪيائين پوري عمارت عجائب گهر لاءِ وقف ڪيائين. I.M. Pei نالي هڪڙي عمارت ساز کي ان پروجيڪٽ جو ٺيڪو مليو ۽ ان شيشي جو پيرامڊ جوڙي نصب ڪيو. ماڻهن وٽ ڪيڏيون نہ تخليقي صلاحيتون آهن. پيرامڊ پاڻ ئي خوبصورتي جو حسين منظر هو. هي عجائب گهر دنيا جو وڏي ۾ وڏو عجائب گهر آهي ۽ پيرس جي صديون پراڻين عمارتن مان هڪ عمارت ۽ پنهنجي حسن جي لحاظ کان پيرس ۾ بہ نمايان آهي. سين درياهہ جي ڪابي ڪپ تي جڙيل لوئر ميوزيم جي پکيڙ 72735 چورس ميٽر آهي. عجائب گهر ۾ 38 هزار نادر نمونا رکيل آهن ۽ 35 هزار فن مصوري جا نمونا ۽ ايتريون شيون هڪ ڏينهن ۾ نہ ٿيون انهن لاءِ سوين سال لڳا هوندا. فرانس جي بادشاهہ فلپ ٻين ٻارهين ۽ تيرهين صديءَ ۾ پنهنجي لاءِ هن قلعي کي محل ۾ تبديل ڪرايو هو. اصل ۾ شهر جي پکيڙ وڌي وڃڻ جي ڪري ان قلعي پنهنجي اهميت وڃائي ڇڏي هئي. جنهن لاءِ 1546ع ۾ فرانسس پهرين Francis-1 هن قلعي کي هميشہ لاءِ بادشاهن جي رهائش ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. وري سائين ڇا ٿيو جو هڪ بادشاهہ جنهن جو نالو هو لوئي چوڏهون ان پنهنجي رهائش لوئر محل ۾ منتقل ڪئي اهو 1682ع وارو سال هو. لوئي چيو تہ پاڻ هتان تہ نئين محل ۾ وڃون ٿا ان لاءِ ان محل کي عجائب گهر ۾ ٿا تبديل ڪريون ۽ شاهي خاندان جون تصويرون بہ رکون ۽ قديم يوناني ۽ رومي بت Sculpture بہ. ان ڪانپوءِ محل عجائب خاني طور استعمال ٿيڻ لڳو. پوءِ تہ هتي سنگتراشي ۽ بت تراشي جون اڪيڊميون کلي ويون ۽ فرانس جي انقلاب تائين هتي رهيون. فرانس جي قومي اسيمبلي چيو تہ هيڏو وڏو انقلاب آيو، ايڏي وڏي اٿل پٿل ٿي ان لاءِ اسان کي قومي تاريخي ورثي کي لوئر عجائب گهر ۾ رکڻ گهرجي. پوءِ هن ميوزيم کي 10 آگسٽ 1793ع ۾ ڪل 537 فن پارن ۽ ڪليسا جي لٽيل ملڪيت لاءِ کوليو ويو. پوءِ عمارتي ڪم ڪار جي سلسلي ۾ 1796ع کان 1801ع تائين هن عمارت کي بند رکيو ويو. قصو ڪوتاهہ تاريخ تمام وڏي آهي اصل ۾ هن عجائب گهر کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو عجائب گهر بنائڻ ۾ نيپولين وڏو ڪردار ادا ڪيو. "نيپولين پهرين" ٻين ملڪن کي فتح ڪرڻ جي مهم هلائي ۽ پنهنجي فوج کي حڪم ڪيائين تہ ٻين ملڪن جي تاريخ کي تباهہ ناهي ڪرڻو جيڪي بہ تاريخي ورثي جون شيون



آهن انهن کي پيرس موڪلي ڏيڻو آهي. هن ميوزيم جو هڪ ڊائريڪٽر بہ مقرر ڪيو، جنهن ساڻس مصر جي مهم جوئي دوران ساٿ ڏنو. هونئن بہ نيپولين جنهن بہ ملڪ تي هلان ڪندو هو تہ پاڻ سان گڏ سائنسدان ۽ تاريخ جا ڄاڻو ضرور کڻي هلندو هو تہ جيئن ان ملڪ جي تاريخ ۽ سائنسي ڄاڻ کي فرانس ڏانهن منتقل ڪجي ڪيڏي نہ زبردست سوچ آهي تہ ڪنهن ملڪ جي تاريخ کي محفوظ بہ ڪيو وڃي. هاڻي لوئر ميوزيم ساليانو اربين رپيا ڪمائي ٿو، تاريخ بہ محفوظ ۽ ناڻو بہ اچي پيو. نيپولين يا تہ ملڪن سان معاهدا ڪيا يا انهن کان زوري قبضي بعد شيون کسيائين. اٽلي سان هڪ معاهدو ڪيائين ۽ ويٽيڪن سٽي ۽ وينس ۾ پيل تاريخي شين کي لوئر ميوزيم منتقل ڪيائين. ان معاهدي تحت وينس جو مشهور گهوڙن جو مجسمو درويش مارڪ جا گهوڙا ورتائين مون ٻئي گهوڙا ڏٺا آهن. وينس ۾ سندن نهيل نقل ۽ لوئر ۾ اهي اصلي گهوڙا، پر ڪجهہ تاريخن ۾ اچي ٿو تہ سان مارڪ جا گهوڙا جيڪي وينس ۾ رکيل هئا اهي لوئر ميوزيم ۾ نہ پر اصل ۾ نيپولين آرٽ ڪائونسل ۾ رکيل آهن. نيپولين اسپين، آسٽريليا، ڊين مارڪ ۽ اطالوي تهذيبن جا نادر نمونا لوئر ميوزيم ۾ رکيا هئا. مصر جي مهم جوئي دوران سندس وڏو ڪم اهو هو جو ان روزيٽا اسٽون کي ڳولهي لڌو اهو سال هو 1799ع، ان پٿر تي لکيل ٻوليءَ کي سمجهڻ ڪانپوءِ مصر جي تاريخ ۽ احرامن ۾ لکيل ٻوليءَ کي سمجهڻ ۾ تمام گهڻي مدد ملي. هي پٿر هاڻ برطانيہ جي هڪ عجائب گهر ۾ رکيل آهي. نيپولين پاڻ وڏو داناءُ آرمي جنرل هو تڏهن بہ چوندو هو تہ جنگ وڙهڻ ڪنهن جنرل جو ڪم ناهي. اهو فيصلو اصل ۾ ملڪ جي چونڊيل نمائندن کي ڪرڻو آهي. ملڪ جي پرڏيهي پاليسي ڪان وٺي اقتصادي پاليسي صرف ۽ صرف اسيمبلي ۽ عوامي نمائندن جو ڪم آهي. لوئر ميوزيم جي دروازي تي ٽڪيٽ لاءِ بيٺا هئاسين تہ هڪڙو رنگ جو گهرو همراهہ اچي پرسان بيٺو، همراهہ چوڻ لڳو تہ مون وٽ هڪ اسپيشل ٽڪيٽ آهي اوهان کي اندر وڃڻ لاءِ قطار جو انتظار نہ ڪرڻو پوندو. بس اهو آهي تہ اوهان کي هڪ يورو وڌيڪ ڀرڻو پوندو. هونئن ٽڪيٽ 10 يورو جي آهي اوهان مون کي 11 يورو ڏيو. مون سمجهو تہ همراهہ فراڊ نہ ڪندو هجي، شايد چهري جا تاثرات سمجهي ورتائين چيائين مان اوهان سان گڏجي اندر ٿو هلان اوهان کي اندر پهچائيندس پوءِ پئسا ڏجو. مان سوچيو تہ قطار ۾ انتظار ڪرڻو پوندو ان لاءِ بهتر آهي تہ ان سان اندر وڃون ۽ وقت بچايون، ڪيس هاڪار ڪيم سندس اکين ۾ چمڪ اچي وئي، هڪ ٽڪيٽ مون کي ڏنائين هڪ انعام کي عام

## پئنل ڊسڪشن

# سنڌ ۾ هندو ڪميونٽي سان انتها پسندي واري رويي ۾ واڌ ڇو؟

**سوال: ڇا اقليت ڪي صرف اسان جي ملڪ ۾ اقليت جي نظر سان ڏٺو ٿو وڃي ۽ ساڻس اڻبرابري وارو سلوڪ ٿئي ٿو يا ٻين ملڪن ۾ به اها تاريخ ملي ٿي؟**

**مشتاق ميراڻي:** جڏهن اسان لفظ اقليت ٿا چئون ته ان جا مختلف پاسا ٿين ٿا جنهن ۾ مذهب ۽ ڪلچر اچي وڃن ٿا. مان توهان ڪي مثال ٻڌايان ٿو ته ترڪي ۾ ترڪ ۽ آرمينين هڪ هزار سالن کان گڏ رهي رهيا آهن، پر پهرين جنگ عظيم ۾ ترڪي اندر آرمينين جو تمام گهڻو قتل عام ٿيو ان ڪانپوءِ اڄان تائين ترڪي ۾ ڪو ماڻهو چوي ته ترڪي ۾ آرمينين جو جينو سائيڊ ٿيو آهي ته ان کي سزا ملندي ان ڪري هن وقت ترڪي ۾ ڪوبه ماڻهو همت نٿو ڪري سگهي ته ان قسم جو بيان ڏئي. مطلب ته اهي هزار سال گڏ رهيا پوءِ به پاڻ ۾ ملي نه سگهيا. ان ڪانپوءِ مان مڊل ايسٽ جي ڳالهه ڪيان ٿو ته مان لبنان، مصر، اردن ۽ شام ۾ رهيو آهيان، شام ۾ هڪ ڪرسچن فيملي سان گڏ رهڻ جو اتفاق ٿيو اتي گهر ۾ هڪ ڇوڪري کان مان پڇيم ته هتي عيسائين سان ڪهڙو معاملو ٿي رهيو آهي، هن ٻڌايو ته اهي اتان آهستي آهستي لڏيندا پيا وڃن. ڪافي ماڻهو ايران ۽ عراق ڏي لڏي ويا آهن. گذريل سال مان سريلنڪا ويس جتي مان ڏٺو ته اتي جا مسلمان ڪافي تنگ هئا ۽ توهان پاڻ سنڌ ۾ ڏسو ته جڏهن هتي محمود غزنوي آيو سومنات مندر تي 17 ڪاهون ڪيائين ان ڪانپوءِ مغل آيا ان ڪانپوءِ احمد شاهه ابدالي آيو، جنهن هتي 8 ڪاهون ڪيون اهو سڄو پئسي جو ڪيل هو، ان ڪري هي سڄو خطو نفرت سان ڀرجي ويو. ان ڪانپوءِ محمود غزنوي آيو ته اتي سڄي سائوٿ ايشيا ۾ مذهبي تعصب پيدا ٿي ويو. مطلب ته محمود غزنوي جي اچڻ سان هتي نفرت وڌي وئي جنهن ڪانپوءِ ڪنهن علائقي ۾ هندو راجا هوندو هو مسلمان اقليت ۾ هوندا هئا ته هو انهن کي تڪليف پهچائيندو هو ته ڪٿي مسلمان حاڪم هئا اهي هندن کي تڪليف پهچائيندا هئا. توهان پاڻ ڪلهوڙن جي دور ۾ ڏسو ته هندن کي گهوڙي تي چڙهڻ ۽ زمين وٺڻ جي موڪل نه هوندي هئي، جيئن يورپ ۾ يهودين کي زمين وٺڻ جي موڪل نه هوندي هئي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته نفرت هوندي هئي، ان نفرت کي ختم ڪرڻ لاءِ آئين ۽ قانون جي بالادستي هجڻ ضروري آهي. ان صورت ۾ اهڙي قسم جا واقعا نٿا ٿين، پر جيڪڏهن ڪنهن جڳهه تي اهڙو واقعو ٿئي ٿو ته رياست ان کي ڪنٽرول ڪري سگهي ٿي. گهوٽڪي ۾ واقعو ٿيو ته اتي ٻه ڏينهن مندر سڙيا ته اتان جي هڪ مذهبي ٺيڪيدار جو پٽ ان جي پويان هو جنهن جي باري ۾ سوشل ميڊيا تي خبرون هلي رهيون هيون، پر رياست متحرڪ نه ٿي، نه پوليس، نه ضلعي انتظاميه

**زاهده ابڙو (ماڊريٽر)**

طرفان ڪجهه ڪم ڪيو ويو ۽ اهڙا ئي واقعا پنجاب ۾ به ٿي رهيا آهن. جتي آسيه بيبي جو معاملو ٿيو اهو ذاتي نوعيت جو هو. هتي ذاتيات جي معاملي تي مذهبي معاملا ٿين ٿا جنهن جي ڪري نفرت پيدا ٿئي ٿي. ان ڪانپوءِ توهان هاڻي انڊيا وڃو اڄڪلهه انڊيا ۾ به مسلمانن سان مسئلا ٿي رهيا آهن اتي آر ايس ايس ۽ هندو انتها پسند آهن ۽ اتي جيڪي به ڪمزور طبقا ۽ اقليتون آهن انهن سان ظلم ٿي رهيو آهي. ائين توهان سڄي دنيا ۾ وڃي ڏسو ته هر جڳهه تي اهڙا معاملا ٿي رهيا آهن. هينئر ڪجهه وقت اڳ ۾ آمريڪا ۾ اسپيني ماڻهن سان معاملو ٿيو، ساڳئي ريت نيوزيلينڊ ۾ مسلمانن جي مسجد تي حملو ڪيو ويو. انسان اندر نفرت موجود آهي جنهن کي ڊارڪ ڊزائير چئجي ٿو. فرائيڊ چوي ٿو ته اسان ڪيترا به مهذب ٿي وڃون پر اسان جي اندر ۾ ڊارڪ ڊزائير ٿين ٿيون مطلب ته اسان اندر ۾ وحشي آهيون. هاڻي اسان چوندا آهيون ته سنڌ ۾ ماڻهو امن پسند آهن، پر حقيقت ۾ ائين نه آهي. توهان اتر سنڌ ۾ وڃو ته اتي ايئن ٿيندو آهي ته جڏهن هڪ قبيلو ٻئي قبيلي تي حملو ڪندو آهي، اهو انهن جا گهر ڊاهيندو آهي انهن جي معصوم ٻارن کي به گوليون هڻندو آهي. ان ڪري اها هڪ حقيقت آهي ته جتي نفرت هوندي ته اتي ان قسم جا معاملا به ٿين ٿا.

**ڊاڪٽر مختيار احمد ڪانڌڙو:** اقليت جا مسئلا سڄي دنيا ۾ آهن صرف هتي نه آهن. جڏهن ته ان جي حساسيت مختلف ٿي سگهي ٿي. بدقسمتي سان اسان جي علائقن ۾ اقليت سان ظلم يا زيادتي ٿئي ٿي ۽ ان جو مذهب جي پسمنظر ۾ جواز ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي جيڪو بلڪل غلط آهي. اڄڪلهه جي جديد دور ۾ اقليت ۽ اڪثريت وارا تصور به غلط آهن، ٻين جنگ عظيم ڪانپوءِ نيشن اسٽيٽ جو تصور اڀريو هن وقت هر ڪنهن کي برابر شهري جا حق مليل آهن، تنهن جي ڪري اڪثريت ۽ اقليت جي پسمنظر ۾ ڏسڻ ۽ ان جي بنياد تي متيپد ڪرڻ اهو بلڪل غلط آهي. اسان وٽ اقليت سان جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي ان جي گهٽ ۾ گهٽ اسلام ته اجازت نٿو ڏئي. انهن معاملن تي اسلام جا سخت حڪم آهن جن تي بدقسمتي سان نه ڪو مسلمان عمل ڪري رهيو آهي ۽ نه ئي ڪا اسلامي رياست. منهنجي خيال ۾ اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ عوام ۾ مذهبي شعور پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ مذهب جي صحيح تعليم قرآن ۽ سنت ۾ آهي، اها عوام تائين پهچائي وڃي. هاڻي اسلامو فوبيا کي توهان وٺو ته مغربي ملڪن ۾ مسلمانن جي مسجدن تي حملا ٿي رهيا آهن،

**23 سيپٽمبر 2019 تي انڊس هوٽل ۾ همسريءَ طرفان سنڌ ۾ اقليتن تي تشدد واري وڌندڙ رويي تي پئنل ڊسڪشن منعقد ڪيو ويو.**

شرڪت ڪندڙ پئنلسٽ:

1. ڊاڪٽر مختيار احمد ڪانڌڙو (ايسوسيئيٽ پروفيسر اسلاميات سنڌ يونيورسٽي).
2. شوڪت اڄڻ (ايڊيشنل ڪمشنر 1 _ ڄامشورو).
3. پروفيسر ڊاڪٽر امداد چانڊيو (ريجن ڪوآرڊينيٽر HRCP).
5. فريده چنا (ايڪٽوسٽ، گرين ورڪس اين جي او هالائيندڙ).
6. ڊاڪٽر عبدالمجيد چانڊيو (ايڪس ڊين شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور).
7. مشتاق ميراڻي (چيئرمين اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ _ (رٽائر).
8. مرتضيٰ گوهر صالحاڻي (ڊپٽي ڊائريڪٽر ويلفيئر بدين).



Regd. No: 3160
ماهوار منگرين
همسري
حيدرآباد

مسلمانن سان بہ زيادتيون ٿي رهيون آهن. تازو نيوزيلينڊ جو واقعو آهي اهو بہ مسلمانن سان ئي ٿيو آهي ۽ ڪرڻ وارا عيسائي آهن ان کي بہ ساڳئي پسمنظر ۾ ڏسڻ گهرجي. نيوزيلينڊ ۾ جيئن تہ قانون جي بالادستي آهي ان ڪري ڏوهاري کي ٽڏي تي گرفتار ڪيو ويو ۽ مسلمانن سان همدردي جو اظهار ڪيو ويو. ملڪ جي سڄي انتظاميہ ان ۾ متحرڪ ٿي وئي، جنهن جي ڪري رياست لاءِ سنو تصور ابري آيو. شايد اتي اهڙا ٻيا معاملا بہ ٿين، پر اسان وٽ اهڙا معاملا هڪٻئي پٺيان ٿيندا ٿا اچن ان جو پنهنجو سبب قانون جي حڪمراني نہ هئڻ آهي. اسان جو مذهبي طبقو بدقسمتي سان اسلام جي صحيح تشريح نہ ڪري رهيو آهي ۽ جيڪو اسلام جي ڄاڻ نٿو رکي ان ماڻهو کي مسجد جي ممبر تي ويهاريو ٿو وڃي. انهن مان 99 سيڪڙو ماڻهو باقائده مذهب جي ڄاڻ نٿا رکن. هن وقت توهان مذهبي طبقو ڏسو تبديل آهي، ڪنهن بہ ڊر گهوٽڪي واري واقعي جي حمايت نہ ڪئي آهي. مسجد ۾ ۽ ممبر تي ويٺل ماڻهن جي لياقت بابت رياست کي فيصلو ڪرڻو پوندو تہ انهن کي ڪهڙي قسم جو ڪورس پڙهايو وڃي. سعودي عرب ۾ جمعي جو خطبو رياست طرفان لکي ڏنو ويندو آهي. ڪعبي جو امام بہ اها ئي تقرير ڪندو آهي جيڪا رياست ان کي ڏيندي آهي، مسجد ۾ بہ اهو ئي خطبو پڙهيو ويندو آهي. اسان وٽ هر مسجد ۾ پنهنجي مرضي ۽ پنهنجي مسلڪ جي حساب سان خطبا ڏنا وڃن ٿا ۽ جذبات ۾ وهي نفرت انگيز پيغام بہ پکيڙيو وڃي ٿو. جنهن سان اسلام جي غلط تشريح ٿئي ٿي. جنهن سان اسلام جو بہ نقصان ٿي رهيو آهي. مسجد جي امامن کي بہ منتخب ڪورس ڪرايا وڃن. ان جو فيصلو رياست کي ڪرڻو آهي تہ مسجدن مان ڪهڙو پيغام وڃڻ گهرجي، رياست بہ هن وقت ڪمزور آهي. جڏهن تہ اسان جي مذهبي طبقي ۾ تبديلي اچي رهي آهي. پوءِ سڀني مذهبي ڌرين کي گڏ ويهڻو پوندو. ان لاءِ ٿيڻ ائين گهرجي تہ رياست تعليمي نظام کي تبديل ڪري ۽ سڀني جي لاءِ هڪڙو سليبس هجڻ گهرجي. يورپي ملڪن ۾ بہ هڪ ئي نظام هلندو آهي.

**سوال: قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ ضلعي انتظاميہ جي ڪارڪردگي کي ڪيئن بهتر ڪري سگهجي ٿو؟ ڇو تہ گهوٽڪي واري واقعي ۾ اسان کي ٻنهي جو ڪردار تسلي بخش نظر نہ آيو ڇا اها اسٽيٽ جي پاليسي آهي.**

**شوڪت اڄڻ:** اسٽيٽ جي پاليسي آهي ان سان مان متفق ناهيان، باقي سرڪاري ملازم هجڻ جي طور تي منهنجو جيڪو مشاهدو آهي اهو آهي تہ قانون هڪڙو ڪتابن ۾ آهي ۽ ٻيو عملي آهي. اصل ۾ ٿيڻ ائين کپي تہ قانون جيڪو ڪتابن ۾ آهي يعني ڪانسٽيٽيوشن ميڪنگ، ايڪٽ ميڪنگ، آرڊيننس ميڪنگ، رولز ميڪنگ يا باءِ رولز ميڪنگ يا رولز آف بزنس ميڪنگ انهن سڀني کي اسين قانون چوندا آهيون. هاڻي قانون جي ڪتابن ۾ قانون نهي ٿو وڃي. مثال طور: ڪرمنل قانون ڪٺنداسين تہ اڄ بہ اسان وٽ انگريزن جي دور جو قانون سي آر پي سي موجود آهي، سي آر پي سي تحت ايف آءِ آر ڪٽجي ٿي تہ ان تي عملدرآمد، تشهير ۽ ان سان گڏوگڏ انهن ماڻهن تائين سڄاڳي ڪيتري آهي؟ ان جي ڪري نتيجو اهو نڪرندو آهي تہ قانون اسان جي ڪتابن ۾ هڪڙو هوندو آهي ۽ عمل ۾ ٻيو هوندو آهي. ان شيءِ جو شڪار اسان ان ڪري ٿيون ٿا هڪ تہ جنهن عوام سان ڊيل ڪريون ٿا ان جي سڄاڳي قانون بابت ڇا آهي ۽ اسان پنهنجي سليبس يعني ڪتابن ۽ اسڪولن کان وٺي گهر، معاشري کان وٺي قانون جي سڄاڳي ۽ ان جي لاءِ احترام ڪيترو پيدا ڪري سگهيا آهيون؟ ان کان علاوه اسان وٽ ڪجهہ سماجي بيماريون بہ آهن، هڪڙو آفيسر تہ قانون پڙهي ڪري اڪيڊمي ۾ اچي ٿو، امتحان پاس ڪري اچي ٿو. ان کي خبر آهي تہ هيءَ شيءِ غلط آهي، پر ڪتي ڪتي ائين ٿيندو آهي تہ قانون جا رکوالا پاڻ قانون کي ٽوڙيندا آهن ۽ پوءِ ڪنهن مجبوري جو جواز پيش ڪندا آهن، يا ٽڪڙ ۾ هئا جيئن سگنل ٽوڙڻ يا رانگ وي کان اچڻ، جنهن سان عوام تي برو اثر پوي ٿو. هاڻي ڏسو تہ هو ڇو ٿو ائين ڪري، ڇو هڪ ڊي سي قانون کي ٽوڙي ٿو، ڇو هڪ ايس پي قانون کي ٽوڙي ٿو يا ان کان مٿي جيڪي آفيسر آهن اهي ڇو ٿا ائين ڪن. اسان وٽ زندگيءَ ۾ قانون نٽ ٺانگر جو آهي، ان سان رياست جو مسئلو نہ آهي اصل ۾ رياست کي سنڀاليندڙ جيڪي ماڻهو آهن اهي خود ان رستي تي هلي ٿا پون جتان قانون ٽٽي ٿو. نتيجي ۾ جيڪو آفيسر ٿئي ٿو اهو تصور ڪٽي ٿو اچي تہ مان آفيسر ان لاءِ ٿيندس تہ منهنجي مرضي آهي مون کي سگنل تي ڪير بہ نہ روڪيندو، مان ايس پي هوندس اهو تصور ورهاست ۾ کو ڪٽي اچي ٿو تہ سڌي ڳالهہ آهي هو قانون ئي ٽوڙيندو. هو جڏهن ڪميشن جو امتحان ڏيئي ڪواليفاءِ ڪري فيلڊ ۾ پهچي ٿو تہ ان جو خواب اهو هوندو آهي تہ هو پنهنجن مٿن مائٽن کي نٽ ڪرائيندو، سندس پاءُ جي گاڏيءَ جي بہ ڪو تلاشي نہ وٺندو، اهي تصور ڪٽي جڏهن هو مٿي اچي ٿو تہ ان سان Law in Books & Law in Practice ۾ فرق اچي ٿو. اهي سماجي بيماريون ٿينديون آهن ان سان اسان جي رياست جو واسطو ناهي. اسان کي پنهنجي ڪورسن جو ٻيهر جائزو وٺڻو پوندو، پنهنجين اڪيڊمين ڏانهن وڃڻو پوندو. اها هڪ مڪمل پيشہ وراڻہ ڳالهہ آهي تہ تشدد کي ڪيئن ختم ڪجي. اهو صرف پاڪستان جو مسئلو نہ آهي. انٽرنيشنل اڪيڊمي ۾ بہ جيڪڏهن توهان مطالعو ڪندا تہ اتي بہ تشدد هڪ مسئلو آهي ۽ ان کي ڪيئن ختم ڪيو وڃي ان تي بحث جاري آهي. At The Time Violence Erupted مطلب جنهن وقت اهو ابري ٿو تہ ان کي ڪيئن ختم ڪيو وڃي تہ هڪ پوليس آفيسر کي ان کي ڪيئن ختم ڪرڻو آهي. جيئن مان چيو تہ ماڻهن جو هڪڙو پنهنجو قانون بہ آهي، ڪتابن ۾ وري ٻيو قانون آهي، ٽين ڳالهہ تہ ماڻهن جي پنهنجي سستي بہ آهي، چوٿين ڳالهہ اها آهي تہ اسان وٽ آفيسر چوندا آهن تہ جهيڙو ٿري تہ پوءِ اڳيان وڃون جيئن مون کي نہ ڌڪ لڳي پوي تہ اتي هو ڪمپرومائيز ٿين ٿا ۽ وقت تي نٿا پهچي سگهن اهي اسان جون پيشہ وراڻہ غلطيون آهن. جنهن جي ڪري اسان وقت تي اتي نٿا پهچي سگهون. هاڻي ڀلا اسان اقليت کي ڏسون ٿا تہ اسان وٽ ان تي بہ ڪوڙ سارا اعتراض آهن. اسان اقليت تي اچون، پر جيڪڏهن اسان اڪثريت جي ڳالهہ ڪيون تہ توهان ڏسو تہ جڏهن محترمہ جو واقعو ٿيو تہ اربين رپين جا اثاثہ سڙي ويا، رياست ملوث ناهي هوندي، اسان تڏهن چئون جڏهن رياست قانوني طور تي تفريق ڪري. هاڻي قانون جي عملدرآمد نٿا ڪريون اها ٻي ڳالهہ آهي. اسان سڀ ان سماج ۽ ڪلچر جي پيداوار آهيون، اسان کي اها تبديلي آڻڻي آهي تہ اهو ڪلچر اسان ڪيئن صحتمند ڪريون. ان ۾ اسان کي بيوروڪريسي، پوليس، سماجي طور تي پروفيسر استاد ۽ اڪيڊميہ انهن سڀني ۾ اسان کي تبديلي ۽ صحتمند زندگي ڏانهن اچڻو آهي.

**سوال: هندو ڇوڪرين جي مذهب مٽائڻ ڪانپوءِ وري گهوٽڪي واقعو ٿيو ان ڪانپوءِ نمرتا جو واقعو ٿيو، اهڙي وقت ۾ هندو ڪميونٽي ڪيئن سوچي رهي آهي. اڳ ۾ ئي هتان کان گهٽي لڏپلاڻ ٿي آهي انهن سڀني واقعن جو هندن جي مٿان ڪهڙو اثر پيو آهي؟**

**ڊاڪٽر اشوتاما:** ان شيءِ کي پوري پسمنظر سان ڏسڻ جي ضرورت آهي ۽ هڪ اڌ واقعي تي بحث ڪنداسين تہ ان سان واسطو رکندڙ جيڪي ٻيا مسئلا هوندا اهي ئي صرف بحث هيٺ ايندا. پاڪستان ۾ مذهبي اقليتون آهن ظاهر آهي پاڪستان جي آئين ۾ برابر جا شهري لکيل آهن، پر ڇا برابر جا شهري هجڻ وارا احساس انهن اقليتن ۾

Regd. No: 3160
ماھوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

آهن، يقينن اهو ائين ناهي هن وقت جيڪو ڪاروهنوار هلي رهيو آهي جيئن تعليم جا مسئلا هجن، نوڪري جا مسئلا هجن يا مختلف واقعن تي رياست جا جيڪي ادارا آهن انهن جي روين جا مسئلا آهن. اسان جي عدليہ ۾ جيڪي معاملا ٿين ٿا يا اسان جو سماجي تاجي پيٽو جنهن قسم جو عڪس پيش ڪري ٿو ان سان تہ اهو ٿو لڳي تہ هن وقت اقليت پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري رهي آهي. هڪ تہ شين کي چڪاسڻ جو اهو طريقو آهي، ٻيو وري ڪوڙ سارا بين الاقوامي ادارا آهن جيڪي هر رياست ۾ اتان جي اقليت جي صورتحال کي جاچيندا رهن ٿا تہ ان قسم جون جيڪي رپورٽون آهن انهن مان بہ تاثر نهي ٿو تہ مذهبي اقليتن لاءِ رياست جي بندوبست ۾ ڪافي معاملا اهڙا آهن تہ اهڙا واقعا محض ڪي اخباري ڳالهيون ڪونهن. تنهن ڪانپوءِ وقت بوقت مختلف واقعا ٿين ٿا انهن ۾ اقليتون پاڻ کي اهڙي صورتحال ۾ غير محفوظ محسوس ڪن ٿيون. مثال طور انڊيا ۾ ڪو واقعو ٿئي ٿو تہ هتي ڪهڙي صورتحال ٿي ٿئي يا دنيا ۾ اهڙا ڪي خاڪا اچن ٿا تہ هتان جي جيڪا عيسائي ڪميونٽي پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري ٿي، اهڙا ڪوڙ سارا اينڊيڪيٽر آهن تہ پاڪستان جون مذهبي اقليتون گهڻ پاسائي خطرن جو شڪار آهن. اهي نان اسٽيٽ ايڪٽر جي پاران بہ آهن ۽ ڪجهہ اهڙن گروهن جا مفاد بہ انهن ڳالهين سان جڙيل آهن انهن ڪان بہ ڪين خطرو هوندو آهي. ٻيو وري انهن جي لاءِ خيال جوڙيو ويو آهي تہ مذهبي اقليتن جي وفاداري تي ڀروسو نٿو ڪري سگهجي. اهي لنڪ اپ آهن، مذهبي اقليتن لاءِ هڪڙي ڪئٽيگري ناهي وئي آهي تہ هيءُ ملڪ اڪثريت رکندڙن جو آهي جيڪو مذهب جي نالي تي ٺهيو آهي. اسان جي آئين ۾ بہ ڪوڙ ساريون اهڙيون شيون موجود آهن. اسان جي قانون ۾ بہ اهي شيون موجود آهن تہ يقينن عمل بہ اهڙي نموني ٿيندو. جيڪڏهن اسان گهوٽڪي جو واقعو ڏسون ۽ انهن ادارن جو ڪنڊڪٽ ڏسون ان جو ڪو جواز نہ آهي. ان جا ٻہ ٽي چار جيڪي فيڪٽر آهن ان ڪري اسان جا ذميوار ادارا ذميداري ڪان آجا نٿا ٿي سگهن. هاڻي پوليس ۽ فوج جيڪڏهن پنهنجي سيفٽي جي ڪري هجوم کي ڪنٽرول نہ ڪندا تہ پوءِ ڪير انهن کي ڪنٽرول ڪندو. منهنجي خيال ۾ انهن شين کي انهن گرائونڊ ريئلٽيز سان سمجهڻ جي ضرورت آهي. سنڌ ۾ هندو مذهبي اقليت ۾ آهن اهو بہ تہ آهي نہ تہ انهن جي هتان جي سڄي سياسي سرشتي ۾ ڀائيواري ڪيتري آهي؟ يقينن نالي ماتر آهي، اها ڪيتري ترجمان آهي؟ هاڻ ظاهر آهي تہ جڏهن انهن کي اهي موقعا ئي گهٽ ملندا تہ هو پنهنجي بچاءُ لاءِ ٻيا طريقا اختيار ڪندا. جتي هو ٻين مافيائن جو شڪار ٿي وڃن ٿا. مطلب تہ جيڪو ڪم هتان جي رياست، حڪومت ۽ ادارن کي، پنهنجي شهرين کي بنا ڪنهن فرق جي ڪرڻ گهرجي تہ ان جو مذهب ڇا آهي، ان جو رنگ نسل ذات ڇا آهي، ان کي تحفظ ڏيڻ کپي جيڪڏهن هو نٿا ڪن تہ اهي ماڻهو ٻئي پاسي بہ تحفظ لاءِ ڏسن ٿا. شهرن ۾ ڪجهہ اهڙيون فاشسٽ تنظيمون آهن جيڪي گورننس ڪان متاثهيون ٿي ڪري انهن اقليتن کي تحفظ فراهم ڪن ٿيون، انهن جي ڪاروبار، انهن جي زندگي جي وهنوار ۾ انهن کي اهو چيو ويندو آهي تہ اهي انهن تنظيمن سان هڪڙي قسم جو تعاون ڪن تہ جيئن اهي امن سان زندگي گذاري سگهن. ٻهراڙين ۾ ننڍا وڏا ڪاروباري ماڻهو آهن اتي وري روايتي وڏيرا ۽ سردار انهن کي مختلف طريقن سان اهو احساس ڏيارين ٿا تہ اهي سندن سالن ڪان وٺي حفاظت ڪندا رهيا آهن، جيڪڏهن اهي Protection Money نہ ڏيندا تہ غير محفوظ رهندا، جيڪا غير قانوني آهي ۽ اقليتن کي مختلف طريقن سان ڏيڻي پوي ٿي، جنهن جا ڪيترائي نقصان آهن. ان ڪري رياستي ڍانچي ۽ قانون نافذ ڪرڻ وارن ادارن تي هڪ وڏو سواليہ نشان ايري اچي ٿو. اها هڪ فطري ڳالهہ آهي تہ جتي بہ انسان رهڻ چاهيندو آهي اهو هر حوالي سان تحفظ واري ماحول ۾ رهڻ پسند ڪندو آهي. ان ڪان علاوه شعوري طور تي بہ اهو چاهيندو تہ هو آزاديءَ سان برابري جي بنياد تي ٻيهي سگهي، سوچي سگهي ۽ با وقار نموني سان گذاري سگهي. جيڪڏهن ان جي لاءِ اهي سيئي گهٽ سوڙها ڪيا ويندا تہ ان کي ڪنهن روايتي انداز سان ڏسڻ يا جاچڻ جي ضرورت ڪونهي. اتي اهڙو سوال اٿارڻ جي ضرورت نہ آهي تہ اهي ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ سان وفادار نہ آهن. هتان جي سماجي بيهڪ ۽ نفسيات جيڪا جڙي آهي جيڪا بنياد پرستي وڌي رهي آهي ۽ دقيانوسيت تمام گهڻي وڌي آهي اهي ذهن هاڻي ان ڪميونٽي کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. ان ڪان علاوه رياست ۽ حڪومتون بہ پنهنجو ڪم ڪرڻ ۾ ناڪام نظر اچن ٿيون. ماڻهن جو اهو حق آهي تہ هو جتي بہ پنهنجو پاڻ کي محفوظ سمجهن اتي رهن، اهو ان جو بنيادي حق آهي. ڪهڙي جاءِ تي هو پنهنجي انهيءَ شناخت سان محفوظ طريقي سان زنده رهي سگهن ٿا. ان حوالي سان ماڻهن سوچڻ بہ شروع ڪيو آهي ۽ عملي طور تي بہ لڏپلاڻ ڏسڻ ۾ اچي پئي.

**سوال: هن وقت هندو ڇوڪرين جي مذهب تبديل ڪرڻ جا ڇا سبب آهن؟ ڇا انهن کي پنهنجي ڪميونٽي ۾ بہ ڪي مسئلا**



**درپيش آهن جو انهن کي دين تبديل ڪرڻو پوي ٿو يا ان جي پٺيان ڪو ٻيو مسئلو آهي؟**

**ڊاڪٽر امداد چانڊيو:** اڄ جي موضوع جي حوالي سان اسان کي شين کي سمجهڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ کپي تہ اهو اصل مسئلو ڇا آهي. انهن جو ورجاءُ ڇو ٿو ٿئي. منهنجو پنهنجو ذاتي نقطہءِ نظر اهو آهي تہ هينئر بہ اسان ان مسئلي کي مٿاڇري انداز سان ڏسي رهيا آهيون ان کي تمام سنجيدگيءَ سان ڏسڻ جي ضرورت آهي. اسان تاريخ کي جيڪڏهن ڏسنداسين تہ ان ۾ اهڙا خيال ۽ نظريا ملن ٿا جن ۾ ڪجهہ خاص نسلن کي اعليٰ ڄاڻايو ويو آهي، جيئن فاشزم جو نظريو مسوليني ۽ هٽلر جو فاشزم يا نيشنل سوشلزم جو هو. ان جي خاص ڳالهہ اها هئي تہ انهن پاڻ کي تمام اعليٰ نسل سمجهيو ٿي ۽ اهي ئي دنيا جي تهذيب جو مرڪز هئا، انهن کي دنيا تي حڪومت ڪرڻ جو حق هو. هنن وٽ پنهنجي نسل جي بنياد تي هڪ معتصبانہ نظريو موجود هو جنهن تي هنن فاشزم کي پڪيڙيو. دنيا تي قبضي جي ڪوشش ڪئي نتيجي ۾ هو پاڻ ئي تباهہ ٿي ويا ۽ جنگ جي ور چڙهي ويا. دنيا جي هر ملڪ ۾ ڪا اڪثريت هوندي آهي تہ ڪا اقليت ۽ وري انهن جي وچ ۾ جيڪڏهن ڪا جهيڙي جي تاريخ هوندي آهي تہ

Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد



اها نسل در نسل دشمني منتقل ٿيندي آهي، جيئن عرب ۽ عجم جو جهيڙو آهي، جيئن ايران ۽ عرب جو جهيڙو آهي. فردوسي به پنهنجي شاهه نامي ۾ لکيو هو ته جڏهن عربن انهن تي حملو ڪيو ته لکيائين، ”ٽڪ اٿئي آسمان، جو ڳجهون ڪائيندڙ اسان تي ڪاهي آيا آهن.“ اسان وٽ جيڪو هندو مسلمان جو جهيڙو آهي ان جا تاريخ ۾ اسان کي ڪي به پيرا نٿا ملن. جنهن ۾ هندو مسلمانن هڪٻئي سان جنگ ڪئي هجي يا جهيڙو جوٽيو هجي. هندستان تي مغلن راڄ ڪيو توڙي اهي اقليت ۾ هئا، ان ۾ شڪ ڪونهي ته انهن طاقت جي زور تي حڪومت ڪئي. اسان وٽ جيڪي به جارحيت ڪري آيا انهن کي جيڪڏهن اسان مذهب جي بنياد تي ڏسنداسين ته پوءِ ان حساب سان اسلام به ٻاهران آيو هو پوءِ ان کي به ان ۾ شامل ڪرڻو پوندو ۽ نندي ڪنڌ جي لاءِ جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته اهو هڪڙو اجنبي مذهب هو. اسلام جي فتح ڪانپوءِ هتي ڪا تفريق نظر نه آئي ۽ نه ڪا اٿل پٿل آندي. چچ نامي ۾ اهو سڄو ذڪر آهي ته انهن ڪيئن حملو ڪيو، پر ان ڪانپوءِ اها شيءِ ورجائي ڪونه وئي ته وري اهڙي قسم جو ڪو ڏاڍائي وارو پاسو نظر اچي. پاڪستان ۽ هندستان جو ڌار ٿيڻ ڪانپوءِ به ان عمل جي پڪيڙ ٻنهي پاسن کان نظر اچي ٿي. اسان جي آئين ۽ قانون ۾ چوڻ کان ته سڀني جي لاءِ برابري جا حق آهن، پر حقيقت اها آهي ته آئيني طور تي برابري جا حق ناهن ڏنل. جيڪڏهن توهان چئو ٿا ته اقليت نه چوڻ کپي ته اسان جي آئين ۾ اقليت لکيل آهي. آئين ۾ ان جي پرسنٽيج مقرر ٿيل آهي. جڏهن قانوني ۽ آئيني طور تي اسان تفريق جو ليڪو ڪڍي ڇڏيو آهي ته پوءِ سماج ۾ اسان ماڻهن کي ان کان ڪيئن ٿا جهلي سگهون. جيئن چيو ويندو آهي ته قانون جي نظر ۾ سڀ برابر آهن، پر حقيقت اها آهي ته هڪ لکيل قانون آهي ۽ ٻيو جنهن تي عمل ڪيو ٿو وڃي. اسان کي اتان کان پنهنجي اصلاح ڪرڻي پوندي. ڇو ته جڏهن توهان جي رياست اڪثريت جي حمايتي ٿي وڃي ۽ اقليت پاڻ کي غير محفوظ سمجهي ته صورتحال اهڙي رهندي. اها به حقيقت آهي ته تشدد هميشه ڪمزور جي خلاف استعمال ٿيندو آهي، انقلابي تشدد رياست سان ٽڪرائبو آهي، اهو سياسي تشدد هوندو آهي، جيڪو تمام وڏي پئماني تي ٿيندو آهي ۽ ان ۾ سڄو سماج شامل ٿي ويندو آهي. ٻي صورت ۾ تشدد گهڻو ڪري ڪمزور جي خلاف ئي استعال ٿيندو آهي. توهان جي سوال جو جواب اهو آهي ته اسان جي معاشري ۾ پيار جا پرڙا ته هوندئن ئي سماج جو حصو آهن. هڪ لحاظ کان انهن کي مرضيءَ جون شاديون چئي سگهجي ٿو، پر ان تي به سوچجي ته اهي ڇوڪريون پرڻجي وڃن ٿيون ڇا اهي اتي انهن سان ملي جلي وڃن ٿيون، ڇا انهن جي ڪاميابين جون ڪي ڪهاڻيون ڇپيون آهن ته اهي ڪيتري حد تائين ڪامياب شاديون سڏبيون آهن، ان جو اسان کي ڪوبه رڪارڊ هٿ نٿو اچي. غير محفوظ هجڻ جو احساس ڪنهن به ماڻهو کي پنهنجو ملڪ ڇڏڻ تي مجبور ڪري ٿو يا پنهنجو گهر ڇڏڻ تي مجبور ڪري ٿو. آئين ۾ سڏيل شيڊيول ڪاسٽ يا هيٺئين درجي جا ماڻهو انهن جي حالت مون ڏٺي آهي اهي انتهائي بدتر زندگي گذاري رهيا آهن، انهن جو استحصال مسلمان محنت ڪشن کان وڌيڪ ٿيوائٿو آهي. اهڙي قسم جي زندگي گذارڻ بذات خود هڪ وڏي للڪار آهي ته اهڙي صورت ۾ اهي ڇوڪريون پوءِ ڪڏهن ڪڏهن ان زندگيءَ مان تنگ اچي جيڪڏهن شادي ڪن ٿيون ته اهو به هڪڙو سبب ٿي سگهي ٿو. اهڙي قسم جي سماجي ابتري ۽ غير محفوظ هجڻ جو احساس ۽ اڻبرابريءَ جو سلوڪ هر جاءِ تي ڀوڳڻ جنهن جي ڪري ان قسم جون شاديون ٿين ٿيون. ان ڳالهه تي ڪڏهن به غور نه ڪيو ويو آهي ته اهڙين شادين سان يا اهڙين مذهب جي تبديلين سان اسلام کي ڪيترو فائدو ٿي رهيو آهي.

**سوال: ڇا توهان وٽ ڪو اهڙو ڪيس اسٽڊي آيو آهي جنهن ۾ هندو ڇوڪريون پنهنجي ڪميونٽي ۾ مسئلن کي ڀوڳيندي مذهب تبديل ڪنديون هجن؟**

**فريده چنا:** جنهن خطي ۾ اسين رهون ٿا ۽ گهڻو ڪري سنڌ جي حوالي سان ئي آئون ڳالهه ڪنديس ان ۾ ڪافي مسلمان ڇوڪريون به اهڙيون هونديون آهن جيڪي هندو ڇوڪرن سان شاديون ڪرڻ چاهين ٿيون انهن جي لاءِ هڪڙو ڌار قانون آهي ته انهن کي سنگسار ڪيو وڃي ۽ اسلام مسلمان ڇوڪرين کي مذهب تبديل ڪرڻ جي اجازت نٿو ڏئي ۽ جڏهن ڪا هندو ڪنهن مسلمان سان شادي ڪرڻ چاهي ٿي ته ان کان پهرين مذهب تبديل ڪرائڻ جي گهر ڪئي وڃي ٿي. اهڙا ڪيترائي ڪيس مون وٽ ايڇ آر سي پي ۾ آيا هئا. هندو ڪميونٽي ۾ ڇوڪريون پنهنجي سئوٽ يا ماسات سان شاديون نٿيون ڪري سگهن. هڪڙو ڪيس مون وٽ آيو جنهن ۾ هڪ پناڻ ڇوڪري مون وٽ آئي جنهن کي هڪ هندو ڇوڪرو پسند هو ۽ هوءَ مذهب تبديل ڪرڻ چاهي پئي ۽ هوءَ پيءُ سان گڏ هڪ دارالامان ۾ آئي هئي ۽ هن جو چوڻ هو ته ڪيس جيل ۾ اماڻيو وڃي ڇو ته ڪيس سندس قبيلي کان خطرو هو. انهن شادين ۾ مذهب ڪٿي به ڪونه هوندو آهي ۽ ان جي تبديلي صرف ملڪ جي قانون جي پابندي ڪرڻ لاءِ ضروري هوندي آهي. ڇو ته هندو ڇوڪري بغير مذهب تبديل ڪرڻ جي مسلمان ڇوڪري سان شادي نٿي ڪري سگهي. جيئن انڊيا ۾ ڪا مسلمان ڇوڪري ڪنهن هندو ڇوڪري سان شادي ڪندي ته ضروري ناهي ته ڪيس پنهنجو مذهب تبديل ڪرڻو پوي يا هندو ڇوڪريءَ کي مسلمان ڇوڪري سان شادي ڪرڻ لاءِ مذهب تبديل ڪرڻ لازمي ڪونهي.

**سوال: هندو واپاري خود کي غير محفوظ محسوس ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن اهي هتان لڏپلاڻ شروع ڪن ٿا ته ان سان سنڌ جي معيشيت تي ڪهڙو اثر پوندو؟**

**عبدالمجيد چانڊيو:** اسان کي ڳالهہ سمجهڻ جي ضرورت آهي تہ سنڌ ۾ اتر ۾ رهندڙ هندو معاشي ۽ اقتصادي طور تي مضبوط آهي ۽ ائين چئي سگهجي ٿو تہ سندس حيثيت هڪ ننڍي سرمائيدار واري آهي. لاڙڪاڻي کان شروع ڪيو، ڪنڌڪوٽ، جيڪب آباد، بخشاپور، ڪشمور، ميرپورماٿيلو تائين انهن جون جننگ فيڪٽريون آهن. وري جڏهن لاڙ ۽ ٿر ڏي اچون ٿا تہ هتان جو هندو عام طور تي ٿورو معاشي طور ڪمزور آهي، ان جو سبب اهو آهي تہ لاڙ ۾ توهان چئو ٿا تہ عورت پر مان تہ چوان ٿو مرد بہ پنهنجو مذهب مٽائين ٿا. انهن ۾ گهڻو ڪري دهشتگرد تنظيمون اهو ڪم ڪن ٿيون جن تي پابندي لڳل آهي، ان قسم جي سرگرمي جو مان اکين ڏٺو شاهد آهيان. اتي حافظ سعيد جي تنظيم جماعت الدعويٰ ڪهڙو ڪم ڪري رهي آهي؟ 1947ع ۾ جڏهن هندن لڏپلاڻ ڪئي ان جو بہ معاشي نقصان نہ رڳو سنڌ کي پر پوري پاڪستان کي پهتو. سنڌ ۾ هندو، پنجاب ۾ سک اقتصادي طور تي وڌيڪ مستحڪم هئا. وري جيڪڏهن هاڻي باقي رهيل هندو بہ وڃي ٿو تہ ان جا اسان جي سماج تي گهڻ رخا اثر اچڻ وارا آهن، ڇو تہ اسان جو اهو مڊل ڪلاس آهي ۽ 72 سال گذرڻ کانپوءِ بہ اها لڏپلاڻ واري حالت تسلسل سان جاري آهي. هاڻي جيڪڏهن اسان ان کان هٽي ڪري ڏسون تہ ان قسم جو جيڪو پنيٽ مڇي ٿو اهو باقائده ڊزائين ٿيل نظر اچي ٿو، جيڪا هندن خلاف هڪ تحريڪ آهي. خود فوج ۾ ٽي نسل موجود آهن هڪڙو برطانوي جيڪو ايوب خان جي دور جو هو، ان کانپوءِ آمريڪن نسل آيو ۽ ضياءُ جي دور ۾ اسلامائيز ڪيو ويو. ڪنهن بہ ملڪ جي فوج ڪنهن بہ مذهب تي نہ هوندي آهي. ابوالڪلام آزاد مذهب جي بنياد تي ملڪ ٺاهڻ جي مخالفت ڪئي، سواءِ مولانا اشرف علي ٿانوي ۽ شبير عثماني جي. چاهي مولانا فضل الرحمان جا وڏا هجن يا مولانا مودودي هجي انهن سڀني پاڪستان ٺهڻ جي مخالفت ڪئي. پاڪستان جو پهريون انڊين هاءِ ڪمشنر شايد سي پرڪاش هو جيڪو ڪانگريسي هو، ان محمد علي جناح تي هڪ ننڍڙو ڪتابڙو لکيو آهي ۽ لکي ٿو تہ جڏهن مان حيدرآباد آيس تہ مون کي ٽيليگرام مليو تہ قائداعظم هڪ ميٽنگ ڪرڻ ٿو چاهي ۽ سڀني ڊپلوميٽس کي گهرايو اٿس ۽ مون کي تڪڙو ڪراچي پهچڻو پيو ۽ جڏهن آئون اتي پهتس تہ مون ڏٺو تہ هو سڀني کي الڳ الڳ سڏي انهن سان ملي پيو. مون کي سڏي پنهنجي پرسان ويهاريائين ۽ چيائين تہ ڀلي اسان ٻن ملڪن ۾ ورهائجي ويا هجون، پر وري بہ اسان جي محبتن جا رويا هڪٻئي لاءِ ساڳيا رهندا. سي پرڪاش لکي ٿو تہ مون ڪانئس پڇا ڪئي تہ توهان ڇا اسلامي رياست ٺاهڻ ٿا چاهيو تہ ان تي يڪدم قائد اعظم جواب ڏنو تہ مون اهو ڪٿي بہ چيو هجي تہ مون کي ٻڌايو تہ آئون پاڪستان کي اسلامي رياست ٿو ٺاهڻ چاهيان تہ مون کيس چيو تہ شايد توهان جي پراءِ منسٽر ائين چيو هجي، جنهن تي وراڻيائين تہ ان جو جواب توهان ان کان وٺو. ايوب خان جيڪو آرمي چيف هو، جيڪو چئي سگهو ٿا تہ هو هڪڙو ڊڪٽيٽر هو. سندس سيڪريٽري قدرت الله شهاب پنهنجي ڪتاب شهاب نامي ۾ لکي ٿو تہ مان ان کي 62 واري آئين ۾ اسلامي جمهوريہ لکيو جنهن کي هن ڪٽيو جنهن تي هن هڪڙو وڏو نوٽ لکيو ۽ ٻئي ڏينهن تي ايوب، قدرت الله شهاب وٽ اچي چئي ٿو تہ ڀلي اهو نالو وجهو، اهي اسان جي تاريخ جا وڏا سانحا آهن. اسان جو بيورو ڪريٽ، اسان جي پوليس، اسان جو وڏيرو ان لهر ۾ لڙهي ٿو وڃي ۽ پنهنجا فيصلا انهيءَ مطابق ڪري ٿو ۽ ان جو اثر اسان جي سماج تي پوي ٿو، جنهن ۾ پوءِ پيار جي شادي بہ عيب بڻجي وڃي ٿي ۽ پيار جي وچ ۾ مذهب ٿو اچي وڃي ۽ مذهب مٽائڻ کانپوءِ ئي اهو پيار رهي سگهي ٿو. اسان وٽ مولوي جي اداري جي مڪمل اوور هالنگ ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن مولانا غلام محمد گرامي کي پڙهيو وڃي جنهن پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ قرآن ۾ جيڪو لفظ صابعين لکيل آهي اهو هندن لاءِ آهي. البيروني ”ڪتاب الهند“ ۾ لکي ٿو تہ هندو بہ خدا جي توحيد ۾ يقين رکندڙ آهي جيڪڏهن اهو خدا جي توحيد ۾ يقين رکي ٿو تہ پوءِ اهو اڻ ڄاڻ مولوي ڇو ٿو مٿس فتوائون ڪڍي پوءِ يا تہ البيروني تي بہ فتويٰ ڪڍن تہ اهو بہ ڪافر هو ۽ مولانا گرامي تي بہ ڪفر جي فتويٰ ڪڍن تہ اهو بہ ڪافر هو ۽ جيڪڏهن اهو صابعين لفظ هندن لاءِ آهي تہ هندن کي ان حساب سان پوءِ اسان اهل ڪتاب چئي سگهون ٿا. مولانا گرامي چئي ٿو تہ ويد بہ آسماني صحيفہ آهن. اسان جا جيڪي لبرل اسلامي اسڪالر آهن انهن کي اهي ڪتاب پڙهڻ کپن ۽ اهي مذهبي گڏجاڻيون رکن ۽ اسلامي طريقي سان ان ڳالهہ کي ثابت بہ ڪن تہ معاشري ۾ بهتري اچي سگهي ٿي.

**سوال: تاريخي پسمنظر ۾ ڏسون تہ محمد بن قاسم جي حملي ڪرڻ وقت معاشرو ڪيئن هو ڇا محمد بن قاسم جي اچڻ کان پهرين معاشري ۾ اها ورڇ هئي يا ان جي اچڻ کانپوءِ ان جا اثر پيا.**

**شوڪت اچڻ:** تاريخ ۾ محمد بن قاسم کان پهرين راجا ڏاهر، راجا ڏاهر کان پهرين راجا ڇڇ، ان کان پهرين راءِ سهاسي. سنڌي ماڻهو جڏهن پنهنجي تاريخ لکندا آهيون تہ ان جي ويجهڙ واري تاريخ حڪمراني راءِ سهاسي کان شروع ٿئي ٿي. هونئن تہ ان کان بہ اڳ جي آهي، پر اسان راءِ سهاسي کان شروع ڪريون ٿا تہ ان دور ۾ بہ معاشري ۾ تفريق موجود هئي انسان جو وڏي ۾ وڏو خواب آهي تہ ان تفريق کي ختم ڪيو وڃي. تفريق تاريخ ۾ بہ رهي آهي تہ ترقي ڪندڙ ملڪن ۾ اڄان بہ موجود آهي، اها قوم، نسل، مذهب ۽ جنس جي بنياد تي موجود آهي. راءِ سهاسي کانپوءِ راجا ڇڇ اچي ٿو تہ برهمڻن جي حڪمراني اچي ٿي اتي ٻُڌن سان تفريق ڪئي ويندي هئي. جيڪڏهن انهن سان اهڙو رويو نہ رکيو وڃي ها تہ شايد اهي محمد بن قاسم کي حملي جي لاءِ دعوت ئي نہ ڏين ها. جيڪڏهن محمد بن قاسم کي ٻڌ دعوت نہ ڏين ها تہ شايد محمد بن قاسم ڪڏهن بہ هتي فاتح ٿي نہ سگهي ها تہ ٿي سگهي ٿو تہ تاريخ تبديل هجي ها، اها تفريق ٻڌ ۽ برهمڻ جي هئي. هيڏا وڏا مذهب جين، ٻڌ ۽ برهمڻ اڄ اسان وٽ اقليت ۾ آهن، پر ان وقت برهمڻ تمام طاقتور ماڻهو هو، پر تفريق موجود هئي. ٽيئي مذهب جن کي اسين سناتن چئون جنهن ۾ برهمڻ پاڻ کي اوچي ذات ڪري پيش ڪندا هئا، ان جي ري ايڪشن ۾ جين ازم ۽ ٻڌ ازم آيو. اهي اسان جا اصلوڪا مذهب هئا، پر انهن جي وچ ۾ فرق هو، ان جي نتيجي ۾ محمد بن قاسم آيو، ان جي اچڻ سان وري نئين تفريق شروع ٿي. مسلمان آيا، جنهن ۾ انهن جي پوزيشن فاتح جي هئي، فاتح ۽ مفتوح جي رتبي ۾ فرق هوندو آهي. مفتوحن ۾ وري هڪڙا محمد بن قاسم جا حمايتي ٿيا، ٻيا ان جا مخالف. جيئن جئي سينا هو اهو عربن سان گوريلا جنگ جوٽيندو رهيو، اها بہ تفريق جو نتيجو هئي. پوءِ وري جڏهن اسان مسلمان ٿيون ٿا تہ ڪي سومرا ٿين ٿا ۽ عرب ٿورا ٿڪجن ٿا يا ڪمزور ٿين ٿا ۽ هتان جا سنڌي مسلمان طاقتور ٿين ٿا تہ حڪمراني سومرن کي ملڻ جي بجاءِ

سمن کي ملي ٿي. سومرن ۽ سمن جي تفريق نہ هجي ها تہ سمان حڪمران ڪيئن ٿين ها. سمن جي دور ۾ وري هڪ تمام گهٽي طبقاتي تفريق ملي ٿي. اها ئي ساڳي تفريق هلندي پئي اچي. وري هڪ تفريق 1947ع کانپوءِ شروع ٿئي ٿي. هاڻي اسان کي ڏسڻو پوندو تہ ان دور ۾ سهپ ڪيتري هئي ۽ هينئر ڪيتري آهي. هن وقت اسان جي سهپ تمام گهٽجي چڪي آهي، ان جو سبب اسان جا ادارا آهن. جنهن جي ڪري اسان جا ماڻهو بہ ورهايل آهن تہ اسان جي بيورو ڪريسي بہ ورهايل آهي جنهن کي اسان لابي بہ چئون ٿا، جيڪي اسان جي ادارن ۾ موجود آهن ۽ طاقت رکن ٿيون ۽ ميڊيا بہ اڪثر پنهنجو هڪڙو بيانيو ڏينديون آهن تہ هن وقت ملڪ ۾ ڪهڙي لابي وڌيڪ طاقتور آهي، ان ۾ مذهبي بہ اچي ٿي تہ قومي بہ. ان ڪري اڪثر صوبن کي بہ اهو تفريق جو احساس ٿيندو آهي ۽ مذهبي طور تي بہ ماڻهن ۾ تفريق رهي ٿي تہ ڪهڙو مذهبي فرقو طاقتور آهي ۽ ڪهڙو ڪمزور آهي. هن وقت جڏهن ماڻهن کي برابريءَ جا بنيادي حق نٿا ملن اهڙي صورت ۾ ڪوٽا سسٽم جو جواز بہ موجود آهي. جڏهن حق برابريءَ جي بنياد تي ملندا اهي چاهي مذهبي هجن، جنس جي بنياد تي هجن يا غربت جي بنياد تي هجن. هن وقت اسان جي تعليم پنجن ڪان ڇهن سطحن ۾ ورهايل آهي. توهان جي سوال جي جواب ۾ چوان تہ اسان جي تاريخ ۾ بہ تفريق موجود هئي ۽ هن وقت بہ آهي اهو صرف اسان سان نہ پر سڄي دنيا ۾ موجود آهي. فرق اهو آهي تہ اسان پاڻ ۾ سهپ ڪيتري پيدا ڪري سگهون ٿا. جنهن ڏينهن اهو فرق ختم ٿي ويو تہ انسانيت جي عظيم خواب جي تعبير حاصل ٿي ويندي. اڳي اسان وٽ تفاوت جا تاج ائين ڪونہ لڳندا هئا، اڳي هڪڙي فرقي يا مذهب جو ماڻهو، ٻئي ڪنهن فرقي ۽ مذهب جي ماڻهو سان ڪا بيواجبي ڪري ايندو هو تہ ڳوٺ جا ماڻهو بہ ان جي پٺڀرائي نہ ڪندا هئا پر ان کي تنبيهہ ڪندا هئا.

**سوال: انهن حالتن کي تبديل ڪيئن ٿو ڪري سگهجي؟**

**مشتاق ميراڻي:** جيئن ٽيڪنالاجي ڪم ڪري ٿي ائين ئي بلڪل سياسي ٽيڪنالاجي بہ آهي توهان ناروي وڃو، سوئيڊن، ڊين مارڪ، انگلينڊ يا جاپان. اتي بہ پارٽي سسٽم آهي هڪ پرو مارڪيٽ آهي، ٻي سوشل ڊيمو ڪريسي جي آهي، اهي اليڪشن ۾ بيهن ٿيون ۽ ڪو هڪ ڪٽي ٿو، جيڪا شيءِ ٻنهي پارٽين ۾ هڪجهڙي آهي جيئن يو ڪي ۾ ڪنزرويٽو آهي، ڊيمو ڪريٽڪ آهي، انهن جي ڪامن ايجنڊا ۾ پنج بنيادي آزادي جا نقطا ساڳيا آهن ۽ انهن تي ڪو سمجهوتو ڪونهي. انهن سماجن ۾ بہ واقعا ٿين ٿا، پر ان تي رياست، عدليہ، قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ۽ عام ماڻهو پنهنجو آواز اٿارين ٿا ان واقعي ۾ جيڪڏهن ڪو انفرادي طور تي نشانو بڻجي ٿو تہ سڀ گڏجي اٿي بيهن ٿا. جيئن نمرتا جي واقعي کانپوءِ ۽ گهوٽڪي جي واقعي کانپوءِ سڄي سنڌ گڏجي آواز اٿاريو آهي. اهڙي ماحول جوڙڻ جي سخت ضرورت آهي.

**فريده چنا: هن وقت جيڪي نفرتون پکڙيل آهن ماڻهن کي آزادي هجڻ کپي ۽ سيني کان وڏو مذهب انسانيت کي سمجهيو وڃي.**

**امداد چانڊيو:** معاشري لاءِ اهو هڪڙو وڏو چئلينج آهي ان ۾ جيستائين رياست، سماج ۽ شهري گڏجي پنهنجو ڪردار ادا نہ ڪندا سين تہ ڪم نہ ٿيندو. جيئن ڪڏهن چيو ويندو آهي تہ هي گهٽ درجي جو پاڪستاني آهي، هي گهٽ درجي جو مسلمان آهي، هي گهٽ درجي جو سنڌي آهي، هي گهٽ درجي جو محب وطن آهي. جيستائين اسان ان فضا مان آجا نہ ٿينداسين تيستائين تبديلي نٿا آڻي سگهون. سيني کان وڏي آزادي خوف کان آزادي آهي. ڪڏهن مذهب جي تلوار چمڪي ٿي جنهن کي رياست ۾ غلط استعمال ڪيو ٿو وڃي. جيڪڏهن اهڙيون شيون نہ سڌريون تہ اسان جو سماج، اسان جو ملڪ ڪڏهن بہ طاقتور نٿو ٿي سگهي. اسان سيني مذهبن جي برابري جا قائل آهيون ۽ ڪنهن بہ مذهب جي خلاف ڳالهائڻ ۽ لکڻ مطلب تہ سماج ۾ ڦوٽهڙو وجهڻ جي برابر آهي. اسان جي رياست ۽ سياسي جماعتن کي خاص ڪري جيڪي نمائندا ايوانن ۾ ويٺا آهن انهن کي هن قانون جو وري اپياس ڪرڻ گهرجي.

**عبدالمجيد چانڊيو:** مان تہ اهو چوندس تہ اسان کي "مولوي مائينڊ سيٽ" کان آزادي جي ضرورت آهي. اهو انهن ماڻهن ۾ بہ موجود آهي جيڪي بظاهر تمام گهڻا ماڊرن نظر ايندا آهن اهو مائينڊ سيٽ انهن سيني شين کي پسند ڪري ٿو جيڪي معاشري ۾ انتشار پيدا ڪن ٿيون. اهو اسان جي ترقي ۽ اقليتن جي آزادي ۽ خود رياست پاڪستان جي لاءِ هڪ وڏو خطرو آهي ۽ ان کان آزاديءَ جو ذريعو صحيح نصاب ذريعي تعليم ئي آهي. ٻاراڻي کان وٺي يونيورسٽي سطح تائين نصاب کي وري جاچڻ جي ضرورت آهي. اسان جي نصاب ۾ ئي تفريق ۽ نفرت هوندي تہ اهو سماج نفرت جو شڪار ٿي ويندو.

**شوڪت اڄڻ:** جيستائين اسين ادارتي نئين سر تشڪيل ۽ نئين ترڪيب نٿا ڏيون. جيئن اسان وٽ شڪايت آئي تہ اهڙن وقتن تي ضلعي انتظاميہ يا پوليس جي طرفان ماڻهو وقتائتا چو نہ پهتا، ان جو سبب ئي اهو آهي تہ اسان جي ادارن جي اهڙي ترڪيب ۽ تشڪيل ئي ناهي ٿيل. جيڪي ماڻهو انهن ادارن ۾ اچن ٿا اهي قوم جي خدمت ڪرڻ جو خواب کڻي ئي نٿا اچن. اسان جڏهن اهڙي ليڊر شپ پيدا ڪنداسين جنهن جو مقصد قومي خدمت ڪرڻ هجي تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو. اسان جي نصاب ۾ سيني کان وڏو سوال جيڪو ڪٽل آهي تہ اسان کي قوم کي خدمت فراهم ڪرڻي ڪونهي، اسان ذاتي خدمت جو خواب کڻي انهن ادارن ۾ پهچون ٿا جتان کان اسان جي خود پسندي ۽ خود پرستي شروع ٿئي ٿي. اهڙي ليڊرشپ پيدا ڪجي جنهن جي ترجيح قومي ۽ اجتماعي مفاد هجي.

**ڊاڪٽر مختيار احمد ڪانڌڙو:** منهنجي خيال ۾ تہ اسلام معاشري جي نئين تشڪيل ڪندڙ مذهب آهي. اصحابِ ڪهف جي واقعي ۾ بہ مذهب جي بنياد تي انهن کي ملڪ ڇڏڻو پيو. خود نبي پاڪ صلي الله عليہ و آلهي وسلم تي جبر ٿيو جو کين مدينو ڇڏڻو پيو. تبليغي لٽريچر ۾ اهڙو مواد تمام گهٽ نظر ايندو، جنهن سان محبتون وڌن. سومناٿ جي مندر تي بہ حملا، اسلام جا حملا ناهن هڪ مسلمان جا حملا آهن. مسلمانن جو جائزو وٺڻو پوندو تہ انهن جيڪي غلطيون ڪيون آهن ان کي غلط چوڻو پوندو. اسلام مذهبي آزاديءَ جو وڏو علمبردار آهي. بنو اميہ جي دور ۾ مسلمانن عيسائين جو چرچ ڊاهي اتي مسجد ٺاهي ڇڏي، ڪيس ڪورٽ ۾ ويو. ان دور جي حاڪم اهو فيصلو ڏنو تہ سرڪاري خزاني مان مسجد ڊاهي وري ٻيهر چرچ تعمير ڪيو وڃي، اهو امير معاويہ جي دور جو واقعو آهي. اهڙا ڪيترائي ڪيس تاريخ ۾ ملن ٿا. مسلمان قتل ڪيو حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنہ جي ڪورٽ ۾ فيصلو آيو ۽ مسلمان کي قصاص ۾ قتل ڪرايو ويو. حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي دور ۾ مسلمانن عيسائين کي ماريو تہ علي

ڪرم الله وجهه انهن کان پڇيو ته توهان قصاص ۾ ڇا ٿا ٿنندوَ انهن ان مسلمان کي معاف ڪري ڇڏيو ته حضرت علي ڪرم الله وجهه ٻه ان کي معاف ڪري ڇڏيو. اسلام ٻه غير شعوري طور داخل ٿيندڙ انسان کي پنهنجي دائري ۾ قبول نٿو ڪري. اسلام نٿو چاهي ته رڳو مسلمانن جو انگ وڌي، قانون سازي ٿيڻ کپي ته ڪيتري عمر ۾ ڪوبه ماڻهو مذهب قبول ڪري سگهي ٿو. اسلام کان اڳ مذهبن جي وچ ۾ شادي ڪرڻ جي اجازت نه هئي، پر اسلام آفاقي مذهبن جي وچ ۾ شادي جي اجازت ڏني. هاڻي فيصلو ٿيڻو آهي هندن جي لاءِ ته اهي اهل ڪتاب آهن يا ناهن جيڪڏهن فيصلو اهو ٿئي ٿو ته اهي اهل ڪتاب آهن ته پوءِ انهن سان ٻه شادي ٿي سگهي ٿي. منهنجو خيال آهي ته مذهب جي مٽائڻ لاءِ مڪمل طور تي قانون سازي ٿيڻ کپي. سنڌ اسيمبلي شايد ان معاملي ۾ ڪجهه قدم کنيا هئا، پر ڪجهه مجبورين جي ڪري وري ان کي روڪي ڇڏيو آهي. ٻيو ته مسلمان ۽ هندو ڪميونٽي کي گڏيل طور تي ميڙاڪا ڪونرائڻ گهرجن. هڪٻئي جي عبادتگاهن ۾ وڃڻ گهرجي. ان کان علاوه اسان جي يونيورسٽين، ڪاليجن، اسڪولن ۽ مدرسن ۾ جيڪو نفرت انگيز مواد پڙهايو ٿو وڃي اهو باقائدگي سان سينسر ٿيڻ کپي. ڇو جو ان قسم جي مواد جي ڪري ئي ان قسم جا نفرت انگيز واقعا ٿين ٿا.

**ڊاڪٽر اشوتاما:** هتي شراڪتي ڪلچر جي ضرورت آهي، هر مذهب جي ماڻهو جي شرڪت هر حوالي سان عملي يا نظرياتي گڏيل هجڻ گهرجي. سيني ادارن جي ناهڻ ۾، سيني فيصلن ۾ سيني کي گڏ کنيو وڃي. جڏهن قانون سازي ٿئي ٿي ته ان جي لاءِ ٻه جيڪا هيئرنگ ٿيندي آهي جنهن کي پري ليجس ليشن هيئرنگ ڪلچر چئبو آهي، اهو ضروري آهي. ڪي ترقياتي پروجيڪٽ آهن. جيستائين سڀ ماڻهو هر ڪم ۾ عملي ۽ شعوري طور تي شراڪتدار نه هوندا ته اهي فيصلا جيڪي اڪيلائي ۾ ٿين ٿا ڪنهن جي فائدي ۾ ويندا ۽ ڪنهن جي نقصان ۾. هاڻي ان شراڪتداري واري عمل ۾ جيڪي رڪاوٽون آهن انهن کي ڄاڇڻ جي ضرورت آهي ۽ انهن جي خلاف مدافعيتي عمل جي ضرورت آهي. چاهي اها رڪاوٽ حڪومت جي چينل کان هجي يا مختلف مذهبي گروهن ۽ فرقن کان هجي يا اهي نظرياتي گروهه جيڪي پنهنجو هڪڙو اثر رکن ٿا انهن کان هجي، اهي سڀ انهن ماڻهن جي شراڪتداري واري عمل کي روڪڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ٻيو ويجهڙ ۾ توهان جي جيڪا سڄي سماجي تحريڪ آهي اها ڪنهن نه ڪنهن نموني پليوٽ ٿي آهي، چاهي اهي انساني حقن جا ادارا هجن يا سرڪار جا نالي ماتر ادارا ناهيا ويا هجن اهي جيڪي دعويٰ ڪندا آهن ته اهي سماج ۾ بهتري آڻيندا انهن جو ڪردار اهو مثالي نظر نٿو اچي جيڪو ماضيءَ ۾ هو. پلي اسين ڪٿي چئون ته عام ماڻهو تمام گهڻو پڙهيل لکيل ڪونهي انهيءَ سطح جو ڪونهي، پر سادن سودن ماڻهن کي ٻه گڏ ويهارڻ کپي جيئڻ هارين جي پاليسي ناهڻ وقت هارين کي ۽ مزدورن جي پاليسي ناهڻ وقت مزدورن کي اتي ويهاريو وڃي. اسٽيڪ هولڊرز کي اڳيان اچڻو پوندو ته جيئن اهو ويڇو ختم ٿئي. انهن جون ڪڇيون ڦڪيون جيڪي خود ساخته تحريڪون آهن انهن کي ڪٿي هلڻو پوندو. نمرتا جي قتل ڪانپوءِ سول سوسائٽي تحريڪ هلائي آهي ان جي اڳواٽي لاءِ ماڻهو خود نڪتا آهن. ان ۾ ڪيتريون ئي ڪچايون ڦڪايون هونديون، پر اهو ماڻهن جو پنهنجو فيصلو آهي ماڻهو پاڻ نڪري آيا آهن. ڇو ته انهن پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪيو آهي. هن وقت اهڙي عوامي رد عمل جي ڪري حڪومت، انتظامي ادارا ۽ سياسي پارٽيون ٻه خود کي غير محفوظ محسوس ڪري رهيا آهن ته هڪڙي نئين ڪيپ اچي پئي، نئين ليڊرشپ اچي پئي، ان شراڪتداري کي قبول ڪرڻو آهي ۽ انهن کي راهه ڏيڻي آهي.

**سوال: ڇا بلاسفيمي جي قانون جو غلط استعمال نه پيو ڪيو وڃي؟**

**مرتضيٰ گوهر صالحاڻي:** هن وقت دنيا ۾ هر مذهب جو استعمال ڪاروبار جي طور تي ٿي رهيو آهي. چاهي اهو يهوديت هجي يا عيسائيت، هندو مذهب هجي يا اسلام. هاڻي انهن مذهبن جي ڪاروبارين ۾ ٻه هڪٻئي کي ڪٽڻ وارا موجود آهن ۽ انهن جي ٻه مفادن کي ڌڪ لڳي ٿو ۽ جنهن سان انهن جي وچ ۾ ٽڪراءُ پيدا ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته هزار پنجويهه سال اڳي اهي طبقات لکيا هئا. هو تمام شاطر قسم جو ماڻهو هو، هن پاڻ وٽائڻ لاءِ هڪڙو ڪتاب لکيو ارٿ شاستر ان ۾ هن طبقا ناهيا ته ڪنهن کي ڪهڙو ڪم ڪرڻو آهي، ڪاروبار ڪنهن کي ڪرڻ کپي، حڪومت ڪيئن ناهڻ کپي ۽ ڊاهڻ ڪيئن کپي. ان تي انڊيا جو سڄو سرشتو هلي ٿو. انڊو پاڪ کان ويندي ڪابل، قنڌار ۽ ايران ٻه ان تي عمل ڪري ٿو ته جنهن وٽ علم وڌيڪ آهي ان جي فضيلت وڌيڪ آهي، ان جي پڳهار وڌيڪ آهي، جنهن وٽ طاقت آهي اهو سيني کان ڏاڍو آهي ۽ سڄو ڪار وهنوار هن ٽڪراءُ جي بنياد تي ئي هلي پيو. پيري مريدي ۾ ٻه ٽڪراءُ آهي، اتان شروع ٿيندڙ ٽڪراءُ سماج ۾ هر جاءِ تي نظر اچي ٿو. ان ٽڪراءُ کي اهي طاقتون سماج جي چرپر جو سبب سمجهن ٿيون. هن وقت سائنس ايتري ترقي ڪري وئي آهي، پر اهي وسيلا ترقي جي بجاءِ سماج جي تباهي لاءِ استعمال ٿين پيا. ان جو واحد حل اهو آهي ته حڪومت ۽ عوام پاڻ ۾ گڏجي تعليم تي ڌيان ڏين ڇو ته تعليم ئي صحيح رخ ۾ رهنمائي ڪري سگهي ٿي.

**سوال: هن وقت سنڌي سماج ۾ ماڻهو ڪهڙو مائينڊ سيٽ ڪٿي اڳتي وڌي رهيو آهي؟**

**مرتضيٰ گوهر صالحاڻي:** هن کان پهرين ٻه ڪيترائي واقعا ٿيا آهن جن ۾ پرنس ڪريم آغا خان جي ماڻهن جي بس ۾ وينل سٺ پنجهٺ ماڻهن کي هڪ ئي ماڻهو اچي ماري هليو ويو، پر انهن جي لاءِ پاڪستان ۾ ڪوبه ايترو آواز نه اٿي سگهيو ۽ نه ئي وري آغا خانين ان تي گهڻو زور پريو. هن وقت پيريون مريديون آهن، گديون آهن، جماعتون آهن، خفيه تنظيمون آهن جيڪي گيٽوز وانگر ڪم ڪن ٿيون اهي پنهنجن بند علائقن ۾ رهن ٿا ۽ اتان ڪاروبار ڪن ٿا. اهو ڪاروبار سندن جيابو ۽ معتبري جو سبب آهي ۽ پاڻ کي ملڪ جو حصيدار سمجهن ٿا. سڄل سرمت ڪهڙن جي مخدومن سان پرچوندي وارن سان جيڪي مقابلا ڪيا آهن ان جو ڪو ذڪر ئي نٿو ڪري. باقي هاڻي نئين دور جي هڪڙي سائنس اچي وئي آهي، اين جي او نهي پئي آهي. جنهن ۾ فنڊنگ ٿئي ته واهه واهه فنڊنگ نه ٿئي ته ماشاءَ الله. باقي سنڌي سماج اڄ ٻه پرامن آهي ۽ پنهنجي قديم ترين انسانيت واري مذهب ۽ روايتن سان ٻڌل آهي.

# سنڌ ۾ هن وقت غربت جي شام غريبان لڳل آهي!

شوڪت لوهار

اصل ۾ هونئن ته مون کي ترقي وغيره جي باري ۾ گهڻي خبر نه آهي جو منهنجو سڄو وقت چرس جي سوٽن ۾ گذري وڃي ٿو. بس ايترو ضرور ياد آهي ته جڏهن اسان جي ڳوٺ ۾ جهنگ وغيره کي روسي ٽريڪٽرن جي مدد سان اکاڙيو پئي ويو، تڏهن چيائون ته هاڻ اوهان جي ڳوٺ ۾ ترقي ٿيندي، وري جڏهن مون سميت ڳوٺ جا سڀ پڪا پوڙها سوين ميل پنڌ ڪري ڪري پير پٿون ڪري صفا ساٽا ٿي پيا تڏهن اسان جي ڳوٺ ۾ رات جو اوچتو ئي اوچتو مسجد ۾ اعلان ٿيو ته اڄ رات هڪ ڊسڪو نالي بس اچڻي آهي، جيڪا هن ڳوٺ کان وٺي شهر تائين هلندي ۽ ترقي ٿيندي، بس آئي بس کي اسين ائين پيا ڏسون جيئن اوڏ پنهنجي وڃايل گڏهه ملڻ ڪانپوءِ ڪيس ڏسندو آهي، ان جي ٽائرن کي هٿ لاهي ڏنوسين، ان جي بتين کي هٿ لاتوسين، صفا ڪپڙن مان پيا نڪرون، گهر ۾ پاڻي ڪونه هوندو هو، جيڪو هاڻ به نه آهي، پر تنهن وقت ۾ گهر جون وڏڙيون ۽ ڳوٺ جون ڪئين عورتون مٿي تي گهڙا کڻي ڏورانهين کان پاڻي ڀري اينديون هيون ۽ اهو هڪ تمام وڏي مشقت جو ڪم هو. وري منرل واٽر جي صورت ۾ پاڻي مليو، چيائون ته هاڻ ترقي ٿي ويئي آهي. مطلب ترقي جا گهڻا رنگ ۽ روپ آهن، گهڻا نظارا آهن، گهڻا قسم آهن، ترقي هڪ قسم جي ڪانهي ڪا، ترقي چورس به ٿئي ٿي، ترقي گول به ٿئي ٿي، ترقي مستطيل به ٿئي ٿي ۽ ترقي قطب نما به ٿئي ٿي. سنڌ ۾ ترقي تي لکڻ لاءِ سمنڊ جيڏي مس هجي ۽ سڀ وڻ، خير سنڌ ۾ ته وڻ آهن ئي ڪونه جيڪڏهن خيبر پختونخواهه مان وڻ گهرائجن تڏهن به سنڌ ۾ ٿيل ماضي جي ترقي ۽ هاڻوڪي ترقي جي تعريف نٿي ڪري سگهجي. چاڪاڻ ته سنڌ ۾ جيڪا ترقي هاڻي ٿي آهي، ان لاءِ دنيا جا وڏا تاريخدان به حيران آهن. اهي پريشان آهن ته آخر اهي سنڌ جي ترقي کي ڪيئن لکن ۽ ڪٿان لکن، ڪٿان شروعات ڪن ۽ ڪٿي ڇيهه ڪن؟ سنڌ ۾ موجوده حڪمرانن جي رات ڏينهن جي محنت سان سنڌ کي پئرس بڻايو ويو آهي ۽ هتي حيدر چوڪ تي هاڻ ايفل ٽاور ٺاهڻ جون تياريون به شروع ٿي ويون آهن، هونئن سنڌ جي ٿڌي اسيمبلي ۾ چونڊيل نمائنده جيڪي جوار جي ڪاني جهڙا سنها ٿي ويا آهن انهن پنهنجي پنهنجي تڪ ۾ هڪڙا "باب" ٺهرايا آهن جنهن جي معنيٰ آهي دروازو، هي اوهان ڪنهن وڏيري، نواب، خان، سردار زادي جي ذاتي تڪ ۾ داخل ٿيو ته سندس "باب" ۽ ان تي لڳل سندس مبارڪ تصوير اوهان جو پليڪار ڪندي نظر ايندي ۽ ان جي هيٺان انهي تڪ جي چونڊيل نمائندي جي تعريف ۾ شاهنامو لکيل هوندو ته سائين جن! هن عوام لاءِ راتين جون راتيون جاڳي ۽ ڏينهن جا ڏينهن جاڳي ڇا ڇا نه ڪيو آهي، جس هجي جڪرا جيئن شال سدا وغيره وغيره. سنڌ جي ترقي بيان ڪرڻ منهنجي وس جي ڳالهه ڪونهي ڪا، ڇو جو ان لاءِ عالمي ادارا اچي ڪا تحقيق ڪن ۽ پوءِ سنڌ کي سوئيٽزرلينڊ، فن لينڊ يا نيوزيلينڊ جي جاءِ ڏين باقي اسان توهان فقط ان جي تعريف ۾ ڪجهه اک ڪارا ڪري سگهون ٿا. سنڌ ۾ ترقي جا رڪارڊ ٽُٽي ويا آهن، سڀ رڪارڊ جيڪي نوبل، آسڪر، بوڪر ۽ ٻيا رڪارڊ جن کي فونا سڏبو آهي اهي ته اسان پاڻ پنهنجي هٿن سان ٽوڙيا آهن.

سنڌ هن وقت ترقي ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ آهي، ان جو ڪو مَٽ ثاني آهي ئي ڪونه. سنڌ ۾ ترقي جي شروعات اسان ڪراچي کان ڪريون ٿا هڪ شهر جيڪو لساني تنظيم جي پيرن ۾ فوٽ بال بڻيل رهيو آهي ۽ آئي ڏينهن اهي سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن جي زخمن تي لوڻ ٻرڪين ٿا اهو چئي ڪري ته ڪراچي کي الڳ صوبو بڻايو وڃي. جنهن جي اسان جي معتبر اسيمبلي ۾ ويٺل چونڊيل نمائندن کان اهو به ڪونه ٿو پڇي ته ڪا قرارداد پاس ڪري هن ڪٽ راڳ مان هميشه هميشه لاءِ جان ڇڏايون!

ڪراچي ۾ جيڪي روڊ رستا، وٽڪاري ٽيڙي هئي سا ته ڪونه ٿي سگهي، ماڳهين ان ۾ ٿيل گند ڪچرو هاڻي ايترو وڌي ويو آهي جو هاڻ اسان ڪراچي جي ڪچري جي ڪري پوري دنيا ۾ سڃاتا وڃون ٿا. ترقي جو هڪ اعليٰ مثال اهو آهي ته ڪراچي جا ڪئين سنڌي اسڪول بند آهن ۽ باقي بند ڪرايا وڃن پيا، ڪراچي جي ڪنهن به خانگي اسڪول ۾ سنڌي ٻوليءَ جو مضمون پڙهائڻ منع آهي، ان لاءِ ڪوبه آواز نٿو اٿاري نٿو سگهي.

ڪراچي کان حيدرآباد ايندي اسان کي هڪ غريباڻو موٽروي نهرائي ڏنو ويو آهي، جيڪو موٽروي جي توهين آهي. روڊ کي ٽورو ڳهٽو مرمت ڪري ان مٿان ٽيڪس وڌايو ويو آهي. اهو ترقي جو هڪ اعليٰ مثال آهي، روڊ تعمير ڪرڻ وقت انجنيئر ۽ رٿابندي وارن کان اهو ڇو ٿو وسري وڃي ته روڊ تي ڪٿي نه ڪٿي مسافر جي حاجت پوري ڪرڻ لاءِ ڪي بيت الخلا به هجڻ گهرجن، پر ٿي سگهي ٿو رٿا بندي وارن حاجت خانا نه ٺاهي هڪ ترقي جو نئون نمونو پيش ڪيو هجي. حيدرآباد جو حوالو اڳ ۾ هوائون هيون، پر هاڻ جعلي دوائون آهن. سنڌ جو ٻيو نمبر



# مارڪسزم: فطرت ڪان سماج تائين

پروفيسر ساجد سومرو

سيني سائنسن جي روح جي جواز جو سوال! آئون اهو چو ٿو چوان ته، ”مارڪسزم ڪان بغير ڪنهن به سائنس ڪي سمجهڻ ناممڪن آهي.“ هونئن ته انهيءَ سوال جي تفصيلي جواب لاءِ منهنجا تازا ٻه ڪتاب پڙهڻ ۽ سمجهڻ گهرجن:

1. شاهه لطيف ۽ سوشل سائنس. 2. ادب، سماجَ ۽ سائنسي فلسفي جي ارتقا، پر مختصر طور هتي موقف رکان ٿو ته:

مارڪسزم جن ٻن ٿنين تي بيٺل آهي، انهن کي سمجهڻ بغير ڪوبه علم، ڪابه سائنس سمجهڻ ممڪن ئي ناهي. پهريون پهريون ٿنيو جدلياتي ماديت Dialectical Materialism، جنهن کي سمجهڻ بغير ڪيميسٽري جو ماڻداڻ سمجهڻ ناممڪن آهي ته ڪيميسٽري آخر فزڪس جو سرچشمو ڪيئن بڻي؟ فزڪس معنيٰ سڀني موجودات جتان حياتيات جنم ورتو ۽ يقينن حياتيات فزڪس ڪان اڳ ڪيميسٽري جي ڪارستاني ئي آهي. ان طرح جدلياتي ماديت يا فطرت ۽ ڪائنات جي جدلي قانونن کي سمجهڻ بغير، اسان نه ڪيميسٽري جو فلسفو سمجهي سگهنداسين، نه فزڪس جو، نه حياتيات جو! ۽ حياتيات ڪانپوءِ جڏهن ٻولي جنم ورتي ٿي ته ٻولي وري سماج کي جنمي ٿي ۽ سماج وري ادب ۽ تاريخ کي جنمي ٿو، اتي مارڪسزم جو ٻيو ٿنيو پنهنجي مخصوص مطالعي ۽ جواز جو مرتڪب بڻجي ٿو. جو ته ٻولي جَي جنم ۽ ٻولي جي ڪري سماج جي جنم ۽ سماج جي ڪري سيني علمن، ادب ۽ آرٽ جَي جنمَ کي سمجهڻ پڻ مارڪسزم جي ٻئي ٿنيي يا ٿوٽي (تاريخي ماديت) کي سمجهڻ بغير ممڪن ئي ناهي. دراصل تاريخي ماديت Historical Materialism سماج جِي تاريخ ۽ سماج جَي فلسفي جِي به سائنسي Study جو نالو آهي! جڏهن ته جدلياتي ماديت فطرت ۽ ڪائنات جَي قانونن جِي Study جو نالو آهي. هاڻ هتي هي فڪري پهلو سمجهڻ نهايت ضروري آهي ته مارڪسزم جو پهريون ٿنيو هيٺين سيني سائنسز کي پنهنجي احاطي ۾ وٺي ٿو: ڪيميسٽري، فزڪس، باٽني، زولاجي، بائلاجي!

2. تاريخي ماديت Historical Materialism

مارڪسزم جو ٻيو ٿنيو جن سائنسن کي پنهنجي احاطي ۾ وٺي ٿو تن ۾ سواءِ ڪيميسٽري، فزڪس ۽ بائلاجي جي باقي سيئي علم اچي وڃن ٿا. جهڙوڪ: سماجيات، لسانيات، ادب، تاريخ، فلسفو، نفسيات، ميٿ، مذهب، مِٿ (Myth)، تصوف، سوشل سائنس، آرٽ فن يا جماليات، اخلاقيات، اقتصاديات، سياسيات، قانون، تهذيب، ڪلچر، ٽيڪنالوجي، مئنيجمينٽ سائنسز، ميڊيڪل سائنسز مطلب سيئي علم اچي وڃن ٿا.

اهي سڀ سائنسون مارڪسزم جي تاريخي ماديت واري پهلوءَ جي ڪم واري دائري ۾ اچي وڃن ٿيون انهن سيني سائنسن کي جڏهن انهن جو گڏيل اڀياس ڪجي ٿو تڏهن مارڪسزم جواز ٿي پوي ٿي!

1. جدلياتي ماديت فطرت ۽ ڪائنات جي مطالعي کي سمجهائي ۽ جواز عطا ڪري ٿي! جنهن دائري ۾ ابتدائي قديم مرحلي ۾ ڪيميسٽري، فزڪس ۽ بائلاجي اچي وڃن ٿا. مثال طور: ڪائنات ۾ سڀ ڪان اول صرف گئسون هيون، جن جي اشتراق سبب ڪٿي پاڻياٺ ته ڪٿي ٺوس مادا نمودار ٿيا.

2. تاريخي ماديت سيني ذڪر ڪيل سائنسن کي سمجهائي ۽ انهن جو جواز پيش ڪري ٿي! جتي ڪيميسٽري فزڪس ۽ بائلاجي جي مطالعي جو پويون يا ٻيو مرحلو سماج ۾ انسان کي ڪم اچي ٿو. مثال طور: ڪيميسٽري جي ارتقا دوائن ۽ ڪاڌ خوراڪ کي جنميو. جن جن سماجن ۽ ملڪن ۾ ڪي مخصوص ماڻهو جڏهن مارڪسزم جي روح کي سمجهي وٺن ٿا ۽ ڪلي علم حاصل ڪن ٿا تڏهن هو نه صرف سماجي سائنسدان ۽ مفڪر سڏجن ٿا، پر ڪائنات ڪان سماج ۽ تاريخ تائين واري سڄي ماڻداڻ کي به سمجهڻ جي اهل ٿين ٿا ۽ جن جن ملڪن ۽ سماجن ۾ سيني سائنسن کي الڳ الڳ پڙهي ڪي مخصوص ماڻهو يا فرد جزوي علم حاصل ڪن ٿا سي ڪڏهن به ڪائنات ۽ سماج يا تاريخ جي ماڻداڻ کي سمجهي نٿا سگهن. جو ته هو مارڪسزم جي پيروي نٿا ڪن ۽ سيني سائنسن جو گڏيل جامع ۽ مشروط (conditional) مطالعو نٿا ڪن. سو به ڪائناتي سطح تي مطالعو اصل نٿا ڪن، پر مارڪسزم جا عالم ان طرح ڪائنات ڪان سماج تائين سيني سائنسن جو ڪائناتي سطح تي گڏيل، جامع ۽ مشروط مطالعو ڪرڻ سبب حقيقي عالم ٿي پون ٿا ۽ شڪ ڪان تصديق تائين، سادگي ڪان پيچيدگيءَ تائين، هيٺائين ڪان مٿانهين تائين، شين ۽ وجودن جو سبب ۽ اثر موجب مطالعو ڪري هن سڄي ماڻداڻ کي سمجهڻ جي اهل ٿين ٿا ۽ اها سمجهڻ جي دعويٰ نه ڪا مابعدالطبيعاتي (metaphysical) آهي نه ئي وري مافوق الفطرت (supernatural) آهي بلڪ عين عقلي ۽ منطقي آهي. اهو مارڪس ئي هو جنهن جنس جي به قدر استعمال ۽ مٽ سٽ جي قدر جو فرق اسان کي سيکاريو ۽ سمجهايو ۽ انساني تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اهڙي عقلي منطقي تشريح ڪٽي آيو، اهو تاريخ جو ڪمال هو! ايترو سمجهڻ ڪپي ته جن به شين ۽ موضوعن کي مارڪسزم ڪان اڳ هرو ڀرو به Metaphysical انداز ۾ پيش ڪيو ويندو هو. انهن سيني شين، وجودن ۽ وارداتن جي عقلي ۽ تجرباتي چنڊ ڇاڻ جو منطقي سِهرو پڻ مارڪسزم کي ئي سونهين ٿو. اها مارڪسزم ئي آهي جنهن سوال سيکاريا ۽ سوالن جي اندر جواب سيکاريا. مثال طور: راڳ ڇاهي؟ ڇو وجود ۾ آيو؟ ڪيئن وجود ۾ آيو؟ انساني ڪيفيتن ۽ ذهن جي انهيءَ اعليٰ ۽ نفيس پورهئي پٺيان ڪهڙا تاريخي، نفسياتي، معاشي ۽ جاگرافيائي يا وجودي ۽ فلسفياڻا محرڪات آهن؟

انهن سيني شين تي مارڪسزم ڪانسواءِ ڪوبه فڪر فلسفو ڪابه سائنس اڄ تائين ڳالهائڻ ڪان معذور آهي. اها مارڪسزم ئي آهي جنهن جدلياتي انداز ۾ ڪائنات ڪان سماج تائين اسان کي هڪ سائنسي عقلي منطقي مطالعي جو انداز ڏنو. جنهن اسان کي سائنسي بنيادن تي زندگيءَ جي ڦيري واري نفيءَ جي نفيءَ جو قانون Negation of negation سيکاريو. جنهن اسان کي سادگي ڪان پيچيدگي جو قانون يا مقدار مان معيار جي تبديلي جو قانون سيکاريو آهي، جنهن اسان کي ارتقا وارو قانون جيڪو ڪائنات جو ازلي ۽ ابدي قانون آهي اهو سمجهايو آهي. جنهن سبب سيني سائنسن ۾ حقيقي معنيٰ ۾ روح ڦوڪجي ويو ۽ سيني سائنسن کي هڪ بامعنيٰ جواز ميسر ٿي ويو! اها مارڪسزم ئي آهي جيڪا قومي تضاد قومي سوال ۽ طبقاتي تضاد تي به پوري انساني تاريخ ۾ پهريون ڀيرو کلي ڳالهائي ٿي ۽ اسان کي سمجهائي ٿي ته انسانيت جي شهر جو دروازو فقط قومپرستي ئي آهي ۽ بني نوع انسان جي تاريخي تڪميل پهرين قومي ۽ بعد ۾ طبقاتي تضاد کي حل ڪرڻ بنا ممڪن ئي ناهي. بقول هيگل:



“Freedom as Nothing it self Without The Proclaim of being-ness”

ماهوار مئگزين همسري حيدرآباد
Regd. No: 3160

# نائلا رند کان نمرتا ڪماري تائين

حفيظ چانڊيو

لاڙڪاڻي جي آصفه ڊينٽل ڪاليج جي هاسٽل نمبر 3 جي ڪمري نمبر 47 مان مليل ڊاڪٽر نمرتا جو لاش ۽ سندس موت جو ڪارڻ اڃان ڳجهارت بڻيل آهي، سندس موت خودڪشي آهي يا قتل، رپورٽ اچڻ تائين ڪجهه چئي نٿو سگهجي. ٻنهي صورتن ۾ سندس موت جي ذميوارن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آڻي ذميوارن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي، پر جنهن سماج ۾ اسان رهون ٿا اتي انصاف جي حاصلات ٻبرن کان ٻير گهرڻ برابر آهي. نمرتا کان اڳ سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردياڻي نائلا رند به اهڙيءَ ريت ماري وئي، جنهن جو اڄ تائين ڪوبه داد نه فرياد ٿيو آهي. سڌريل سماجن ۾ اهڙا حادثا نه هجڻ برابر ٿيندا آهن، پر جنهن نيم ٻوتارڪي سماج ۾ اسين رهون ٿا، اتي عورتن جي عزتن جا جنازا سرِ عام نڪرندي ڏسندي ٻڙڪ به ناهيون ڪڇي سگهندا. اهڙن هاڃن تي سواءِ سوشل ميڊيا تي واويلا ڪرڻ جي ٻيو ڪجهه ڪرڻ کان بنهه قاصر آهيون. اهڙن واقعن تي مجموعي طور اسين سڀ جا سڀ جهڙوڪ پنهنجا چپ ئي سبائي ڇڏيندا آهيون، پنهنجي اهڙي مجرماڻي خاموشي ٻين واقعن جي برپا ٿيڻ کي هٿي ڏياريندي آهي. ٿيڻ ته ائين گهرجي ته جڏهن به نمرتا ڪماري جهڙين سورمين جا المناڪ حادثا رونما ٿين ته پوري قوم جو اهڙو ته ڀرپور ردِ عمل اچڻ گهرجي جو هتان جي رياست اهڙين ٻين ڪوڙ شاگردياڻين کي تحفظ ڏيڻ تي مجبور ٿي پوي، پر هتي ائين ناهي ٿيندو. اسان جي خاموشيءَ مان اهڙين ڪوڙ سارين نمرتائن تي منفي اثر پوندا آهن، سندن خود اعتمادي ۽ خود داريت کي ڪاپاري ڌڪ لڳندو آهي، اهڙو ڪاپاري ڌڪ ڪين روحاني طور زخمي ڪري سندن ڦٽن تي مرهم بدران لوڻ جي ٻرڪي جو ڪم ڏيندو آهي. هيءَ اها سنڌ آهي جتي هر روز الائي ڪيترين نمرتائن جي خواهشن کي مذهبي متيبد ۽ عيسيٰ جيئن صليبن تي چاڙهيو ويندو آهي، سندن اجرن خوابن جو قتل ڪيو ويندو آهي.

### مون جيڏيون مليرم چونڊن موڪ مِهام،
### پٽي ساڻ پتار، پاڙ پيرون چونڊيان.

اسان جي سماج جي ٻيهڪ ڪجهه اهڙي آهي جو اسان ڪيئي الميا پنهنجي اندر ۾ ڪٽي گهمون ٿا جنهن جو سبب وري اسان جو رياستي نظام آهي، جنهن ۾ قانون ڪوريئڙي جي ڄار جيان آهي جنهن جو ڪاڄ هميشه مڌل لوئر ڪلاس ئي رهيو آهي، باقي اپر ڪلاس ۾ ان قسم جي معاملن جو ته سوچڻ ئي گناهه ڪبيره سمجهيو ويندو آهي. ڪنهن به انسان جي زندگي کان مٿي ڪنهن تنظيم وٽ جيڪڏهن ووٽ جي اهميت

آهي ته اها تنظيم ئي نه آهي بلڪه هڪ اهڙو ٽولو جيڪو تبديلي جي نالي تي تباهي جو واپاري آهي. يقين ڄاڻو ته آصفه ڊينٽل ڪاليج هجي يا سنڌ يونيورسٽي هجي اتي ٿيندڙ ڪنهن به سنگين مسئلي تي ڪير به ڪنهن کي بچائي نه سگهندو. باخبر ذريعن مطابق آصفا ڊينٽل ڪاليج جي هاسٽل نمبر 3 مان هڪ ديوان شاگردياڻيءَ جو لاش هٿ آيو آهي، جنهن جي ڳچيءَ تي تشدد جا نشان آهن، سچ ته سندس لاش سامهون اچڻ ڪيترن ئي سوالن کي جنمي ٿو. افواهه اهي به آهن ته نمرتا ڪماريءَ خودڪشي ڪئي آهي، سچ اهو آهي ته لاڙڪاڻي جهڙي شهر ۾ نمرتا جي لاش تي سنڌ جي ساڃاهه وندن جو هڪ ڀرپور احتجاج رڪارڊ ٿيڻ گهرجي، جنهن ۾ مقتولا نياڻي جي خون ۾ ملوث انهن لڪل عنصرن کي منطقي انجام تائين پهچائڻ گهرجي، پوءِ اهي ڀلي ڪير به هجن. جيئن ئي اها خبر ٽي. وي تي بريڪ ٿي ته "آصفه ڊينٽل ڪاليج جي هاسٽل نمبر 3 مان هڪ ميڊيڪل جي شاگردياڻيءَ جو لاش هٿ آيو آهي" ته ذهن تي زلزلي جيان لوڏا آيا، ضمير جهنجوڙيو، اندر مان وڏيون رڙيون نڪتيون، نمرتا جنهن سان پنهنجو تعلق هڪ سنڌيت وارو هو، سندس ڪمهلي وڇوڙي ذهن ۾ طرحين طرحين سوالن کي جنمي مون کي سوچڻ تي مجبور ٿي ڪيو. ٿوري دير ۾ سوشل ميڊيا توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا تي سندس تعلق گهوٽڪي ضلعي جي ميرپورماٿيلي سان ٻڌايو ويو. سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڪالهه گهوٽڪيءَ ۾ پروفيسر نوتن سان ناحق ڪيو ويو، هڪ ڪوڙي بهتان سندس جيون کي بي رنگ ڪري ڇڏيو، باخبر ذريعن مطابق ان مذهبي ڇڪتاڻ ۾ هڪ پيد مذهبي ماڻهو ملوث آهي، جنهن کي هڪ مخصوص هدف مليل آهي ته هو ديوان ڪميونٽي جي نوجوان نارين کي اغوا ڪرائي مذهب مٽرائي مسلمان ڪرائي، پنهنجي آقائن جي پليت سازش کي مڪمل ڪري سندن ٻانهن ٻيلي ٿئي، لاڙڪاڻي جي آصفه ڊينٽل ڪاليج ۾ ڊاڪٽر نمرتا ڪماريءَ جو تعلق به ان معاملي تان ڏيان هٽائڻ جي هڪ ڪڙي ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن قانون ۽ آئين جي بالادستيءَ جو قيام هجي ته هوند اهڙا ڪلور ئي نه ٿين. ڊاڪٽر نمرتا ڪماري ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ بي گناهه قتل ڪيل نائلا رند جي قتل ۾ ڪافي حد تائين هڪجهڙائي ٿي ڏسجي. شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر انيلا عطاءُ الرحمان سومرو به يقينن اهڙي ناحق واري خون کان باخبر



ضرور هوندي. آصف ڊينٽل ڪاليج ۾ آخري سال ۾ پڙهندڙ ڊاڪٽر نمرتا ڪماري جي المناڪ حادثي کي خودڪشي واري انداز ۾ پيش ڪرڻ مان ئي سنڌ جي ساڃاهه وندن کي سمجهڻ گهرجي ته هي خودڪشي وارو ڊرامو سراسر بي بنياد ۽ ان نياڻيءَ پنيان سندس ڪيس کي لوڙهڻ جي سازش کان علاوه ٻيو ڪجهه به نه آهي، جي اهڙي ڳالهه آهي ته آئون شهيد بينظير يونيورسٽيءَ جي انتظاميه کان هڪڙو سوال ضرور پڇڻ چاهيندس ته هن مهل تائين ڊاڪٽر نمرتا ڪماريءَ جي خودڪشيءَ جا سبب هو ميڊيا آڏو ڇو پيش ناهن ڪري سگهيا!! نمرتا جي موت جي حادثي کان ٻه ڏينهن اڳ ميڊيڪل جي ٽيسٽ تي گذري، جنهن جي انٽري ٽيسٽ ۾ هزارين نوجوان ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون بطور اميدوار شامل ٿيا، جيڪڏهن شهيد بينظير ميڊيڪل يونيورسٽي ايتري ئي خراب آهي ته پوءِ اميدوارن جو ايترو انگ هڪ سواليه نشان ضرور آهي؟ سماج مختلف المين سان ڀريل هجي اتي اڪيلي شهيد بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي کي ڪُلي طور خراب چئجي ته اهو درست نه ٿيندو. مقتولا شاگرديائي ڊاڪٽر نمرتا ڪماري لطيف سائينءَ جي رسالي ۾ موجود سورمين جيئن هڪ پاڪ ۽ پوتر سورمي هئي، جنهن پنهنجي گهر، مارن سان موهه ۾ مرڻ کي ترجيح ڏني، پر مارن کي ڪڏهن به نه لڄايو. ڊاڪٽر نمرتا ڪماري جي نيڻن ۾ اداس سنڌ جي تصوير هئڻ باوجود جيڪا مرڪ هئي، سا ان خوشحال سنڌ جي ڪري هئي، جنهن لاءِ هن رات ۽ ڏينهن محنت ڪري ڊاڪٽر ٿيڻ ٿي چاهيو. هن ته شاهه سائين کي هينئين سان هنڊائي، شاهه جي سورمي ٿيڻ ٿي چاهيو، ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته هوءَ ان ساڳي جبر جي ور چاڙهي ويندي، جنهن خلاف هن هڪ عورت هوندي داعيءَ جو ڪردار بخوبي نڀايو. هوءَ جنهن کي ڪاليج جون هڪ جيڏيون مارئيءَ جو عڪس سمجهي، ساڻس چرچا ڪنديون هيون، اڄ سندس ان مرڪ کي مات ڏيندڙ ڏريون يقينن پريشان حال هئڻ سان گڏ سندس ان لازوال مرڪ آڏو شرمنده ٿينديون هونديون. ڇو جو هوءَ ته مارئي جي پوترتا تي ناز ڪندڙ هڪ نج سنڌ ڄائي هئي، جنهن وٽ مرشد کان مٽي مٽيءَ جو مانُ هو، هن لاءِ ته عزت ۽ آبرو ئي سڀ ڪجهه هو، سندس المناڪ موت سنڌي سماج لاءِ هڪ وڏو ڌڪو آهي. سنڌ جي مرداڻي سماج ۾ عورت مردن هٿان هونئن ته الائي ڪهڙي ڪهڙي بيواجبين ۽ ناانصافين جو شڪار ٿيندي پئي آئي آهي، پر اها سندس بهادري جو بيمثال نمونو ۽ اعليٰ قدرن جي نشاني آهي ته هُن ڪڏهن به پاڻ تي ٿيندڙ جبر تي ٻاهيو ناهي نه ئي پنهنجن ورن کي بدنامين جي ور چاڙهيو آهي. اهڙي سموري صورتحال ۾ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته نيٺ سنڌ جي سمورين يونيورسٽين اندر علم پرائيندڙ شاگرديائين سان اهڙا ڪلور ڇو ۽ ڇا جي لاءِ ڪيا ٿا وڃن. سنڌ جي اهڙين شاندار شاگرديائين کي خودڪشيءَ لاءِ ڇو ٿو مجبور ڪيو وڃي!! ڪٿي ائين ته ناهي انهن سمورين شاگرديائين کي قتل ڪري خودڪشين جا رنگ ڏيئي، ڪيسن کي ڳجهارت بڻايو ٿو وڃي. آئون قسم سان اها ڳالهه ضرور لکڻ چاهيندس ته ڊاڪٽر نمرتا ڪماريءَ جهڙين پاڪ پوتر نياڻين جي بيگناهه قتل تي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جا سيئي سر سوڳ ۾ ڪارو لباس اوڍي ماتم ڪري رهيا هوندا.

اڇي ڪپڙي ۾ اوڍيل ڊاڪٽر نمرتا ڪماريءَ جو سرد لاش کٽولي تي سندس مٽ ۽ عزيز جڏهن اگني سنسڪار لاءِ کڻڻ وقت وڏا وڏا پار ڪڍي روئيندا هوندا، پل ڪٽي سندن پارن جو پڙلاءُ وقت جي حاڪمن جي ڪنن تي نه به پوي، پر يقينن سندن پار آسمان سان ڳالهيون ڪري ان حقيقي مالڪ وٽ دانهن ڏيندا ته اقليت جي آڙ ۾ ڌرتي ڌڻين سان ڪيڏا ڪيس ٿي رهيا آهن؟ اڄ هوءَ ابدي ننڊ سمهي چُڪي آهي، پڙهائي دوران هن ڪيترين ئي راتيون اوجاڳا ڪيا هوندا، منزل جي آرزوءَ ۾ هن ڪيڏي نه محنت ڪئي هوندي، افسوس اڄ سندس هڙئي تڪليفون سندس والدين کي ٻنهه بيڪار ڀاسجي رهيون هونديون. اڄ سندس ماءُ کي پنهنجي ان لاڏلي ڌيءَ جون اهي ڳالهيون ياد اچي ڏنگي رهيون هونديون ته سندس ڌيءَ امتحانن ۾ اول اچڻ ڪري ننڊ جو پورائو ڪري نه سگهي. اڄ سندس اها ماءُ پنهنجي ڌيءَ کي گهري ننڊ مان اٿارڻ کان قاصر آهي.

هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته مقتولا شاگرديائيءَ جا وارث، مٽ مائٽ، سهيليون ۽ سنڌ جو شعور هن معاملي تي ڪيئن ٿا سوچي!!! حقيقت ۾ آصف ڊينٽل ڪاليج انتظاميه پاڻ کي پل ڪٽي بي ڏوهه ۽ قصوروار نه به سمجهي، پر سندس لاپرواهي ۽ بي ڌياني ڪيس قصوروار ۽ ڏوهي ثابت ڪري ٿي! ڇاڪاڻ ته ادارن اندر ايندڙ ۽ ويندڙ شاگرد يا شاگرديائين يا عام ماڻهن تي سيڪيورٽي ادارن جي ڪرڙي اک رکڻ سندن ذميداري ۾ شامل آهي. مان مسيح ته نه آهيان جو شهيد ٿي ويل ان ڀيڻ کي ٻيهر زنده ڪرڻ تي ڪا قوت رکندو هجان يا وري جبريل عليه السلام جهڙا کنڀ به ناهن، پر مون وٽ احساسن جو اهڙو هڪ سمنڊ آهي جنهن کي پني تي پلٽي اوهان پڙهندڙن جي آڏو رکي سگهان ٿو. سنڌ ڄائي ڊاڪٽر نمرتا جي اوچتي وڇوڙي تي پنهنجن احساسن جي ونڊ اوهان سان ڪرڻ جي سگهه رکندي سندس بي ڏوهه ۽ پوتر ڪردار تي لکي سندس ويرين جي اکين ۾ مرچ وجهان جيڪي سماج جا داغدار ڪردار آهن، پر هاڻي ڏسجي ته قانون جا رکوالا انهن داغدار ڪردارن کي هن ڪيس ۾ ملوث قرار ڏين ٿا يا وري ساڳيو ئي راڳ آلاپيو ويندو ته نمرتا کي گهرو مسئلن پريشان ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ هن خودڪشي ڪئي آهي. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته قانون جا ماهر ۽ رکوالا نيٺ هن هيڏي دک دائڪ سانحي کي ڪهڙي طرف ٿا وٺي وڃن!!! ڏسجي ته قانوني رکوالا بي ڏوهه حوا جي ڌيءَ سان ٿا بيهن يا مايا جي موهه ۾ پلجي ڪيس کي ٻيو رخ ڏيئي ٿا ڇڏين!! يا سنڌ جي عظمت جي علامت بڻيل سنڌ جي هن ڄائي کي مارئي جيئن پاڪ ۽ پوتر ڪردار طور ڪيس بيقصور ٿا ڄاڻائين ۽ سندس وڪالت ڪندي سندس قتل ۾ ملوث ماڻهن کي ڦاهيءَ جي ڦندي تائين ٿا پهچائين، ڪين منطقي انجام تي پهچائڻ ان لاءِ به لازمي آهي ته جيئن سنڌ جي ڪنهن به تعليمي اداري اندر ٻيهر ڪٿي اهڙو واقعو رونما نه ٿئي.

**جي لوڻُ لڱن لائيين، ڇيري ڇيري چمُ،**
**مون ڪر اڳي نهِ ڪيوم، اهڙو ڪوجهو ڪمُ،**
**جان جان دعوي دمُ، تان تان پرت پنهوارن جي.**

ڪهاڻي

# انسانيت جو علمبردار

اصغر علي جمالي

جڏهن کان وٺي رٽائرڊ ٿيو آهيان تڏهن کان واندڪائي واندڪائي آهي. آفيس ۾ رهي ڪري گهٽيون ئي حرام خوريون ڪيونسين. چو ته ٽپيداري جي ڪم ۾ آهن ئي ٻه نمبر ڪم ڪنهن جا کاتا ڪنهن ٻئي جي کاتي ڪرڻا هجن، نقلي کاتا ناهڻا هجن، ڪوڙيون رسيدون ڪٽيون هجن مقصد ته ڪمائي ٻه ته ٻه نمبر ئي ڪمن ۾ هوندي آهي، سو اسان به رڳو پنهنجو پيٽ نه ڀريندا هئاسين، پر اسان کي وڏ مان وڏ مختيارڪار جو ئي خيال ڪرڻو پوندو آهي. مون پنجٽيهه سال نوڪري ڪئي مگر ان وچ ۾ جيڪو به مختيارڪار اسان وٽ بدلي ٿي ايندا هئا مون سان بلڪل ئي سيٽ اپ ۾ ئي هوندا هئا، مون سان سيٽ ڪيئن نه هوندا چو ته مان آفيس ورڪ ۾ ايڪٽوَ هوندو هئس اهڙو ٻيو ڪو نه هو، باقاعده مختيارڪارن کي مون مال چٽرايا لفافن مٿان هنن کي لفافا ملندا هئا. تڏهن ته هر مختيارڪار منهنجو ئي چوڻ مڃيندو هو. هر ڪم ۾ لڳ ڀڳ مون کان ئي صلاح وٺندا هئا. منهنجو اهو به رڪارڊ آهي ته پنجٽيهن سالن ۾ ٽيهه سال رڳو آئون هڪ ئي ديهه چرٽاٽ تپو جاداڻي جو ئي ٽپيدار رهيس، مگر مال به پوري ضلعي کان ان ئي ديهه ۾ جام ملندو هو. چو ته ان ديهه چرٽاٽ ۾ جيڪي وڏا زميندار هوندا هئا مون ڪڏهن به انهن سان نه ڦٽايو. جيڪا ڍل ڏيندا هئا بسم الله پڙهي رکي ڇڏيندو هئس، پر ننڍن ننڍن زميندارن تي ته اک ئي نه ٻڏندي هئي انهن کي اهڙو ته بوتل ۾ لاهي وٺندو هئس جو انهن کي خبر ئي نه هوندي هئي. جيئن ڪچي ۽ درياهه جي پسگردائي علائقي جي زمينن جو آبيانو ڍل سڀ معاف هوندي آهي، سورهن ايڪڙن وارن کان گهٽ زميندار کان به ڍل يا آبيانو ناهي وٺڻو، مگر اسان نه ڏسندا هئاسين گرمي نه سردي انهن کان به ڇڪي پئسا وٺندو هئس. مان ته ٻن ايڪڙن وارن کان به ڍل وصول ڪندو هئس، جيڪو ٿورو نمونو ڪندو هو ته پوليس جي گاڏي ڪاهي وڃي ان جي در تي بيهي رهندو هئس ته ڍل ڏي يا جيل جي هوا ڪائو، سڀ شريف ماڻهو عزتدار هوندا هئا، سو پوليس جي سامهون ڪجي ڪين نه سگهندا هئا جلدي جلدي پئسا ڏيئي ڇڏيندا هئا هڪوڻ جي ٻيڻ ڍل وصول ڪري ويندو هئس، مان آبيانا ٻابيانا ڍل ٻل لڳائي مڙئي پئسا ڪڍي ويندو هئس مان هاڻ جڏهن کان رٽائرڊ ٿيو آهيان اهي ڳالهيون ياد ڪري ڏاڍو روئيندو آهيان مون ڪيڏا نه ڪلور ڪيا آهن منهنجي زندگي جو هي پهريون رمضان شريف گذريو آهي، جنهن جا سڀ روزا به رکيا اٿم تراويحون به پوري مهيني جون هن سال ئي پوريون پڙهيون اٿم، سنت ڏاڙهي مبارڪ به ڇڏي اٿم، الله پاڪ جا لک احسان جو دير ئي سهي مگر وري به پنهنجي در تي جهڪڻ جي توفيق ڏني اٿس. ادبي ۽ سماجي جلسن ۽ گڏجاڻين ۾ به وڏي شوق سان ويندو آهيان، اسلامي ڪتابن جو مطالعو به ڪندو رهندو آهيان، ڇهن مهينن جي اندر ٽي ته قرآن پاڪ جا تفسير ورتا اٿم، اهي به پڙهندو رهندو آهيان شام جو روزانو ڏتل ۽ مان ٻه ڪلاڪ ڪن هوٽل تي ويهندا به آهيون. ڏتل منهنجو ننڍپڻ جو يار آهي، پر ويچاري جي پوري حياتي ڏکن ۽ سورن ۾ گذري آهي. هن جي گهر واري هميشه بيمار ئي بيمار رهندي آهي، هڪڙو پٽ جو اولاد اٿس جيڪو ڪجهه منهنجي مدد ڪجهه پنهنجي همت سان هن سال سول انجنيئرنگ جي ڊگري ڪڍي آيو آهي ويچارو ڏينهن رات نوڪري جي ڳولا ۾ هوندو آهي، مون کي رب پاڪ ۾ پڪي اميد آهي ته ڪٿي نه ڪٿي هن کي نوڪري ملي ويندي چو ته هن جا ارادا ڏاڍا پختا هوندا آهن هو ڪڏهن به مايوسي جون ڳالهيون ته ڇا پر وڏو بردبار ماڻهو آهي. مان سوچيندو آهيان ته اسان جي قوم جا سڀ نوجوان هن وانگر پُر عزم هجن ته اسان جي قوم گهڻو اڳتي نڪري وڃي سگهي ٿي. اڄ منهنجي ۽ ڏتل جو هڪ سماجي تنظيم جي طرفان ڪنهن سماجي اڳواڻ جو استقباليه پروگرام رکيو ويو هو. ان سماجي اڳواڻ جي باري ۾ ٻڌايو ويو هو ته هو پهريان اسان جي شهر ۾ رهندو هو، هاڻ ڪراچي ۾ پنهنجو لوهه جو ڪاروبار ٿو ڪري ان ۾ اسان کي به دعوت هئي، سو مان به ڏتل جو انتظار ڪري رهيو هئس تان جو ڏتل آيو اسان ٻئي ان پروگرام ۾ پهتاسين مگر سماجي اڳواڻ، سماجي ورڪر سڀ جا سڀ پهچي ويا هئا اسان کي شايد دير ٿي وئي آهي ڏتل چيو، ”سهي ٽائيم تي پهتا آهيون.“ مون چيو، ”پروگرام وڏي زور و شور سان هلي پيو.“ اسٽيج تي وينلن پئي خطاب ڪيو جنهن به پئي ڳالهايو سو سيٺ مجيد ماڏائي جي واکاڻ ڪندي نه پئي ماپيو، سيٺ مجيد ماڏائي وڏو همدرد وڏو انسان پرست ماڻهو آهي جنهن کي رب راضي ڪرڻو آهي، اهو انسان ذات جي خدمت ڪري سماجي ڪم ڪندڙ مجيد ماڏائي جنهن جي دل ۾ هميشه احساس ئي هوندو آهي، هن هميشه مفلسن، غريبن ۽ مسڪينن لاءِ ئي پنهنجي زندگيءَ وقف ڪري ڇڏي آهي. هيءَ عظيم شخصيت انسان پرست دوست آهي، من تن سچي نيڪ نيتي سان ئي بي

سهارن بي پهچن جي ئي مدد ڪندو رهندو آهي، جنهن جنهن کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو ٿي ويو تنهن جي چپن ۽ زبان تي رڳو سيٺ مجيد ماڏائي جون ئي تعريفون هيون. هي انسانيت پرست، انسانيت جو علمبردار ۽ عظيم انسان آهي. هن جهڙا ماڻهو صدين پڄاڻان پوءِ پيدا ٿيندا آهن. منهنجي پنهنجي دل سٽون ڪائڻ لڳي اهڙي عظيم انسان سان هڪ محبت جو ڳانڍاپو ڪجي چو نہ ان انسان سان دعا سلام ڪجي مون بہ دل ۾ پڪو پهہ ڪيو تہ هن سان اڄ هٿ ضرور ملائي هن جي چانهہ پارٽي مان پاڻ وٺ رڪندس. اسٽيج تي بہ گهڻا ماڻهو ويٺل هئا ڪجهہ ائين پيا محسوس ٿين جڻ ڏٺل هجن، پر انهن جي نالن ۽ ذاتين جي خبر نہ هئي، پر خير پروگرام هلندو رهيو تان جو سيڙپ ڪندڙ ان خاص محفل جي مور جناب مجيد ماڏائي کي گهرايو، جڏهن منهنجي سيٺ مجيد ماڏائي تي نظر پئي تہ مون جي حيرت جي ڪا حد نہ رهي، اڙي ڏٺل مون کان رڙ نڪري وئي، ڇا ٿيو ڏٺل مون کي جڻ هوش ڏياريندي چيو چو تہ منهنجي صفا حالت اهڙي ٿي وئي، هي مجيد ماڏائي هو، ساڳيو ماڻهو آهي جيڪو ڏهہ سال اڳ منهنجي آفيس ۾ آيو هو، زمين جا ڪاتا تبديل ڪرائڻ، هن پنهنجي ڀاءُ کي زهر ڏئي ماريو هو ان جي زمين پنهنجي ڪاتي تي مون کان ڪرائڻ جو زور ڀريو هو، مگر مون کي انهن ڏينهن ۾ الائي ڇا ٿي ويو هو جو مون هن کي ڪتو جواب ڏئي واپس ڪري ڇڏيو هو. وري ڪجهہ ڏينهنن ڪانپوءِ مان پنهنجي آفيس ۾ وينو هئس تہ پٽيوالو ناصر آيو هو چيائين سر اوهان کي صاحب ٿو سڏي مان جڏهن صاحب جي آفيس ۾ داخل ٿيس تہ هي صاحب سان گڏ وينو هو "جي سر" "رجب ماڏائي جي پنجاهہ ايڪڙ زمين ڪهڙي ديهہ ۾ آهي؟" صاحب پڇيو، "سر اها ديهہ چرٽاٽ ۾ آهي منهنجي ديهہ ۾ آهي." مون صاحب کي وراڻيو، "رجب ماڏائي تہ هي جهان ڇڏي ويو آهي هي مجيد ماڏائي ان جو ڀاءُ آهي هاڻ ان جو وارث هي آهي سو هاڻ ڪاتا سيٺ ڪري سڀ زمين مجيد ماڏائي جي نالي ڪرڻي آهي." صاحب جا هي لفظ ٻڌي منهنجي اندر ۾ صفا باهہ لڳي وئي هئي. مون بہ جذباتي ٿيندي چيو، "سر هن جي ڳوٺ وارا ٿا چون رجب ماڏائي کي هن زهر ڏيئي ماريو آهي ۽ رجب جا پنهنجا ٻہ يتيم ٻارڙا بہ آهن ان جي بيواهہ گهر واري بہ آهي سر مون کان هي ڪم نہ ٿيندو."



منهنجو جواب ٻڌي مختيارڪار ٿورو خاموش ٿي ويو هو پوءِ مون کي پيار مان سمجهائيندي چيو هئائين، "جهانگير ايترو جذباتي نہ ٿي ٿورو سمجهہ ڪان ڪم وٺ هي پاڻ پنهنجي ڀائيٽن جو ڀلو ڪندو هي انهن جو پنهنجو گهرو مسئلو آهي ان ۾ اسان جو ڪجهہ بہ نہ وڃي ٿورو هيڏانهن ڏس." صاحب چيو هو، مون جو ڏنو هو تہ صاحب جي هٿ ۾ هڪ لفافو هو پوءِ مون کي چيائين هاڻ وڃ ۽ ٻن ڏينهن جي اندر ڪاتا ڳولهہ ۽ سيٺ ڪري ڏي، ائين هي پنهنجي ڀائيٽن جو حق ڪائي ويو هو اڄ اهو ماڻهو وڏو سماجي تنظيمن جو اڳواڻ ٿي ويو آهي. مجيد ماڏائي ڇا ڇا ڳالهايو هو مون کي تہ سمجهہ ۾ ئي نہ آيو هو، بس ايترو ئي سمجهي سگهيو هئس، "مان پنهنجي طرفان ٿي ايمبولينسون ڏيان ٿو ڇو تہ انسانيت وڏي مان وارو مذهب آهي انسانيت جي خدمت آئون پنهنجي مٿان فرض ٿو سمجهان." پوءِ تاڙين جا ٺهڪا ٿي ويا هئا، ائين جلسو ختم ٿي ويو. هو انسانيت جو علمبردار پرادو گاڏي تي چڙهي محافظن سان هليو ويو هو، مان جيئن ڪرسيءَ تي وينو هئس تيئن ئي وينو هئس بہ ٽي دفعا ڏٺل چيو، "ادا هلون ادا هلون" مگر منهنجي جسم مان پوري ست ختم ٿي چڪي هئي ۽ پنهنجي جسم جو وزن پاڻ مٿان بار ٿي سمجهيم اها پڪ ٿي وئي هئي تہ منهنجي جسم جو وزن ٽنگون نہ جهلي سگهنديون سو ويهڻ ئي بهتر سمجهو هئم. مون ڏٺل کي چيو "ٿورو ترس پوءِ هلون ٿا"، ائين ڏهہ منٽ ڪن مان ويهي رهس، پنهنجا ٿڪل قدم بي ساهو جسم پنهنجي مٿان بار ٿي پيو هو. ارڙهن سالن جي نوجوان تي نظر پئي جيڪو ڪرسيون گڏهہ گاڏي تي لڳائي رهيو هو. پڇيومانس، "بابا ڪير آهين؟" "سائين ماڏائي آهيان." "مجيد ماڏائي مائٽ اٿئي مون پڇيومانس؟" آهستي ڪجهہ چپن ۾ چيائين جيڪو مان سمجهي نہ سگهيس، پوءِ چيائين، "سائين مجيد ماڏائي منهنجو چاچو آهي."

"ڇا تون رجب ماڏائي جو پٽ آهين؟" "جي ها سائين"، ننڍڙي جيئن ٻڌايو تہ منهنجي دماغ کي چڪر اچي ويو زمين چوڌول جيان ڦرندي محسوس ٿي هئي، آسمان ڦاٽندي محسوس ٿيو هو ۽ مان پاڻ کي نہ سنڀالي سگهيس تان جو ڏٺل تڪڙ ۾ ڀاڪر اچي وڌو هو ۽ جڏهن اک کلي تہ اسپتال جي بيڊ تي هئس هڪ پاسي ڏٺل بيٺو هو تہ ٻئي پاسي اهو ننڍڙو.

ماهوار منگرين همسري حيدرآباد Regd. No: 3160

### ڪهاڻي

# جيجل ماءُ

ڊاڪٽر پائي خان "هالار" سولنگي

اهي ٻه ڏينهن هوندا هئا جو مومل پنهنجي امڙ صفوران جي جهولي ۾ گلاب جي گل وانگر ٽڙندي، ٻهڪندي رهندي هئي، پنهنجي منڙي پيءُ جانب جي سيني تي ليٽي روح رچنديون راندڙيون ڪندي هئي. اجان رات گهگهه انڌيرو هوندي هئي، پکي پنهنجي آکيرن ۾ چون چون ئي نہ ڪندا هئا تہ جانب، صفوران ۽ مومل رب سائينءَ جي عبادت ۾ مشغول هوندا هئا. ننڍڙي مومل پنهنجي پيءُ جانب ۽ جيجل امڙ صفوران جي وچ ۾ ويٺي رب جو ذڪر ڪندي هئي.

سندس سدا سڀاجهڙو من موهيندڙ آواز، تتڙي هير ۾ پري پري تائين جتي بہ پهچندو هو، اتي تن من جهومائي ڇڏيندو هو. جانب ۽ صفوران دعا گهرندي چوندا هئا: اي اسان جا پالڻهار تنهنجي ئي ٻاجهه سان هن گهر جو باغيچو هڪ ئي مکڙيءَ سان آباد لڳو پيو آهي. مومل جيئن ئي وڏي ٿي تہ پنهنجي جيجل ماءُ جي ڏکن سکن جي حال ڀاڻي بڻجي وئي. رب سائين مومل جي چهري تي نهٺائيءَ، نماڻائيءَ ۽ حياءَ جا ڀاوَ ايڏا تہ سمايا هئا جو جڏهن پنهنجي جيجل ماءُ سان گڏجي کوهہ تي دِلا ڀرڻ ويندي هئي تہ سفيد ڪپڙي جي چادر سان سڄو پنهنجو منهن ڍڪي، پنهنجون اکيون نماڻائپ وچان هيٺ جهڪائي هلڻ لڳندي هئي. مومل جي سلڇڻائپ ۽ سڀاجهڙائپ ڏسي هرڪو ماڻهو سندس ساراهہ ڪان ڊاپندو نہ هو.

خوشين ڀريو وقت سمنڊ جي تيز لهرن جيان گذرندو رهيو، مومل مٿان ڏکڙن جا ڏينهڙا بہ ويجهڙا ٿيندا ٿي ويا. ويچارڙيءَ صفوران کي اوچتو دل جي تڪليف ٿي پئي، جنهن سبب هوءَ مومل جي خوشين ڀرين اميدن کي توڙ تائين پهچائي ڪين سگهي، سيئي حسرتون دل ۾ سانڍيو بس ڇڻ خواب جيان مومل کان هميشہ لاءِ وڇڙي پنهنجي حقيقي مالڪ کي پرچي وئي. مومل ويچاري ڏينهن هجي توڙي رات پنهنجي اويل ماءُ جي ڏک ۾ ويٺي نيڻن نير وهائيندي هئي، روئي روئي هڪ عجوبو بڻجي وئي هئي. اجان ڪانئس جيجل ماءُ جي جدائي جو ڏک لٿو ئي ڪونہ هو تہ مٿس پيءُ جهڙي عظيم هستي ڏمرجي پئي. جانب اهو پکو پهہ ڪري ڇڏيو هو تہ ڪيس پٽ جو اولاد نہ آهي جنهنڪري هو مومل کي پنهنجي عيوض ڏئي شادي ضرور ڪندو. ڪجهہ ڏينهن بعد جانب پنهنجي ونيءَ جي ڳولا ۾ مصروف ٿي ويو ايترو تہ انڌو ٿي ويو جو لالو جوئاري ڪان سندس ڀيڻ پنهنجي لاءِ وٺڻ ۽ پنهنجي ڌيءَ مومل لالو جوئاري کي ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ڪيترن ئي سڄڻن ماڻهن ڪيس سمجهايو تہ تون هڪ استاد آهين پنهنجي شان ڏي ڏس وري پنهنجي سدا ملوڪڙيءَ ڌيءَ ڏي ڏس. جيڪڏهن توکي پنهنجي مائٽن مان پاڻ لاءِ رشتو نٿو ملي سگهي تہ تون ڪنهن ٻئي عزت ڀريئي گهر مان زمين جو معاوضو ڏيئي شادي ڪري سگهين ٿو. باقي جي لاءِ ڌارين ۾ پنهنجي هڪ گلاب جي گل جهڙي ڌيءَ ڏئي، نياڻيءَ جي رت جو ويري بڻجي رهيو آهين جتي نہ سندس مٽ نہ مائٽ، هتي تہ سندس چاچا، ماما ۽ وارث وينا اٿس آخر ڪونج ڇني وڳر ڪان ڌار ڇو پيو ڪرين، شفيق پيءُ تي فرض آهي تہ هو نياڻيءَ لاءِ عزت ڀريو گهر ڳولهي جتي سندس نياڻي عزت سان جي سگهي. جانب ڪان خدا حياءُ ايمان ڪسي ورتو هو هاڻي هو ڪنهن جي بہ ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار نہ هو. سندس سيني اندر اها شفقت ۽ پيار مومل لاءِ نہ رهيو هو جو ڪٽي ڪا نياڻيءَ ڏانهن رحم جي نظر ڪري.

مومل سڏڪندي پيءُ کي منٿون ڪندي رهي، پر جانب پنهنجي هٺ ۽ چوڻيءَ تي قابو رهيو ۽ هن ائين ئي ڪري ڏيکاريو جيئن هن کي ڪرڻو هو. هاڻي جانب تہ شادي ڪري وڃي خوش زندگي گذارڻ لڳو، پر مومل جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو.

مومل کي جيڪو سندس پيءُ ڏاج ڏنو ان ۾ لالو جوئاري اکيون وجهڻ لڳو. لالو روز جوئا تان شرط هارايو، پوتي ڇنڊيو ويچاري مومل مٿان لٺ کنيو بيٺو هوندو هو تہ اهي سونا ڳهہ ڏي تہ مان کپائي شرط جي بازي کٽي اچان تہ پوءِ اهڙا ٻيا نهرائي ڏيندو سانءِ.

مومل پنهنجي بيوسيءَ تي روئيندي سڏڪندي رهندي هئي، ڪڏهن جي ٿورو بہ ڪڇندي هئي تہ بي قياس لالو ڪيس لٺين سان ماري ڳوڙها ڪري ڇڏيندو هو. مومل تہ هڪ پٽ ريشم جي تند هئي جنهن کي ايڏن ڏکن سهڻ جي سگهہ نہ هئي جنهن ڪري مومل ڏک نہ سهڻ ڪري ڏينهن جا ڏينهن بي هوش هوندي هئي. پويان لالو جوئاري سندس الهہ تلهہ ميڙڻ ۾ مصروف هوندو هو. ڪيفيت ان حقيقت کي وڃي پهتي تہ لالو، مومل جي ڏاج جو سون، ڪپڙا ۽ قيمتي سامان کپائي ڇڏيو، پر سندس مٿان الٽو لٺ کڻي اچي بيٺو تہ پنهنجي جان جو رت ڏئي تہ کپائي وڃي بازي شرط جي کٽي اچان. بس اتي دير نہ ڪر هل مون سان اسپتال گڏجي، اتي هلي مون کي رت ڏي، مون کي هيءَ پنهنجي بازي شرط جي ضرور کٽڻي آهي نہ تہ مان کهڙو نڪ کڻي پنهنجي ساٿين سان اڳتي شرط رکي ڪيڏندس.

اتي نہ....!!!

صرف هڪ رت جي ٿيلهي تہ گهران ٿو....!!!

اٿين ڇو نٿي.....!!!

رکانءِ ڇا پنيءَ تي بہ ٿي ڏنڊا....!!!

لالو وڏي پڙاڏي ۾ مومل کي چوندو رهيو، مومل جي اکين مان ڳوڙها ساوڻ جي مينهن جيان اوهيئڙو ڪري وهڻ لڳا هاڻي ويچاري مومل ڪيئن ڪري آخر پنهنجي جسم جو رت ڪيئن ڏي، اداسيءَ ۽ مايوسيءَ وچان بيچين کٽ تي ويٺي روئيندي رهي. لالو مٿس لٺ کنيو بيٺو رهيو ڪجهہ لمحن بعد لالو وڏي آواز سان مٿس لٺ جو ڌڌڪو ڪرائيندي سندس پشم جهڙن زلفن کان وٺي کٽ تان هيٺ ڪيرائيندي چوڻ لڳس تون عزت ۾ نہ سمجهندينءَ هاڻ مان توکي بي هوش ڪري اسپتال کڻي هلندس، اتي ئي تنهنجي رت جي ٿيلهي ڪنهن مريض وٽ کپائي شرط ضرور کٽيندس.

مومل بي وسيءَ مان گهٽجندڙ، سڏڪندڙ آواز ۾ تيز دانهون ڪرڻ لڳي، تيز هوا جي شوشاٽ ۾ سندس دانهن جون لهرون هالار جبل جي بلندي سان پڙاڏي ۾ ٽڪرائجي ائين گونجي رهيون هيون تہ

جيجل ماءُ جي تون هجين ها تہ...!!!

ههڙا ڏک نہ پسان ها...!!!

آيل ماءُ جي تون هجين ها تہ....!!!

ههڙا سور نہ ڏسان ها...!!!



ويچاريءَ مومل جي سڏڪن ڀرئي آواز جون آهون ۽ دانهون ڪنهن ڪين ورجايون، سندس آواز جون لهرون گهٽجي گهٽجي موهن جو دڙو بڻجي دٻجي ويون.

## ناول_ قسط انتيهين
# رنگ گِرهڻ

ضراب حيدر

نسرين زندگيءَ کي ڪڏهن بہ سنجيدگيءَ سان نہ وٺندي هئي. هوءَ اَنا جي خول ۾ رهڻ بدران جيئڻ جو تئين رهندي هئي. سندس اهڙي هلت تي ڪڏهن ڪڏهن مان ڪيس ٻوگهلي سمجهندو هئس. مان سمجهندو هئس تہ هوءَ بنهہ عام ۽ ناسمجهہ ڇوڪري آهي، پر ائين ڪونہ هو.

هوءَ سچ پچ هڪ آرٽسٽ هئي، هوءَ هر آرٽسٽ جيان بنهہ حساس هئڻ سان گڏوگڏ پنهنجي لاشعور سان رابطي ۾ رهندي هئي. لاشعور جيڪو هر ماڻهوءَ کي خاص ڪري ڪنهن آرٽسٽ کي ڪنهن ٻي دنيا سان ڳنڍيل رکندو آهي. اُها دنيا، ڪائنات جي ردم سان هم آهنگ هوندي، پنهنجون ڪهڪشائون ٺاهيندي آهي.

مون جڏهن نسرين جي ننڍپڻ جون ڳالهيون ٻُڌيون تہ مون محسوس ڪيو تہ نسرين جو ننڍپڻ ۽ منهنجو ننڍپڻ هڪ جهڙائي رکي ٿو. بس فرق رڳو ايترو هو تہ نسرين جي ننڍپڻ جا سمورا رنگ سالم ۽ تازا هئا، جڏهن تہ منهنجي ننڍپڻ جي رنگن کي گِرهڻ لڳي ويو هو.

نسرين جڏهن مرڪان شيدڻ جون ڳالهيون ٻُڌائيندي هئي تہ سندس مُنهن تي عجب رنگ لهي ايندا هئا. مان نسرين جي ڳالهين ۾ ۽ سندس مُنهن تي لهي آيل رنگن کي ڏسندي ڏسندي خيالن ۾ ڪڏهن ڪڏهن مرڪان تائين پهچندو هئس. خيالن جي دنيا ۾ مرڪان ڄڻ منهنجي آئيڊيل بڻجي وئي هئي. هڪ لمحي لاءِ ڄڻ، مان مرڪان کي پنهنجي محبوبا محسوس ڪرڻ لڳندو هئس.

هڪ ڀيري نسرين مرڪان بابت هڪڙي ڏاڍي عجيب ڳالهہ ٻُڌائي هئي، هُن ٻڌايو هو تہ هوءَ جڏهن اسڪول ۾ پڙهندي هئي تڏهن هڪ ڀيرو مرڪان رات جو دير سان روئيندي اسان جي گهر آئي هئي ۽ روئيندي امان کي ٻڌايو هئائين تہ "سندس مُڙس کيس ڏاڍو ماريو آهي. مرڪان کي سندس مُڙس اڪثر ماريندو ڪٽيندو هو."

هونئن تہ هوءَ امان کي بہ ڪوڙ راز نياز جون ڳالهيون ٻُڌائيندي هئي، پر جڏهن مان ميٽرڪ ۾ پهتس ۽ ساماڻجي وئي هئس تہ، مرڪان مون سان بہ ڪوڙ ڳالهيون ڪندي هئي. مون کي تہ خبر نہ هئي، پر اوڙي پاڙي جي زائفائن کان ٻُڌڻ ۾ ايندو هو تہ، مرڪان جو گهر وارو مرد ماڻهو نہ هو. جنهن ڪري هرو ڀرو پيو سدائين مرڪان تي ڏمربو هو، ٻيو مٿان وري موالي هو، سو ڪمائيندو ڪونہ هو، بس مرڪان جيڪو آڻيندي هئي تنهن تي پاڙيندو هو.

ملهار! مرڪان جڏهن رقص ڪندي هئي تہ هوءَ پنهنجي ڪلا ۾ مَست ۽ گُم لڳندي هئي، جيتوڻيڪ سندس ٽولي جون ٻيون زائفائون ۽ ڇوڪريون، پنهنجي رقص کان وڌيڪ گهور جي پئسن تي ڌيان ڏينديون هيون، پر مرڪان رقص مهل بس رقص ۾ مست هوندي هئي. هوءَ جڏهن رقص مان آجي ٿي، ڪنهن ڪُنڊ پاسي ۾ ويهي پنهنجو پگهر سُڪائيندي هئي تہ سندس اکين جا ڏورا ڳاڙها لال هوندا هئا، سندس سفيد اکين جي ناسي ماڻڪين جي ڪِنارين کان وار جهڙا سنهڙا ڏورا ڳاڙهاڻ سان ڏاڍا سُهڻا لڳندا هئا. ڪاري ناسي آفيمي رنگ واري مرڪان اُن لمحي زُلو ڪلچر واري اُتر آفريڪي عورت لڳندي هئي، جيڪا ننگي هوندي بہ ڄڻ پوشاڪ ۾ هوندي آهي.

مون حيرت وچان نسرين کي ڏٺو، هوءَ ٿورو مُرڪي، هوءَ سمجهي وئي تہ مون سندس ڳالهين تي کيس حيرت وچان ڏٺو آهي، هُن وري ڳالهايو،

"ملهار! تو حيرت ڪاڏي تہ، مون سندس جسم ڪڏهن ڏٺو جو اِها ڳالهہ ڪري ويس. ملهار! هڪ ڀيري مان ڪا شيءِ ڏيڻ يا وٺڻ لاءِ مرڪان جي گهر وئي هئس، جو اڪثر ڪجهہ ڏيڻ يا وٺڻ لاءِ مان مرڪان جي گهر ايندي ويندي رهندي هئس. مان مرڪان جي گهر جو آڳنڊ اُڪري جڏهن سندس ڪمري ۾ داخل ٿيس تہ هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ چولو بدلائي رهي هئي، مون کي ڏسي جيتوڻيڪ هوءَ ٿورو ڇرڪي ضرور هئي، پر جڏهن ڏٺائين تہ مان آهيان تہ ٿورو مُرڪي ۽ يڪدم پنهنجو چولو پائي ورتو هئائين. مون کي حيرت آهي تہ بلب جي روشني ۾ بہ سندس عُريان جسم عُريان نظر نہ آيو، سندس جسم جو رنگ واريءَ ۽ بجريءَ جي مليل مٽيءَ جهڙو هو، مطلب ڪاراڻ مائل ناسي. سچ پچ سندس جسم جو اُهو رنگ ڄڻ تہ دنيا جو انوکو آرٽ لڳي رهيو هو. جنهن ۾ ڪا بہ اُگهاڙپ نہ هئي، جيئن ڪارو رنگ خود هڪ ڍڪ هوندو آهي ائين ئي مرڪان جو ڪارو ناسي رنگ بہ ڍَڪ محسوس ٿي رهيو هو."

نسرين کي مان ڳالهائيندي، دلچسپيءَ سان ٻُڌندو هئس، پر هوءَ جڏهن مرڪان بابت ڳالهائيندي هئي تہ مان غور وچان کيس ٻُڌندو هئس. الائي ڇو مرڪان بابت نسرين جون ڳالهيون ٻُڌي مون کي مرڪان سان اڻ ڏٺو عشق ٿي ويو هو. مون هڪ ڀيري نسرين کان مرڪان جي تصوير بابت پڇيو هو، جنهن جي موٽ ۾ هُن مون کي چيو هو تہ مون وٽ مرڪان جي ڪا بہ تصوير ڪونهي، پر ڪوشش ڪنديس تہ ملي ويندي، نہ تہ بہ مان جڏهن مصوري سِکي ويس تہ مرڪان جو پورٽريٽ ضرور ٺاهينديس. هڪڙي ڏينهن هوءَ مرڪان جو بليڪ اينڊ وائيٽ فوٽو کڻي آئي، جيڪو ڪنهن ڪاڄ ۾ نڪتل هو. ڇئن پنجن عورتن جي هجوم ۾ مرڪان اُن تصوير ۾ پنهنجي وصبن ۽ ڪشش سان نمايان نظر اچي رهي هئي.

پوري پُني جسم سان ڳُليل مُنهن واري مرڪان گهنگهرو وارن سان بليڪ اينڊ وائيٽ فوٽوءَ ۾ بہ رنگين لڳي رهي هئي. وڏيون پارورتي جهڙيون اکيون هَلڪي بيني نڪ ۽ ڀولائٽن چپن تي واضح عقابي ڏيک ڏئي رهيون هيون، بليڪ اينڊ

وائيٽ فوٽوءَ ۾ به ائين پئي لڳو ته سندس آفيمي رنگ تي چِٽ ته ميٽ جو هلڪو ليپ آيل آهي.
مون جڏهن مرڪان جي تصوير ڏٺي هئي ته مون کي هڪ لمحي لاءِ ائين محسوس ٿيو هو ته، مون مرڪان کي اڳ به ڪڏهن ڪٿي ڏٺو آهي. مون ڪافي ذهن تي زور ڏنو، پر مان ڪنهن به نتيجي تي رسي نه سگهيو هئس، مون کي اُن لمحي پنهنجي شاهڪار پينٽنگ واري ڇوڪري به سامهون اچي وئي هئي، اُن پينٽنگ واري ڇوڪريءَ جي چپن جو رنگ اڪين ۾ ليئا پائڻ لڳو، جيتوڻيڪ پينٽنگ واري ڇوڪريءَ جي چپن جو رنگ ڳاڙهو رَت جهڙو هو، پر اُنهن چپن تي جيڪو هلڪي ناسي آفيمي رنگ وارو شيڊ هو، سو ياد پئجي ويو.
مون کي آفيم جو رنگ موت جي علامت لڳندو هو، الائي ڇو! اِن ڪري ئي شايد مون پينٽنگ ۾ اُن رنگ جو غير محسوس هلڪو استعمال ڪيو هو يا وري شايد منهنجي لاشعور اُن رنگ جو ڪو تصور لِڪل هو، جنهن کي مان واضح ڪري نه سگهندو هئس.
جنهن ڏينهن نسرين مون کي، مرڪان جو فوٽو ڏنو هو، اُن رات مان دير تائين پنهنجي ڪمري ۾ اڪيلو ويٺو رهيس، ڪمري ۾ رکيل هڪ پنٽ مان هلڪا هلڪا پيگ ناهي پي رهيو هئس ۽ رکي رکي مرڪان جو فوٽو ڏسي رهيو هئس.
اُن رات، مان وري گهڻو پي ويو هئس، مطلب پنٽ مُني ڳِڙڪائي ڇڏي هئم. جنهنڪري پيئندي پيئندي مون کي ننڊ ڪٽي وئي هئي. اُن رات تمام گهٽي عرصي کانپوءِ مون وري خواب ڏٺا هئا، منهنجي زندگيءَ ايندڙ سمورن خوابن جون جهلڪيون اُنهن خوابن ۾ آيون هُيون. جنهن ۾ نِدا وارو تسلسل به هو. لاٽونڙي، باهه جو طوفان، دماغ جو ڌماڪي سان ڦاٽڻ ۽ ڇت مان پنکي جو ڪِرڻ.
مون کي جڏهن خواب مان ڇرڪيل حالت ۾ سُجاڳي ٿي هئي ته منهنجو سمورو جسم پگهر ۾ شِم هو ۽ شدت جي بُک محسوس ٿي رهي هئم. مان اُٿي لائونج ۾ آيو هئس، فرج کولي پاڻي پيتو ۽ ڊبل روٽيءَ جو هڪڙو سلائيس ڪڍي کاڌو هئم. سگريٽ دُکائي ڪينواس بورڊ تي اچي ويٺو هئس ۽ بُرش کڻي ڪجهه سوچيو هئم.
مون کي اندازو ئي نه رهيو هو ته مون ڪيئن مرڪان جي نچندي پينٽنگ ناهي ورتي هئي. آفيمي رنگ تي ميٽ واري ليپ سان مرڪان جي نچندي مون اُها پينٽنگ ڪيئن ناهي ورتي هئي مون کي ڪا خبر نه هئي.
ٻئي ڏينهن شام جو جڏهن نسرين منهنجي ڪينواس تي مرڪان جي پينٽنگ ڏٺي هئي ته دنگ رهجي وئي هئي، ائين ئي جيئن منهنجي شاهڪار پينٽنگ ناهڻ تي روبي حيران ٿي هئي.




نسرين، خوشيءَ وچان بي ساخته مون کي ڀاڪر پائي چُمي ڏيندي چيو هو،
"ملهار! هيءَ ته سچ پچ جيئري جاڳندي مرڪان ناهي اٿئي؟" هوءَ وري وري پينٽنگ کي ڏسندي رهي.
"سچ به ملهار! آرٽسٽ به ڪمال جي مخلوق هوندو آهي، شين ۾ جان ۽ ساهه وجهڻ چڱيءَ ريت ڄاڻندو آهي."
"ها شايد تون صحيح پئي چوين نسرين، پر شيون اُهي جيڪي روح ۾ لهي وڃن، جن سان عشق ٿي وڃي."
هوءَ خاموش ٿي وئي، حيرت وچان مون کي ڏسڻ لڳي ۽ هڪڙو ٽهڪ ڏيندي چيائين،
"ڇئبو ته تنهنجو مرڪان سان عشق ٿي ويو آهي!" مان خاموش ٿي ڪيس تڪڻ لڳس،
"پر ملهار! اِها ڪُپت آهي، تون منهنجي معشوق سان عشق نٿو ڪري سگهين منهنجي اجازت کانسواءِ...!" مون به هڪڙو ٽهڪ ڏنو ۽ چيم،
"نسرين! عشق لاءِ به ڪا اجازت هوندي آهي ڇا؟"
"اجازت ته نه هوندي آهي، پر پوءِ اخلاقيات به ڪا شيءِ آهي."
"اِن ۾ اخلاقيات جي ڪهڙي ڳالهه آهي، ڪنهن به فنڪار يا آرٽسٽ سان ڪيئي ماڻهو عشق ڪري سگهن ٿا، اُن لاءِ ڪا جهل پل ته ڪونهي."
هوءَ خاموش ٿي اُٿي بورچي خاني ۾ هلي وئي، مون سگريٽ دکايو ۽ ڪش هڻي ڪنهن سوچ ۾ گم ٿي ويس، ايتري ۾ هوءَ چانهه ناهي کڻي آئي، ڪوپ مون کي ڏيندي چيائين،
"ٻُڌ ملهار! جيڪڏهن مرڪان جيئري هُجي ها ته تون ڇا ڪرين ها؟"
"مرڪان جيئري هُجي ها ته مان ساڻس ضرور مِلان ها، سندس ناچ ڏسان ها، ٻيو نه ته گهٽ ۾ گهٽ مرڪان کان ناچ ضرور سِکان ها!" هوءَ ٽهڪن ۾ ٻُڏي وئي،
"تون ۽ ناچ.... پر ڇو؟"
"ڇو جو جواب ته مون وٽ به ڪونهي، پر گهٽ ۾ گهٽ توکان سُٺو نچي وڃان ها!" هوءَ حيرت وچان مون کي ڏسڻ لڳي،
"پر تون اِهو ڪيئن اندازو ڪري ورتو ته تون مون کان سُٺو نچي وڃين ها؟ تو ڪڏهن مون کي نچندي ڏٺو آهي ڇا؟"
"ڏٺو ته نه اٿم پر اندازو اٿم، تنهنجو نمونو ئي نٿو لڳي ڪنهن رقاصا وارو..." هُن وري هڪڙو ٽهڪ ڏنو،
"تون ته اصل صفا وڏو ناچو آهين!"
"مان ناچو ناهيان، پر رقص جون ادائون ۽ نزاڪتون ڄاڻان ٿو، تڏهن ته مرڪان جي رقص ڪندي هيءَ پينٽنگ ناهي اٿم." هوءَ وڏي پينٽنگ ڏانهن وئي، هڪ ڀيرو وري غور سان پينٽنگ کي ڏسڻ لڳي.

”واهه واهه.... تو سچ ۾ هِن پينٽنگ ۾ رقص جون وڏيون ادائون ۽ نزاڪتون مرڪان سان جوڙيون آهن.... پر.....!“
”پر ڇا نسرين....!“
”اِهو ئي تہ مرڪان اِنهن سمورين ادائن ۽ نزاڪتن کان گهٽي هئي.“
”سو وري ڪيئن؟“
”ملهار! تون مرڪان سان ناچ جو هي نمونو جيڪو چٽيو آهي، سو جڻ ڪنهن درد جو عڪس چٽي رهيو آهي. رقص جيتوڻيڪ خوشيءَ جي علامت هوندو آهي، پر تو مرڪان جي ناچ ۽ ادائن ۾ جيڪي رنگ پريا آهن سي جڻ بربادي جو ڏيک ڏيئي رهيا آهن...“
مان هڪ لمحي لاءِ خاموش ٿي ويس، مون محسوس ڪيو تہ نسرين صحيح پئي چوي، خبر ناهي ڪيئن درد ۽ بربادي جو عڪس اُن رقص ۾ جهلڪي پيو هو.
مون کي اُن لمحي اُستاد جوزف ياد اچي ويو، هُن هڪ ڀيري، ڪنهن هندو رقص جو پورٽريٽ ويٺي ناهيو، هڪڙو هِندو ديوتا ڪو رقص ڪري رهيو آهي. هڪ ٽنگ تي بيٺل اُن ديوتا جي دائري ۽ گهيري ۾ غير محسوس طريقي سان ڪي ڏنڌلا رنگ پريا ويا هئا، ائين پئي لڳو تہ ڄڻ ڪو طوفان، ڪو زلزلو ڪا بربادي اُن واڇُوڙي نما دائري ۾ سمائي وئي آهي. ائين جيئن ڪهڪشائون هڪ مخصوص دائري ۾ ڦرندي ڪنهن بليڪ هول ۾ غرق ٿيڻ لاءِ وڃنديون آهن. مون اُستاد جوزف کان پُڇيو هو تہ،
”اُستاد، هي ڪير آهي، جيڪو رقص ڪري رهيو آهي، هِن جي رقص ۾ جيڪو ماحول آهي سو ائين بربادي جو ڏيک ڇو ڏيئي رهيو آهي، جڏهن تہ رقص خوشيءَ جي علامت هوندو آهي.“ اُستاد جوزف ٿورو مسڪرايو هو ۽ چيو هئائين.
”ملهار! هي ڀڳوان، شِو ديوتا آهي، جنهن جون هونئن تہ ڪيئي صورتون آهن، پر هيءَ بہ هڪ صورت اٿس، شِو ديوتا لاءِ چوندا آهن تہ جڏهن هُو ڪاوڙ ۾ ايندو آهي تہ سندس نرڙ تي ٽئين اک بہ ظاهر ٿيندي آهي، پر مون شِو ديوتا جو هي پورٽريٽ ٽانڊُو ناچ نچندي ناهيو آهي. هندو ڏند ڪٿائن موجب ٽانڊُو ناچ بربادي جو ناچ آهي.“
جنهن ڪانپوءِ اُستاد جوزف مون کي ڪافي ڳالهيون ٻڌايون ۽ سمجهايون هُيون. مان اُن وقت اُستاد جوزف جون ڳالهيون گهٽي قدر سمجهي تہ نہ سگهيو هئس پر، ذهن جي ڪنهن خاني ۾ اِها ڳالهہ ضرور آئي هئم تہ،
”ڪو ديوتا يا ماڻهو جڏهن پنهنجي مستي يا موج ۾ هوندو آهي تہ هو آسپاس کان نہ صرف بي نياز هوندو آهي، پر گهٽين شين کي لوڙهي ۽ ٻوڙي ڇڏيندو آهي، پر هِن لمحي جڏهن مرڪان جي حوالي سان ڏسي رهيو هئس تہ مون تي اِهو پڻ اِدراڪ ٿيو هو تہ، مون کان لاشعوري طور، مرڪان جي ناچ واري پورٽريٽ ۾ جيڪي رنگ پرجي ويا آهن، اُهي رنگ اُن بربادي جا آهن جيڪي مرڪان جي زندگيءَ جو عڪس هئا.
هوءَ محفلن ۽ ڪاڄن ۾ جيڪو رقص ڪندي هئي سو پل ٻين لاءِ خوشيءَ جو باعث هو، پر مرڪان لاءِ هڪ درد هو. اُهو درد جنهن جو مون کي ڪوبہ پتو نہ هو، پر لاشعور الائي ڪيئن مُنهنجي ڪينواس تي رنگن جي صورت ۾ اُن کي اوتي ڇڏيو هو. ”ڪهڙي دنيا ۾ گم ٿي وئين ملهار!“
نسرين مون سان مخاطب ٿي تہ مان پنهنجن خيالن مان واپس آيس. ”ملهار! هڪ ڳالهہ چوان!“
”ها چئو.....!“
”تون سچ پچ تمام وڏو آرٽسٽ آهين، مون هن لمحي بہ غور سان مرڪان جي پينٽنگ ڏٺي آهي، تو جيڪو رنگن سان پينٽنگ ۾ بربادي جو عڪس چٽيو آهي، سو سئو سيڪڙو درست آهي.“ مان ڪيس تعجب وچان ڏسڻ لڳس.
”اِها حقيقت آهي، ملهار! تہ مرڪان سموري عُمر پنهنجي بربادي جو ناچ ئي نچيو هو.
ملهار! مَرڪان تمام وڏي رقاصا هئي، هُن جي انگ انگ ۾ رقص رَتيل هو.
ڪاش! هوءَ ڪنهن ترقي يافتہ مُلڪ ۾ هُجي ها تہ الائي ڪيڏو نالو ڪمائي ها، پر افسوس جو هوءَ هڪ ننڍڙي شهر جي ننڍڙن ڪاڄن ۾ نچندي وڃائجي وئي. هوءَ، خاموش ٿي وئي، مون سگريٽ دُکائي، نسرين ڏانهن اِن نيت سان نِهاريو تہ هوءَ اڃا وڌيڪ ڪجهہ مَرڪان بابت ٻُڌائي. ڪن پل ترسي هُن وري ڳالهايو.
”ملهار! توکي خبر آهي تہ جڏهن بہ امان ۽ مَرڪان ڪنهن ڪاڄ تان موٽنديون هُيون تہ مرڪان امان کي سدائين اِهو چوندي هئي تہ، هاڻي مون کان اِهو نچيو نٿو پُڄي، مان صفا جُهري ٿي پوان، ٽٽي ٿي پوان...“ امان ساڻس يوڳ ڪندي چوندي هئي، ”ڇڳي پلي ڏٺي مٺي تہ لڳي پئي آهين، ڇا ٿيو آهي توکي؟“
”توکي خبر ناهي، تون سمجهي بہ نہ سگهندينءَ.“
”نٿي سمجهان تہ تون ئي ڪٿي سمجهاءِ نہ.“ جنهن تي مرڪان امان کي چوندي هئي،
”مانِ پنهنجي مستي ۽ هستيءَ کي جيڏو مِٽائي نچان ٿي، نچڻ ۾ گم ٿي ٿيان، اوترو ئي پنهنجو بُت پنهنجو بوجهہ مون کي سَتائي ٿو، مان صفا مري ٿي پوان، ناچ ڪانپوءِ تہ ويتر ٻَري ٿي پوان، پر تون اِها ڳالهہ سمجهي نہ سگهندينءَ. توکي بہ منهنجي مُڙس جهڙو ڪو مُڙس ور پوي ها تہ خبر پوي ها.“ امان ٺهڪ ڏيندي کيس چوندي هئي، ”پوءِ ڪٿي ٻيو ڪو وَرُ ڪر نہ!؟“
جنهن تي مرڪان جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويندا هئا، هوءَ آسمان طرف نِهاري چوندي هئي،
”سِچ ڪي بہ ڪو چندو اثر ڪندو آهي ڇا؟ سَڪي مان ناچ کان پوءِ سچ جيان اڪيلي ٿي پوندي آهيان، پر تون منهنجي پَت نہ ڪندينءَ ڪڏهن، منهنجي چندَ جهڙي ڀيڻ.“ پوءِ مرڪان هڪڙو ٺهڪ ڏيئي اُٿي هلي ويندي هئي. هوءَ پنهنجي ذات ۾ ڏاڍي اڪيلي هئي ملهار! رقص ڪانپوءِ سندس اکين جا ڳاڙها ٿي ويل ڏورا ۽ اکين جون گهرائيون ڪيئي ڪهاڻيون ٻُڌائينديون هُيون، پر اُهي ڪهاڻيون ڪنهن بہ ڪونہ پڙهيون هُيون... ائين ٿو لڳي تہ ڄڻ اُهي ڪهاڻيون تو پڙهي ورتيون.“



هَلڪي مُرڪ سان گڏ نسرينءَ جي اکين ۾ پاڻي بہ لهي آيو. ....(هلندڙ)....

پروفائل

# ٿر جو ليجنڊ ليکڪ: نور احمد جنجهي

## امر رائيسنگھ راجپوت



نور احمد جنجهي ٿر جي ڳوٺ ”وڪڙيو جنجهي“ ۾ 30 نومبر 1968ع تي مرحوم غُلام محمد جنجهي جي گھر ۾ پيدا ٿيو. وڪڙيو جنجهي ٿر جي ادبي، سياسي ۽ سماجي تاريخ جي للاٽ تي اهڙو لعل روپي تلڪ آهي، جيڪو ڪارونجھر جي ڪور تان آڌي ويلي اُڀرندڙ چنڊ جيان چمڪي ٿو. جنهن جي نالي مان ئي نُور ڇٽي ان وجود جي واسنا ڪنهن گلاب کان گهٽ ناهي هوندي، بلڪ چانپي مروي کان به چڙهت هوندي آهي. اها مهڪ نه رڳو پنهنجا اڱڻ اُجاريندي آهي، پر سموري وطن جا ويڙها به واسي ڇڏيندي آهي. اهڙي ئي مهڪ سائين نُور احمد جنجهيءَ جي علمي ادبي سفر مان پڻ اچي ٿي، جيڪو سفر اندازن اڌ صديءَ تي محيط آهي!

غُلام محمد جنجهيءَ جي هنج ۾ هنيلايون ڪندي، وڏي ٿيل نُور احمد نديپڻ ۾ ابتدائي تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ ثانوي تعليم جو سرٽيفڪيٽ هاءِ اسڪول مٺي مان ماڻيو. 1996ع ۾ مادر علمي سنڌ ورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ ماسٽرز ڪرڻ ڪانپوءِ مادر علمي سنڌ مان تدريسي تعليم ۾ به ماسٽرز واري سند ماڻي. ان ڪانسواءِ قانون جي بيچلر ڊگري (ايل. ايل. بي) به حاصل ڪئي. تمام گهڻ پڙهيو هي سنڌ جو ليجنڊ ليکڪ 1997ع ۾ تعليم کاتي سنڌ ۾ بطور ليڪچرار ڀرتي ٿيو، گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج مٺيءَ کان وٺي ڪاري موري، عمرڪوٽ، پريٽ آباد ۽ قاسم آباد تائين مختلف ڪاليجن ۾ پنهنجا فرض سچي دل سان سرانجام ڏيندو رهيو. هن علمي ۽ ادبي سفر کي به روان ۽ دوان رکيو. ڪڏهن به ورچي نه ويٺو ڇو ته هن ويڙهيچن سان وچن ڪيو هو. اهڙو وچن جنهن جي قرب جي ڪچاٽ کي محبت جو ميڻ ڏنل آهي، جنهن جو ٽانڪو ڪڏهن به ٽُٽي نٿو سگهي.

آدجڳاد کان ڪيل انهيءَ وچن کي نڀائيندي نُور احمد نت روز نوان لفظن جا ٽول سنڌي ٻوليءَ جي ڀهگڻ ڪُنوار جي ڪنڌ ۾ پارايا آهن. هن نه رڳو ٻوليءَ کي بيش بها قيمتي لفظن سان مالا مال ڪيو آهي، پر ويڙهيچن جي دردن کي دل سان بيان پڻ ڪيو آهي. هن سسئي جيان سور ڀوڳيندڙ ماروئڙن جي ديس مان غربت گهٽائڻ لاءِ سنڌ جي آفاقي شاعر لطيف جي پيغام کي عام ڪرڻ کان ڪڏهن به ناهي ڪيٻايو. هن ته وڏي واڪي اهو هوڪو هلايو آهي ته امير ۽ غريب وارو طبقاتي توازن جيستائين ٺيڪ نه رهندو تيستائين سنڌ مان غربت ڪڏهن به نه گهٽجندي. ان ڪري اميرن کي غريب سان نفرت بجاءِ محبت ڪرڻي پوندي.

سائين نور احمد جنجهيءَ جو وڏي ۾ وڏو تعارف تعليمي ماهر سان گڏ ماهر لسانيت به آهي. هو نه رڳو ٻوليءَ تي عبور رکي ٿو، پر ان جي وياڪرڻي معاملن کان به ڀلي ڀت واقف آهي. ٻوليءَ تي عبور رکندڙ هن مهل مون کي ٿر ۾ ٻيو ڪو اهڙو نظر نٿو اچي، جيڪو نُور احمد جنجهيءَ جي سطح جو هجي. مٿيءَ جي ادبي لڏي ۾ نُور احمد جنجهيءَ جا علمي ادبيءَ ۽ تحقيقي تقريبن 500 کان مٿي ڪالم سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل آهن. نُور احمد فرمانبردار فرزند وارو ڪردار ادا ڪندي سندس پيءُ مرحوم غلام محمد جنجهيءَ جي شاعريءَ کي سيهڙي 2010ع ۾ ”ويجها ٿيا وصال ڪي“ جي نالي سان ڪتاب ڇپرايو آهي. ان ڪانسواءِ سنڌ جي غير سرڪاري اداري ٿرديپ ۾ ڪم ڪندي ڳوناٺن جي ڀلائي لاءِ به ڪجھ ڪتاب تصنيف ڪري ڇپرايا آهن. ڊاڪٽر ڪشن مل پنواڻيءَ جو هندي ٻوليءَ ۾ ڇپيل لوڪ ادب تي ٻڌل ڪتاب سنڌي ۾ ترجمو ڪري 2008ع ۾ ”ٿر جا ڳائجندڙ داستان“ جي نالي سان ڇپرايو آهي. سنڌ جي سياحتي سرڳ ”گورک“ بابت معلوماتي ڪتاب کي سنڌي مان انگريزيءَ ۾ اُتاريو آهي. هو هڪ ماهر محقق ۽ مترجم به آهي. نور احمد جا درجن کان مٿي ڇپيل ڪتاب آهن جن ۾ ٿر جي وڏي تاريخ بيان ڪيل آهي. ثقافتيءَ ۽ حب الوطني سبب دنيا ۾ پنهنجي الڳ حيثيت رکندڙ هن ٿر کي رنگن جي سر زمين سڏيندي هتي جي لوڪ ادب ٻاٻاڻي ٻولي ثقافتي سمري ۾ ”چندن گڏ چاووڪ ڪريو“ جهڙا ٻي ملھ ڪتاب لکي ٿرين جي ٿر تي ٿر جيڏو ٿورو ڪيو آهي. مذڪوره ڪتاب اڻ ڇپيل آهي. اسان کي ان جي ڇپجڻ جو اوسيئڙو رهندو. ڇپيل ڪتابن ۾ ”اڄ سين اڄ ٿيار“ جهڙي لطيفيات تي لکيل لازوال ڪتاب ڪانسواءِ ”پڙهيو ٿا پڙهن“ جهڙي تدريسي تعليم بابت لکيل ڪتاب به شامل آهي. ان ڪانسواءِ به اهم ڪتاب ”ساڃي جڳ راڃي نهين“ ۽ ”جبل مٿي باهڙي“ تنقيد تي ٻڌل آهن. ان کان علاوه ڪجھ رسالن جو ايڊيٽر به ٿي رهيو هو. جهڙوڪ مٺي جاڳرتا ۽ لوئي وغيره. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڇپرايل سنڌي لغات ۽ انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا جي ايڊيٽوريل بورڊ ۾ به شامل رهڻ سان گڏ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس پاران تيار ڪيل انگريزي لغات ۾ حصو وٺڻ تائين هر ڪم ۾ اڳيرو رهيو آهي. ٿرپارڪر جو پهرين ضلعي ايڊمنسٽريٽر هئڻ جو اعزاز حاصل ڪرڻ سان گڏ وفاقي ادبي اداري اڪيڊمي ادبيات جو ريزيڊنٽ ڊائريڪٽر پڻ رهيو آهي. ايترا سارا عهدا ۽ اعزاز ماڻڻ باوجود هن ڪڏهن به پاڻ پڌائڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي.

غلام محمد جنجهي فائونڊيشن پاران درس لطيف جي عنوان هيٺ پروگرام ڪرائي، لطيف جي پيغام کي ٿر ۾ عام ڪرڻ سان گڏ شيخ اياز جي فن ۽ فڪر جي ڀڪيڙ ۾ به هن وسان ناهي گهٽايو. ڀٽائي جي بيتن مان ”وحدت الوجود“ وارو درس ماڻي، ڪبير جي ڪويتائن ۾ لکيل ”الک ايڪ هي“ وارو فلسفو سمجهائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي، هن سچل جي ”مان جوئي آهيان سوئي آهيان“ واري آفاقي نظريي تي خوب لکيو آهي. ريڊيو پاڪستان مٺيءَ جو بهترين ڪمپيئر هئڻ جو اعزاز حاصل ڪندڙ هي خوبصورت ليکڪ، مولانا روميءَ جو عاشق آهي. سندس لاجواب لکتن ۾ لوڪ ڏاهپ سان ڀرپور کي گيان گفتا به آهن ته شاعراڻي سياءَ سان سرشار حرفي تجنيس وارو حس به آهي، ثقافتي سونهن تي ٻڌل ٿر جا ٿاڪ به آهن ته تهذيب جي اعليٰ تاريخ جي تبسم به آهي. مجموعي طور چئجي ته نور احمد جنجهي ٿر جو بلڪ سموري سنڌ جو مڃيل ليکڪ آهي.

## ڪتابن تي تبصرو
# ”مونا طور سينا“
### انور قاضي

”مونا طور سينا“ فقير حاجن شير نظاماڻي جو عشق ۽ عقيدت سان سرڪار شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي زندگيءَ تي لکيل ڪتاب آھي. سندس ڀٽائي سرڪار سان عقيدت نسلن کان آھي. سندس والد فقير غلام حيدر نظاماڻي سرڪار جي روضي تي سنگت سان راڳ چوندا ھئا. ھاڻي حاجن شير اھا پرت نڀائيندو اچي. شاھ جي شاعري تي انيق ڪتاب لکيا ويا آھن، پر ذڪر ڪيل ڪتاب انھن سڀني کان منفرد آھي. فقير سائينءَ جي مونن کي تشبيھ تہ ڪيڏي سھڻي ڏني آھي، ”طور سينا سان“ جتي حضرت موسيٰ عليہ السلام رب سان ڪلام ڪرڻ ويندو ھو ۽ ڪيس پنھنجي سوالن جا جواب اتي ملندا ھئا. سرڪار چواڻي ”پيھي جا پاڻ ۾“ جڏھن انسان پريشان آھي ۽ ڪيس ڪيترن سوالن جا جواب نٿا ملن پوءِ ھو پنھنجو منھن مونن ۾ ھڻي پنھنجي رب کي اندر ۾ ڳولي ٿو ۽ پنھنجي پريشانين ۽ سوالن جا جواب معلوم ڪري ٿو. انھيءَ ڪيفيت جي حالت ۾ انسان جا پنھنجا مونا طور سينا ٿيو وڃن. فقير حاجن ھڪ دفعي ذڪر ڪيو ھو تہ ڪيس سرڪار تي لکڻ جو خيال امر جليل صاحب جي ان ڳالھ کانپوءِ ٿيو جنھن ۾ ھن چيو ھو تہ، ”ڀٽائي جي ڪلام کي زنده ھڻ وقت جي ڳائڻ وارن رکيو آھي.“ پوءِ سائين ”نينھن لڳو نند ڦٽي“ وارو ڪم فقير حاجن سان ٿيو ۽ پاڻ اخبار ۾ لطيف سائين جي شاعري، ان جي دنبوري، فقيرن، آستاني ۽ ان وقت جي راڳ ڪان وٺي اڄ تائين ڪاروھنوار تي ڪالم لکڻ شروع ڪيا. ھيءُ ڪتاب انھن ڪالمن جو مجموعو آھي. منفرد انھيءَ ڪري آھي جو ھن ڪتاب پڙھڻ کانپوءِ تمام گھڻي ڄاڻ ملي ٿي نہ صرف ڪلام جي باري ۾ پر راڳي ڪيئن ڳائين ٿا، انھن جو طريقيڪار ڪيئن آھي، وڏي اوطاق ڇا آھي، سرڪار جو پيغام اڄ تائين سندس فقير ڳوٺ ڳوٺ، وستي واھڻ ۾ ڪيئن ٿا ٻاروھي مھينا پھچائين. راڳ ۾ تسبيح ڪيئن پڙھي وڃي ٿي، دنبوري جو داستان پڻ ٻڌائي ٿو فقير راڳ جي پڄاڻي تي دعا گھرن ٿا، اھا ڪيئن ٿئي ٿي. راڳ ۾ ڏس ڇا آھي؟ سرڪار جو فلسفو ڇا آھي؟ مذھبي متڀيد کان مٿانھون ٿي انسان کي سمجھڻ. لطيف سرڪار جي فقيرن جو ذڪر، ان وقت خانقاھ ڪيئن ھلندي ھئي، ڏيساور کان ماڻھو جڏھن ايندا ھئا تہ انھن جي رھائش ۽ کاڌ خوراڪ جو بندوبست. ھن ڪتاب پڙھڻ سان ائين لڳي ٿو ڄڻ اسان ڪا ڊاڪيومينٽري فلم ڏسندا ھجون. ھي ڪتاب سمبارا پبليڪيشن ڇپرائي پڌرو ڪيو آھي، ھن ڪتاب جي قيمت 400 رپيا آھي.




# ”ڪکر منجھ ڪپار“
### اعظم پٽي

سنڌي ٻوليءَ جي ليکڪ پروفيسر پير بخش پياسي جي شاعري جو مجموعو ”ڪَکَر منجھ ڪپار“ ساحل پبليڪيشن حيدرآباد پاران سيپٽمبر 2018ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. انتھائي خوشيءَ جي ڳالھ آھي جو لڳ ڀڳ سٺر واري ڏھاڪي جي نظرن کان اوجھل شاعري منظرِ عام تي آئي آھي، جنھن کان نئين ٿھي ڄڻ تہ اڻواقف ھئي. سائين پير بخش باقائدگيءَ سان 1961ع کان بيت ۽ وائي سان سنڌي ٻولي، علم ۽ ادب سان جيڪو چاھ جو سفر شروع ڪيو، اھو سفر عشق جي سلامي ڀرڻ لائق آھي. سائين پير بخش پياسي جي شعري مجموعي ”ڪکر منجھ ڳپار“ جو نالو شاھ جي بيت جي مناسبت سان رکيو ويو آھي.

ڪَکَر مَنجھِ ڳپار، جھُڙ نيڻَنئُون نہ لَھي.

بيت جي ان پھرين سِٽ جي شروعاتي اڌ جنھن کي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنھنجي لوڪ ادب اسڪيم واري ڪتاب ”بيت“ ۾ فني حوالي سان ”صدر“ سڏيو آھي. اھا سنڌي ٻولي جي وُسعت ۽ ڪشادگي آھي، جو چَند کان وٺي علمِ عُروض تائين، شاعري جي زمين تي تخليق جا جيڪي ٻہ واھڙ وھيا آھن انھن کي سنڌي ٻولي نہ رڳو پنھنجو ڪيو آھي، پر ان کي محفوظ ڪري تاريخ جو دستاويز بڻايو آھي. شاعري جي لحاظ کان فن جون پنھنجون ھڪڙيون مقرر پابنديون آھن ۽ فڪر جي لاءِ وري ڪيترائي موضوع ۽ سبب آھن، جيڪي پيغام جي انداز کي وُسعت بخشي، سُونھن ۽ سوڀيا ارپين ٿا، سيني تي جيڪا شاعري ٺري اچي، اھا ئي قلمبند ڪجي، ھن مجموعي ۾ سُرن جي ترتيب ۾ جيڪي بيت سرجيا ويا آھن، اھي سمورا بيت اسان جي اساسي شاعري جي سحر ۾ جڪڙيل نظر اچن ٿا. ڪتاب ۾ شامل بيتن جي مطالعي مان اھا خوشبوءَ اچي ٿي تہ سائين پير بخش پياسي، قاضي قادن، شاھ ڪريم ٻُلڙي واري، شاھ لطيف، ميئن شاھ عنايت جھڙن شاعرن کان تمام گھڻو متاثر آھي، انھن بيتن ۾ ھن تقليد جا تاڪيا ٻہ ويڙھيا آھن تہ تخليق کي روشني ٻہ ارپي آھي، بيتن جي لحاظ کان سُر سھڻي، سُر مومل راڻو، سُر مارئي، سُر سورٺ، سُر سارنگ سميت مختلف بيتن جي ترتيب جا رنگ اساسي شاعري جا ڄڻ تہ پوئلڳ ٿي بيٺل آھن. سائين پير بخش پياسي جو خيال آھي تہ ”شاعري جو مقصد نہ فقط دل وندرائڻ پر انساني ذھني سجاڳي جو بھترين عمل پڻ آھي“. مصنف شاعري کي سھارو بڻائي جيڪي سِڪ جا سڳا سوريا آھن، تن ڪيس وڏيڪ تڙپ ڏانھن مائل ڪيو آھي. اندر جي اُڻ تُڻ جو اھو احساس سندس شاعري ۾ عيان آھي. ھن جي نظمن ۾ جتي پنھنجي ڌرتيءَ جي ماروئڙن جي ڏُکن جا داستان موجود آھن، اُتي ويٽنام جي مظلوم عوام جي ھمت ۽ حوصلي لاءِ تحسين جو سلام بہ سرجيل آھي. ھن مجموعي ۾ شامل دوھا بہ منفرد حيثيت جا حامل آھن. ھن مجموعي جي آخر ۾ ڏنل آزاد نظم شھرِ جانان جيان وٽندڙ، اُتساھيندڙ ۽ رواني سان سينگاريل آھن. ”ڪکر منجھ ڳپار“ سنڌي شاعري جي خزاني ۾ ھڪ شاندار اضافو آھي.

# ايف. آءِ. آر درج نہ ٿيڻ جي صورت ۾ ڇا ڪجي؟

**عامر درازي**

جنهن سماج ۾ اسين رهون ٿا ان ۾ هر روز اسان کي ڪيترن ئي سياسي، سماجي ۽ قانوني مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. رياست جي وجود ۾ اچڻ ڪانپوءِ اها رياست جي بنيادي ذميواري آهي تہ اها پنهنجي شهرين جي بنيادي حقن کي محفوظ بڻائي. شهرين جي بنيادي حقن ۾ انهن جي جان، مال عزت، آبرو جي حفاظت رياست جي ذميواري بڻجي وڃي ٿي. اسين جنهن سماج ۾ ساهہ کڻي رهيا آهيون ان ۾ ذميوار شهرين سان گڏوگڏ ڏوهاري ذهينت رکندڙ ماڻهو بہ اسان جي ارد گرد موجود هوندا آهن ۽ هر روز ڪيترن ئي قسمن جا ڏوهہ ٿيندا آهن. هن وقت اسان جي ملڪ ۾ صورتحال اها آهي تہ ڏوهاري قانون جي گرفت ۾ نٿو اچي ۽ مظلوم کي انصاف ڏيڻ لاءِ ادارا ڦڙتيءَ جو مظاهرو نٿا ڪن. ان صورت ۾ اسان جي سماج مان ڏوهہ گهٽجڻ بجاءِ ڏينهون ڏينهن وڌندا پيا وڃن، جنهن جي ڪري هڪ پرامن ۽ تسلي بخش معاشرو جڙي نہ سگهيو آهي. مٿين سببن جي ڪري آسان جي سماج ۾ ڏوهہ ۽ لاقانونيت ڏينهون ڏينهن عروج وٺندي پئي وڃي ۽ اسين سماج مان ڏوهن جو خاتمو ڪرڻ ۾ ناڪام پيا وڃون.

جيستائين اسين انهن حالتن جو مقابلو قانون جي بالادستي سان نہ ڪنداسين تہ ڪڏهن بہ پرامن ماحول جوڙي نہ سگهنداسين، ڪنهن بہ ڏوهہ ٿيڻ جي صورت ۾ اسان کي گهرجي تہ اسان قانون جي مدد حاصل ڪريون اتي ياد رکڻ گهرجي تہ اها هر اداري مٿان قانوني ذميواري عائد ٿئي ٿي تہ اهو هر شهري کي قانوني تحفظ فراهم ڪري.

ان لاءِ ضروري آهي تہ قانوني رستو اختيار ڪرڻ گهرجي ۽ قانوني طريقي سان سماج کي جوڙجي جيڪو هر شهري کي تحفظ ڏيئي سگهي ٿو.

اتي هڪ ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ پرامن ماحول بڻائڻ لاءِ بنيادي قانون جي ڄاڻ هجڻ انتهائي لازمي آهي. اسين جيڪڏهن قانوني ماحول جوڙي وياسين تہ پوءِ پڪ سمجهو اسين ملڪ کي ترقي جي راهن تي موڙي ويندا سين.

اگر قانون کي ڇڏي ٻيو رستو اختيار ڪيوسين تہ اسين افرا تفري جو شڪار ٿي ويندا سين.

اگر ڪوبہ فرد ڪنهن مجرم هٿان ڪنهن بہ طريقي سان متاثر ٿئي ٿو ۽ ڏوهہ ڪندڙ خلاف بيهڻ چاهي ٿو تہ اهو ان کي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ قانون ئي واحد ذريعو آهي جنهن جي مدد سان هو انصاف حاصل ڪري سگهي ٿو، پر بدقسمتي سان اسان وٽ ٿئي ايئن ٿو ٿئي تہ گهڻو ڪري ٿاڻي تي وڃي شڪايت درج ڪرائڻ وارن کي مايوسيءَ جو منهن ڏسڻو پوي ٿو.

توهان کي ٻڌائيندو هلان تہ قانون ڪان اوهان ڪيئن مدد حاصل ڪري سگهو ٿا ۽ ان جا ڪهڙا ابتدائي مرحلا آهن؟

ڪنهن بہ شڪايت درج ڪرائڻ لاءِ حد جي ٿاڻي تي وڃي مجرم خلاف شڪايت درج ڪرائي سگهجي ٿي. اهو هر شهري جو قانوني ۽ بنيادي حق آهي.

شڪايت، قانوني عمل جو پهريون ڏاڪو اين. سي آهي جنهن کي انگريزيءَ ۾ Non Congnizable offence چوندا آهيون.

اگر اين. سي ۾ ڪنهن بہ دانهيندڙ ڌر جي شڪايت تي عمل نٿو ٿئي تہ ان مسئلي جي ايف. آءِ. آر بہ درج ڪرائي سگهجي ٿي.

اهو ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ ۾ دير نہ ڪرڻ گهرجي ڇو تہ ان عمل سان سڌو سنئون فائدو ڏوهي کي ٿيندو، جنهن کي قانون ايئن سمجهايو آهي تہ اگر ڪوبہ شهري پنهنجي مسئلي جي ايف. آءِ. آر دير سان داخل ڪرائيندو تہ ان ۾ Contradiction of Statement (تڪراري بيان) اچي ويندو ۽ ان جو فائدو سڌو سنئون accused (ملزم) کي ٿيندو. ان ڪان بچڻ لاءِ ايف. آءِ. آر جو جلد ڪان جلد اندراج ڪرائي پاڻ کي محفوظ ڪرائڻ گهرجي. ان سان گڏوگڏ آئيني، قانوني ضرورتون پڻ پوريون ڪرڻ گهرجن.

جيڪڏهن حد جو اسٽيشن هائوس آفيسر اوهان جي ايف. آءِ. آر داخل نٿو ڪري تہ اوهان وٽ ٻہ رستا هوندا آهن هڪ تہ ضلعي جي ايس ايس پي وٽ حد جي آفيسر خلاف درخواست داخل ڪرائي سگهو ٿا.

اگر ايس ايس پي ان درخواست جو تدارڪ نٿو ڪري تہ شق نمبر 22 A تحت حد جي ايس ايڇ او ۽ ايس ايس پي خلاف سيشن ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي سگهجي ٿي، يقينن اوهان کي انصاف ملندو.

اگر اوهان سمجهو ٿا تہ ڪورٽ سڳوري مون سان انصاف ناهي ڪيو تہ ان ڪورٽ جي فيصلي تي نظرثاني جي درخواست ڊويزنل ڪئمپ آفيس هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪرائي سگهو ٿا يا اگر ٽرائل ڪورٽ جي فيصلي کي چاهيو تہ اوهان Review بہ ڪرائي سگهو ٿا، پر اهو ڪجهہ بنيادن تي ٿيندو اگر ڪنهن بہ شاهد جي بيانن ۾ لچڪ محسوس ٿيندي تہ ڪورٽ ان کي تڏهن ئي رويو پٽيشن طور ڪيس کي هلائيندي ورنہ ڪيس کي خارج ڪري ڇڏيندي.

منهنجو مقصد آهي تہ اسان جي سماج ۾ رهندڙ ماڻهن کي قانوني ڄاڻ ملي ۽ قانوني طريقي سان پنهنجي زندگي گذارين، پنهنجو پاڻ کي محفوظ ڪرائڻ لاءِ ميرن، پيرن توڙي وڏيرن جي درن جون سلاميون نہ ڀرين.

دنيا جا انيڪ ملڪ آهن جن ۾ رهندڙ ماڻهو قانوني طريقي سان زندگي گذارين ٿا جن کي ذهني توڙي جسماني سڪون حاصل هوندو آهي جيڪي روڊ تي پيادل هلندي بہ آئين ۽ قانون جو خيال رکندا آهن اهي روڊ ڪراس ڪن تہ بہ قانون کي ذهن ۾ رکندا آهن. سڌريل ملڪ سڌريل تڏهن ٿيندا آهن يا سڌريل سڏبا آهن جڏهن اهي قانون تي مڪمل طور تي عمل ڪندا آهن ۽ قانون لاڳو ڪندڙن سان مڪمل طور تي تعاون ڪندا آهن.



# شاعري ۽ شعور

## دودي کي سلام
انب گوپانگ

لڏي للڪارون ڪري، گهوريئي سر سپاڳ،
پڳ نہ پڳي ڪنهن جي، جتي تنهنجو پاڳ.
هنڌ هندورا تنهنجا، محل ماڙيون ماڳ،
انهيءَ آسڻ تي اچي، چوڙيا چهڙن چاڳ.
پٽن انهين پيٽيين، ڪتا ڪيئي ڪاڳ،
دودا! ڌرتيءَ داڳ، تو ريءَ ڌوئي ڪونڪو.

## "نور" عباسي کي پيتا تنهنجو چاهي؟ هَلُ مسافر!
امداد حُسيني

رشوت، قبضا، جهڳڙا، جرڳا، هرڪو ڏنڏي ڏاڙيءَ تي
تنهنجو چاهي هَلُ مسافر، هنڌ ڪٽولو ماڙيءَ تي!
آڪڙ خانُ ڪري پل آڪڙ، پادر لڳندس ڪياڙيءَ تي.
تنهنجو چاهي؟ هَلُ مسافر، هنڌُ ڪٽولو ماڙيءَ تي!
ڪم جي بدران نِڱيل ٽُنيو، زور سجو آ جاڙيءَ تي.
تنهنجو چاهي؟ هَلُ مسافر، هَنڌُ ڪٽولو ماڙيءَ تي.
پلٽن تي ڪو، تانن تي ڪو، طبلي تي ڪو تاڙيءَ تي.
تنهنجو چاهي؟ هَلُ مسافر، هَنڌُ ڪٽولو ماڙيءَ تي.

## غزل
قاضي منظر حيات

ايڏو مون کي ياد نہ ڪر،
لڙڪ ٽڪائج نيٽن- گهر.
گڏ گڏ جو اسڪيچُ چٽيو،
ناهِ ضرورت رنگ نہ پر.
چاٽين تي تہ وٽندا هِن،
آيو آهِ پڪوڙا تر.
ڪونہ رسيو آ، پوءِ بہ آهِ،
چنڊُ چڪورو: چاهت- چَر.
جنڊُ: ثقافت اٽلي هاڻ،
شهري چوڪرِ ڏارو ڏر!
خيرُ تہ هو ڪا ارچڻ چا؟
ايڏو دير سان موٽئين گهر!
رات پهر ۾ سارُن- مالهہَ،
ذهن جي کوهہ جي اک- نيسر.
منظر وقت سان مٽجي ويو،
رات جا سپنا ۽ ويسر!

## غزل
ادل سومرو

ڪهڙين ڪهڙين ٿُهمتن کي سارجي،
آرسيءَ کي منهن ڪهڙو ڏيکارجي!
هر ڪا بازي هارجي آهي وئي،
هاڻ تو هاٿي رڳو بس هارجي.
وقت پيرن ۾ لتاڙي آ ڇڏيو،
ويندڙن کي ڪيترو بيهارجي.
تنهنجي باري ۾ چون ٿا: راءِ ڏي،
سمنڊ بابت جا پلا ويچارجي.
خانقاهن ۾ گذاريو آ گهڻو،
ڪجهہ تہ رندن سان بہ گڏجي گهارجي.
بيو تہ ارپڻ لاءِ ڪجهہ ناهي بچيو،
پاڻ کي ٻوڙي بہ توکي تارجي.
ڪوبہ ٻوٽو جي، نٿا ٻاري سگهون،
ڪا تہ وائي ڪو غزل ئي ٻارجي.

## غزل
مسافر هاليپوٽو

معاشرو سڌارجي، ٿي پيو خراب آ،
بگاڙ کي سنوارجي اهو تہ انقلاب آ.
اُجاڙ منڊ ۾ بهار جا خواب پوڪجن!!
ڏڪار کي سُڪار جي، وڏي اها وفا بہ آ.
پريت جي پچار ۾ سِڌا هلو سچا هلو،
پيار کي وسارجي وڏو اهو عذاب آ.
غلاظتون تڙي ڪڍي صداقتون وڌائجن،
وقار سان گذارجي اهو چيو نصاب آ.
ڏسو شڪار ۾ ڪويل کي ڪٽي ٻتو اٿن،
اڏار ڪا ڪسي ونڻ، وڏو تہ ڪم خراب آ.
بشارتون نٿيون ملن، رڳو عبادتن منجهان،
غدار کي ٽڪارجي اهو وڏو ثواب آ.
مسافر مُنجهي نہ پئو، اجهو ٿيون منزلون ملن،
گلي گلي بهار آ، گلي گلي گلاب آ.

## نثري نظم!
آدرش امير جان

هن مون کان پڇيو تہ:
آزادي ڇا ڏيندي آهي!؟
چيم:
آزادي هڪ آئيندو ڏيندي آهي!
جنهن ۾ قومن جا قداور سپنا،
تعبيرن ڏانهن پنڌ ڪندا آهن!
آزادي هڪ گل ڏيندي آهي!
جنهن جي سڳنڌ پوري سنسار کي
مهڪائي ڇڏيندي آهي!!
آزادي هڪ عورت ڏيندي آهي!
جيڪا جوڌن جي جهور ٿيل جسمن تي!
پنهنجي گلابي چپن سان چميون ڏيندي آهي!!
آزادي هڪ واءُ ڏيندي آهي!
جنهن ۾ سُڪي ويل سانجهي،
نئين سر نسرجي پوندي آهي!!
آزادي هڪ صبح ڏيندي آهي!
جنهن ۾ اوسيئڙن جي اڄ
هميشہ لئہ بجهائي سگهبي آهي!
آزادي هڪ ٻار ڏيندي آهي!
جيڪو صدين جي سوڳ کي،
علم جي اکين سان ختم ڪري ڇڏيندو آهي!
آزادي هڪ هار ڏيندي آهي!
جيڪو ڌرتيءَ لئہ قربان ٿيندڙ جوڌن
جي جبلن جيان هنيلن پيئرن کي پارائبو آهي!
آزادي هڪ سنسار ڏيندي آهي!
جنهن ۾ ڪوبہ نفرت جو وڻ ناهي ڦٽندو،
جتي محبتن جي مهڪ هوندي آهي!!
آزادي هڪ جيون ڏيندي آهي!
جنهن ۾ سڦلتا جا سڀ راز،
سمايل هوندا آهن!!
آزادي هڪ دل ڏيندي آهي!
جنهن ۾ پريت آشرم اڏيل هوندو آهي!
جنهن ۾ محبتن جا مينار ڪڙا ٿيل هوندا آهن!!
آزادي هڪ سوچ ڏيندي آهي!
جنهن ۾ گهٽجندڙ ماحول،
۽ گدلاڻ وارو تصور ئي ناهي هوندو!!
آزادي هڪ منزل ڏيندي آهي!
جيڪا پٽ تي پنن جيان ڇٽي پيل قوم کي!
اتساهہ طرف وٺي ويندي آهي!!

# آرٽ كارنر











Artist:
**Saba Qayum Laghari**

صبا قيوم لغاري سنڌ جي نئين ايرنڊڙ آرٽسٽ ۽ ڊزائينر آهي، سندس پيدائش 19 ڊسمبر 1991ع حيدرآباد ۾ ٿي. صبا قيوم جو آرٽ سان لڳاءُ قدرتي آهي، هن پنهنجي آرٽ جي تعليم سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو انسٽيٽيوٽ آف آرٽ اينڊ ڊزائين مان حاصل ڪئي. صبا قيوم لغاري هڪ ورسٽائل آرٽسٽ آهي هوءَ هڪ بهترين ٽيڪسٽائل ڊزائينر ۽ فائن آرٽ جي پينٽنگ آرٽسٽ آهي. هن جي پينٽنگ ناهڻ جو انداز روايتي آرٽسٽن کان ڪافي مختلف آهي. ڇاڪاڻ ته هوءَ پينٽنگ لاءِ ڪلر پيلٽ نائيف بدران ڪچن نائيف جو استعمال ڪندي آهي. صبا پنهنجي پينٽنگس ۾ پنهنجي ارد گرد جي ماحول جون نظر انداز ٿيل روز مره جي معمولي شين جي خوبصورتي کي اجاگر ڪري ٿي. صبا قيوم پنهنجو آرٽ ملڪ جي مختلف آرٽ گيلريز ۾ نمائش جي لاءِ پڻ موڪليندي رهندي آهي ۽ هن وقت سينٽر آف ايڪسيلينس ان آرٽ اينڊ ڊزائين ڄامشورو جي شعبي ٽيڪسٽائل ڊزائين ۾ ليڪچرار طور ڪم ڪري رهي آهي.

COMEX
ACADEMY

# Admissions Open

## Screening Test Preparation

**CCE-2019 (PCS)**

**Handouts**
**Regular Classes**
**Regular Tests**
**Grand Mock Test**

Join Us & Ensure Your Success

Contact Us:
0334-2654880

House No: B-51, Phase-1,
Qasimabad, Hyderabad,

